سپنا ساڳيءَ مُند جا

سهيڙيندڙ

وسيم سومرو

بخشل باغي

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون لوچو وهه لويار

صاحب خان ”سورهه“ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

سپنا ساڳيءَ مند جا

شاعري

(نواب شاهه جي شاعرن جو تعارف ڪلام)

سهيڙيندڙ

وسيم سومرو

بخشل باغي

سپ پبلشرز نواب شاهه

Soorih Mirani

Sip Book No: **3**

کتاب جا ھڪڙئي حق ۽ واسطا اداري وٽ ھٿيڪا

کتاب جو نالو : سپنا ساڳيءَ منُد جا

سھيڙيندڙ : وسيم سومرو ۽ بخشل باغي

ڇاپو پھريون : اپريل 2002ع

ڇپائيندڙ : سپ پبلشرزنواب شاھ

ڪمپوزر : اطھر علي ٻرڙو (ايگل ڪمپوٽر نواب شاھ)

لي آئوٽ : وسيم سومرو

اندريان اسڪيچ : ڪاشف علي ٻرڙو

ملھ : 00-150 روپيہ

ملڻ جا ھنڌ:

ماءِ بڪ ھائوس نواب شاھ

سنڌ بڪ ڪلب حيدرآباد

رابيل ڪتاب گھر لاڙڪاڻو

عزيز ڪتاب گھر سکر

ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور ڪراچي

نئون نياپو ڪتاب گھر لاڙڪاڻو

سپ پبلشرز ٻنگوار ڪالوني نواب شاھ

Soorih Mirani

	اداري پاران	8
	وت آئي ڪاڙهن ٻيون جي (مهاڳ) تاجل بيوس	12

لڙيو سج لڪن ۾

1	الحاج رحيم بخش قمر لاڪو	39
2	حڪيم قاضي محمد يعقوب	41
3	پرسرام ضيا	42
4	نظر سنڌي	47
5	برده سنڌي	51
6	نور عباسي	55
7	الطاف عباسي	57
8	پير ضيا خياروي	62
9	رشيد ساجن منگي	65

سُرها سُرها گلَ

1	عبدالحڪيم ارشد	71
2	قمر شهباز	76
3	منظور حسين قريشي	81
4	بشير پکهيو	82
5	علي اصغر خاصخيلي	85
6	رسول بخش زرداري	88
7	پير شبير احمد شوق	92
8	نادر شاهه فراق	95
9	بهرام زرداري	98
10	جاني جمالي	101
11	پروفيسر محمد بخش بلوچ	105

12	پروفيسر رستم خاصخيلي	109
13	لونگ خان چنا	112
14	علي خان چانڊيو	115

سپنا ساڳيءَ مَند جا

1	مير عبدالرسول مير	121
2	وسيم سومرو	125
3	سڄڻ سنڌي	131
4	فياض چنڊ ڪليري	134
5	بخشل باغي	139
6	ستار سندر	146
7	فهيم شناس	152
8	انجم نقوي	156
9	منور سراج	159
10	روشن ڪلهوڙو	163
11	بادل لرا	166
12	مير منظور راڄپر	169
13	جاويد بروهي	172
14	رضوان ميمڻ	175
15	مير بيتاب	176
16	مسعود جمالي	178
17	ڊپائي مهر	181
18	زاهد سومرو	184
19	عابد مگسي	187

20	مقبول پنيرو	190
21	هدايت کوکر	194
22	صديق بسمل	197
23	سخاوت لُنڊ	201
24	حسرت شاهاڻي	204
25	پريتم قاضي	207
26	ارشاد چانديو	210
27	رضا ڏاهري	212
28	امداد رند	215
29	اسير ڏاهري	217
30	جانب مگسي	220
31	شريف ميراڻي	223
32	سڄڻ جوڻيجو	226
33	عرفان سمون	228
34	نور نبي سيال	229
35	نديم ڪريم پٽي	231

نوريون نيل ڪنول

1	عصمت ڏاهري	235
2	صُغرا گل	238
3	رخسانا پريت چنڙ	240
4	شهناز لاکو	243
5	وينگس سومرو	247

سورج شاخون ڪڍيون

1	خادم عباس شاهه	251
2	ذوالفقار عباسي	254
3	امر ميرائي	257
4	ظهير زرداري	260
5	سليم جان آريجو	262
6	احسان علي حيدري	265
7	رشيد حسين زرداري	268
8	اصغر مغل	271
9	وفا يار محمد	272
10	عباس پتي	275
11	طارق نقاش	278
12	غفور گل ٽُنيو	280
13	فقير غلام حسين	282



پيار جي پيٽا

هي ماڻڪَ،
"ماڻڪ سنڌي" جي نالي
سنڌي ادب کان
سندس نالو الڳ ڪبو، ته
سنڌ جو فڪشن اڻپورو تصور ٿيندو.

بخشل باغي
وسيم سومرو

پيارا
ساٿيو!
جيئي سنڌ!

سپ پبلشرز نواب شاهه پاران رضا ڏاهريءَ جو شعري مجموعو "ستارن جا رستا" ۽ بخشل باغي جي قومي شاعريءَ جو مجموعو "سپنو سنڌو ديس جو" وهان تائين پهتو، جنهن جي اوهان پڙهندڙن وٽان ڀرپور موٽ ملڻ ماڻيندي اسان سپ پبلشرز نواب شاهه پاران ان ڪتابي سلسلي کي اڳتي وڌائيندي ٽيون گڏيل شعري مجموعو "سپنا ساڳيءَ مند جا" اوهان آڏو پيش ڪندي انتهائي گهڻي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون، جيڪو ڪتاب نواب شاهه شهر جي گذري ويل يا موجوده سينيئر توڙي جونيئر شاعرن جي تعارف ۽ ڪلام تي ٻڌل پنهنجي طور تي هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. گهڻن شاعرن جي هجڻ ڪري هن ڪتاب کي پنجن حصن ۾ پنجن مختلف عنوانن هيٺ ورهايو ويو آهي ته جيئن هي شعري مجموعو يڪسانيت جو شڪار نه ٿئي.

”اِهي شاعر آهيان، انهن شين جي جوڙجڪ ڪندو آهيان، جن کي زندگي ٽيڙي ڇڏيندي آهي“ ، الائي ڇو خليل جبران جي اِن اڌ خيال جيان اڇي خيال جاڳيو ته هوند نواب شاهه جي شاعرن جي شاعريءَ کي هڪ هنڌ جمع ڪجي. نيٺ اسان اهڙي ڪوشش جو ارادو ڪيو ۽ پوءِ اُن ارادي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪٽي نواب شاهه جي روڊن ۽ رستن کي ماپڻ شروع ڪيو.

هي جمع ڪيل شاعري، جنهن جو سرو اسان، "سپنا ساڳيءَ مند جا" رکيو آهي، ان ڪري ٻه ته دنيا جي سيني شاعرن جو (Thought) لڳ ڀڳ هڪڙو ئي هوندو آهي "پيار" هي پيار هڪڙو گهڻ پاسائون اسمُ آهي، جنهن جا لاڳاپا محبوب جي مُرڪ کان وٺي ڪنهن معصوم جي لُڙڪ تائين ۽ ڪنهن وطن جي حُب کان وٺي مٽيءَ جي موهه تائين پکڙيل آهن، ۽ گدري جي ولين وانگر پکڙجندا ئي رهندا آهن ۽ انهن لاڳاپانن جو ڇيهه ڪٿي به نه ٿيندو آهي.

ڀل توهين سفر ۾ هجو ، پينگهي ۾ لُڏي رهيا هجو، محبوبا جي ياڪر ۾ هجو يا اڪيلاين جا ڏينهن گهاريندا هجو، يا وري توهين مرڪندا هجو، لڙڪ هاريندا هُجو يا جهونگاريندي نديءَ ڪناري گذرندا هجو، ۾ هي شاعريءَ جي پيار جا لاڳاپا توهان کي ڳولي ئي لهندا آهن. ان ڪري توهان تير انداز ڪان ته بچي سگهو ٿا پر شاعريءَ جي نظر کان نه ! دراصل شاعريءَ جي نظر جو ڦهلاءُ ايترو وسيع هوندو آهي، جو ان ۾ ڪيئن ڪهڪشائون جيئن هيءَ شاعري آهي، جا ڪجهه دير کان پوءِ پنهنجون

ريشمي ڌارون چوڙي، توهان جي سامهون ايندي، ۽ توهان کي پنهنجو درشن ڪرائيندي خوشي محسوس ڪندي، شاعريءَ جي فڪر جيان ان جو چهرو به هڪڙو ئي هوندو آهي جنهن کي اسين "سونهن" سان تعمير ڪريون ٿا. سُونهن جيڪڏهن گم ٿي وڃي ته پوءِ دنيا هڪ اونداهو ڪنڊ بنجي ويندي ۽ اُها اکين جي سڄڻ لاءِ نه پر اکين وارن لاءِ به اونداهو ڪنڊ بنجي ويندي. پر شاعريءَ کي اهو منظور نه آهي ان ڪري اُها سچي فطرت، سماج ۽ ذهن جي سونهن کي ميڙي چونڊي توهان لاءِ جمع ڪندي رهي ٿي، جيئن دنيا توهان لاءِ اونداهه ڪنڊ نه پر هڪ رنگين گلستان ٿي رهي.

هيءَ شاعري جا تقريبن 30 سالن جي عهد جي شاعري آهي، واقعي به ٽيهن سالن جي شاعريءَ کي، شاعريءَ جو هڪ عهد سڏي سگهجي ٿو. هڪ زنده قوم لاءِ شاعري جو هڪ عهد وڏي معنيٰ رکندڙ هوندو آهي، اها شاعري ڪيترو اهم ۽ ڪيتري معنيٰ خيز آهي، ان تي تفصيلي مهاڳ ته سنڌ جي سدا بهار شاعر تاجل بيوس لکيو آهي، اسين صرف اهو چئون ٿا ته، هن شاعريءَ جو سنڌ جي حالتن تي ضرور تاريخي اثر پوڻو آهي، جو ته شاعري تاريخ جي اهميت جي حامل هوندي آهي، ان جي سٽ سٽ ڌرتيءَ جو آواز هوندي آهي، جيئن هيءَ شاعري آهي، جنهن کي پنهنجو لهجو پنهنجو رنگ آهي.

"سپنا ساڳيءَ منڊ جا" واري ڪوشش اسان جي پهرين ڪوشش نه آهي پر

اهڙي ئي قسم جي ڪوشش ان کان اڳ به ضلعي نواب شاهه تي بدل ڪتابي صورت ۾ اسان جا دوست ڪري چڪا آهن، جنهن جي اهميت ۽ افاديت کان انڪار هرگز نٿو ڪري سگهجي. پر جيئن ته اُها ڪوشش اُن وقت جي حوالي کان نيڪ ته هئي پر اڄوڪي اعتبار کان اُها اسان کي اڌوري محسوس ٿي رهي آهي، جو ته اُها پوئين دور جي حال ۾ لکيل اُن وقت جي تقريبن ٽيهارو سال کن اڳ جي آهي. ان وچ ۾ ٽيهن سالن ۾ اڄ تائين هڪ دور جُڙي ٿو. جيڪو پڻ انتهاسڪ اهميت جو حامل آهي، انهن ٽيهن سالن ۾ ادبي تحريڪ ۽ تاريخ ۾ کهڙي ٽوڙ ڦوڙ ٿي، اُن جا کهڙا اثر پيا ۽ کهڙا نوان نالا آيا ۽ ويا. پر پوءِ به ڪجهه ئي اهڙا نالا رهيا آهن. جيڪي اڄ به ادب جي اُفق تي ڪهڪشائن جيان جهرمر ڪري رهيا آهن.

اهڙي ئي قسم جي هڪڙي ئي ڪوشش ڪندي اسان صرف نواب شاهه شهر سان ڪنهن به طور ئي منسوب شاعرن جو تعارف ۽ ڪلام مرتب ڪري ارهان کي پيش ڪريون ٿا.

ظاهر آهي ته ان ڪلام ۾ اهڙو به ڪلام شامل آهي جيڪو بلڪل ئي نون شعر چونڊڻ جو آهي.

جنهن ۾ شاعريءَ جون مڪمل ضرورتون به پوريون ٿيل ڪونه ٿيون ملن ۽ وزن بحر جي ڪچائي يا خيال جو روايت پٺو پڻ ملي ٿو ۾ جيئن ته اُهي سيئي شاعر نواب شاهه جي مٽيءَ جا شاعر آهن. ۽ انهن ڪجهه ڦڪو پنهنجو اظهار شعر ذريعي ڪيو آهي. ان پس منظر ۾ انهن شاعرن جو شامل هجڻ اهو ٻُڌائي ٿو ته نواب شاهه شهر ادبي طور تي شاعري واري حوالي کان وڏي اهميت رکي ٿو ۽ ان کان علاوه لکل شاعرن کي هي ڪتاب دريافت ڪرڻ جو اعزاز پڻ رکي ٿو.

"صرف نواب شاهه شهر جي وضاحت ڪرڻ به ضروري ٿا سمجهون ته ضلع نواب شاهه جي شاعرن کي سهيڙڻ ڪم از ڪم اسان لاءِ انتهائي مُشڪل ڪم هو. جڏهن ته رڳو شهر نواب شاهه جي شاعرن کي سهيڙيندي، سهيڙيندي جيڪو اسان کي ڪوڙهو مُشاهدو ٿيو آهي اهوني هن ڪتاب جي سهيڙيل شاعريءَ کان انتهائي ھيٺو ۽ ڪيٺو آهي. اُن تجربي کي نظر ۾ رکندي اسان اڄ جڏهن هِن ڪم کي نواب شاهه تائين محدود ڪرڻ واري فيصلي تي ويچاريون ٿا ته اسان کي هِن مهل وڏي خوشي محسوس ٿي رهي آهي جو ته نواب شاهه شهر جي شاعرن سان نَي رابطي ۾ اچڻ ۽ اُنهن کان مواد حاصل ڪرڻ وارو سلسلو سچ ته اسان جي وقت به وقت دل شڪني کان سواءِ ڪجهه به نه رهيو آهي.

ان تجربي جي حقيقت ۽ پوگيل پريشانين کي اسان نِي ڄاڻي ۽ سمجهي سگهون ٿا ته اسان ڪيئن نه نواب شاهه جي رستن تي بي حد رُليا آهيون، جيترو اسان گنريل سموري زندگيءَ ۾ به نه رُليا هونداسين يا جيترو شاعرن جي درن جا ڪڙا کڙڪائي ساڻن ملڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سچ ته اسان ان عملي ڪم دوران هر چيز کان ڪنجي سوا ڪنهن مفاد جي همت ۽ سچائي سان مصروف رهيا آهيون.

اسان ڪيئن نه پيرين پنڌ نواب شاهه جي ڦهليل ايراضي ۾ هڪ چيڙي کان ٻني چيڙي تائين ڏهه، ڏهه، پيرا پنڌ وجي دوستن سان رابطو ڪري مواد حاصل ڪيو آهي. سچ ته اُهو عمل ڏاڍو سخت ٿڪائيندڙ، مايوس ڪندڙ ۽ وقت گهربل آهي ۾ پوءِ به ايڏي جدوجهد جي باوجود به ڪجهه نه سهو، قسم جا ماڻهو اسان سان سهڪار ڪرڻ کان پاسيرا رهيا. اسان ان دوران نواب شاهه شهر جي شاعرن جو ڀهريو پيرو پرپور انداز سان شخصي مشاهدو پڻ ماڻي ورتو آهي. جو ته اُهي شاعر جيڪي پنهنجن لکڻين ۾ ته حقيقت پسند ۽ سچ جا علمبردار نظر ايندا آهن. اُهي ڪيڏا نه عمليءَ ميدان ۾ پاڙيا، گهٽي، مُنافق، مُفاد پرست ۽ ڪوڙا نڪتا. ڪيئن نه هُو پنهنجي گهرن ۾ موجود هوندي به پنهنجن معصوم ٻارڙن کي سچ جو سبق ڏيڻ بدران ڪوڙ جو ڪلمو پڙهائي گهر ۾ پنهنجي نه هجڻ جو ڪوڙ ڳالهارائين پيا. يا هو ڪيئن نه ڪنهن جي ڪنيل ڇڳي قدم کي ندين پيا، سُني ڪارو بار ڪرڻ سان پيٽين

پيا. ڪهڙا، ڪهڙا نہ عجيب و غريب رايا، ڳالهيون ۽ غلط فهميون پيدا ڪن پيا.

سچ تہ اسان کي اُنهن دوستن ڏاڍو مانُ بخشيو ۽ ان ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۾ اتساهيو، جيڪي ادب جي شهرت واري دنيا کان بلڪل بہ پاسيرا، پنهنجي ذاتي ۽ سماجي زندگيءَ سان سلهاڙيل نظر آيا. جڏهن تہ اُهي دوست جيڪي اڄ رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻيل نظر اچن ٿا. اُنهن هنن دوستن جي بنسبت اسان کي بلڪل بہ مايوس ڪري وڌو. پر اسان گڏيل طور تي انهن مڙني منفي حالتن کي همت سان اُڪاري هي ڪتاب سهيڙي توهان آڏو پيش ڪيون ٿا.

اسان ذاتي طور تي بہ شهر نواب شاهہ جي هر شاعر سان ملي ڪين مواد ڏيڻ جي گهر ڪئي اُن سلسلي ۾ جن شاعرن شريڪ ٿيڻ چاهيو، اهي شامل آهن، پر اُهي شاعرَ جن تير اندازيون ڪيون ۽ پاسيرا رهيا، اهي افسوس تہ اسان جي هن نيڪ ڪم ۾ شامل نہ ٿي سگهيا.

۽ ٻاهر ئي رهيا آهن.

"سپنا ساڳيءَ هند جا" نواب شاهہ شهر جي شاعرن جا اُهي خواب آهن، جيڪي پوريءَ دنيا جي شاعرن جا خواب ٿين ٿا. شاعري اصل ۾ هڪ اهڙي ڪيفيت جو گڏيل ناءُ آهي، جنهن کي اسان احساس جو ناءُ ڏيون ٿا. اُهو احساس جيڪو پاڻ مرادو شعري صورت ۾ نروار ٿي لفظن ۾ اوتجي وڃي. اهو ئي سبب آهي جو سڄي دنيا جي شاعريءَ جا بنيادي مسئلا يا سبب سدائين هڪ جهڙائي ۾ئي رهيا آهن. ڇو تہ شاعري عالمگير جذبي جو اُتم نانُ آهي.

سپ پبلشرز نواب شاهہ جا مستقبل ۾ اڃان بہ ڪيئي خواب آهن جن جي ساپيان اوهان جي سات ۽ سهڪار جي سدائين طلب گار رهندي ۽ سپ پبلشرز کي اهو پختو يقين آهي تہ اوهان جو اگر سات رهيو تہ هي اڄ جو بلڪل ننڍڙو ادارو آهي اهو مستقبل ۾ سنڌ ديس جو هڪ وڏو ادارو ٿي سامهون ايندو.

جيئي سنڌ

وسيم سومرو

بخشل باغي

20 ڊسمبر 2001ع

مهاڳ

رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي.

هن شعري مجموعي "سپنا ساڳيءَ مُند جا" ۾ نواب شاهه جا جملي ڇاهتر (76) شاعر شامل آهن جن ۾ هڪڙا اهي شاعر آهن، جيڪي اسان کان وڇڙي ويا آهن. هڪڙا اهي شاعر جن پنهنجي شاعريءَ جا جديد نوان سڪا تخليق ڪيا آهن ۽ آخر ۾ اهي شاعر به شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي بلڪل نوان آهن جن جو شعر اڃا ڪچو ڦڪو آهي، پر اهي جيڪڏهن پنهنجو رياض جاري رکندا ته شاعريءَ جا ضرور نوان گس ڳولي لهندا. هن مجموعي جا پنج پورشن آهن، اها خود ان مجموعي جي انفراديت آهي. مون کي جڏهن مهاڳ لاءِ وسيم سومرو ۽ بخشل باغي راضي ڪيو ته اينرن شاعرن تي هڪ وقت تفصيل سان لکڻ مون لاءِ مسئلو هو، ڇو ته تازو مان ڀارت جي نئين ياترا ڪري موٽيو هوس، مونکي ٿڪ جي باوجود به ڪافي ڪم ڪرڻو هو، ان ڪري مون مهاڳ لاءِ صرف 34 شاعرن جي چونڊ ڪئي آهي. ۽ شاعريءَ جي جن صنفن تي طبع آزمائي ٿيل آهي، اُهي صنفون آهن: بيت، وائي، ڪافي، غزل، گيت، لوڪ گيت، هائيڪو، پابند نظم، آزاد نظم، قطعو ۽ نثري نظم. هنن شاعرن مان ڪي اهڙا به شاعر آهن، جي ڪوتا نگر جي ڪاڪ محل جا راڻا ٿا لڳن. جيئن راڻو پنجن حواسن جي آڌار تي سڃاڻ هڻڻ ڪري، ڪاڪِ جي طلسم، ورن وڪڙن ۽ ڪُڏڻ ڪُرڻ جو ڄاڻو هو، ائين هن مجموعي جا ڪيترائي شاعر شعر جي وزن، موضوعن، جماليات، فڪر جي گهرائي، اسلوب، موضوعن جي ندرت (Novlty) ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن، مرو تڏهن هجي ٿو، جڏهن درياهه جي واهڙ يا سمنڊ جي ڪاريءَ ۾ گهڙڻ کان اڳ، ماڻهو هڪ سٺو تارُو ۽ لوهو هجي. ٻيءَ صورت ۾ سُهڻيءَ ۽ ميهار وانگر شاعر کي تنقيد جي واڳن ۽ مڇن جو ڪاچ ٿيڻو ٿو پوي.

افسوس ان ڳالهه تي به ٿئي ٿو، جو ڪي شاعر وزن کان به واقف ناهن! سنڌي شعر نه علم عروض تي آهي، ۽ نه ڇند وديا جي اصولن تي ٺهيل آهي، اهڙن شاعرن کان جيڪڏهن پڇيو وڃي، ته هنديءَ جي ڇند وديا ۾ هڪ ماترائي ۽ ٻه ماترائي رُڪن ۾ ڪهڙو فرق آهي، يا علم عروض جي متحرڪ ۽ ساڪن ماترائن يا حرفن ۾ ڪهڙو فرق آهي، ته جواب تسلي بخش نه ملندو. اڄوڪي دؤر ۾، جڏهن نئين ٽهيءَ جي گهڻن نوجوان شاعرن تي الزام آهي ته هو گهٽ مطالعو ڪري، بيت ۾ ڪم اينڊڙ

گر ماترائن ۽ لگھو ماترائن کان غير واقف آهن، ڪين شاعريءَ جي هن فني علم ۾ ڄاڻ ۽ ماهر هجڻ گهرجي. ڪين اها به خبر هئڻ گهرجي، ته جپان جي اصل هائيڪو ۾ هتي سنڌ ۾ تخليق ٿيندڙ ٽيڙوءَ يا نه، تي ۾ ڪهڙو فرق آهي. ان ڏس ۾ ڪين اها به خبر هئڻ گهرجي، ته نه رڳو هائيڪو به ماترائي رُڪن يا گرا ماترائن تي جوڙيو ويندو آهي، ۾ جپاني زبان آهي ئي گر ماترائي رُڪن تي نهيل. يا ائين چئجي، ته بعد رُڪن ۾ علم عروض واريون متحرڪ ۽ ساڪن ماترائون هونديون آهن. هن ٻوليءَ توڙي هائيڪو ۾ هڪ ماترائي رُڪن ٿيندو ئي ڪونه آهي. اهو ئي سبب آهي، جو جپاني هائيڪو ۾ هُو، تون ۽ مان جهڙا به ماترائي رُڪن (Syllable) هوندا آهن، ۽ 1، ڪ، يَا، مُ جهڙا هڪ ماترائي رڪن نه هوندا آهن. ان ڪري اسان کي لکڻ ۽ سمجهڻ گهرجي، ته هائيڪو جي پهرينءَ سٽ ۾ پنج به ماترائي رُڪن، ٻيءَ سٽ ۾ ست به ماترائي رڪن ۽ ٽيئن سٽ ۾ به پنج ماترائي رڪن هوندا آهن. اها ڳالهه اسان هينئن به ڪري سگهون ٿا، ته اهڙا رُڪن متحرڪ ۽ ساڪن ماترائن يا حرفن وارا هجڻ گهرجن. اچو ته اُردو زبان جي اُستاد شاعر محسن ڀوپاليءَ جي هڪ هائيڪو ۾ ٻن سنڌي هائيڪو جو وزن جاچيندا هلون:

ميرا سايہ هي
تاريڪي مين وه مجهه سي
ملني آيا هي

مي - را - سا - يہ - هي
فع - لُن - فع - لُن - فع
تا - ري - کي - مين - وه - مجهه - سَي
فع - لُن - فع - لُن - فع - لُن - فع
مل - ني - آ - يا - هي
فع - لُن - فع - لُن - فع

اوهان ڏسندو، ته جپاني هائيڪو جو وزن اسان علم عروض جي بحر متقارب جي فعلن، فعلن واري وزن يا تقطيع تي به دُرست ڪري سگهون ٿا.

پنڇي ٿا ٻولين
هيري، ليڇمڻ، ٺاڪر جا
خطرا ٿا ڪولين

ماٿهو اُڪرن ٿا
سهسين اِن ڪارونجهر ڪان
سوَرج اُڀرن ٿا.
(تاجل بيوس)

اوهان تقطيع (Scanning) تي فعلن، فعلن جي وزن سان مٿين ٻن هائيڪن کي پرکي سگهو ٿا.

هنن ۳۴ شاعرن جي شاعري پڙهڻ سان هيءَ حقيقت صاف ظاهر آهي، ته روائتي شاعري ۽ اڄوڪي شاعريءَ ۾ زمين ۽ آسمان وارو فرق ٿيڻ لڳو آهي. روائتي شاعري موجب غزل جو محور حسن پرستي، يا مجازي عشق مقرر ٿيل هو، يعني محبوبائن سان عشق ۽ محبت وارا لڳ لاڳاپا قائم ڪرڻ. هونءَ به تغزلَ جي معنيٰ ئي آهي: سُهڻن ماڻهن سان عشق جون ڳالهيون ڪرڻ، جن سهڻن ماڻهن ۾ مؤنث توڙي مذڪر محبوب به شامل آهي. شاعريءَ جي هن دائري ۾ حسن جمال، ناز انداز، زلفن جا دام، وفائون ۽ جفائون اچي ٿي ويون.

ورهاڱي واري حادثي کان اڳ ۽ ڪجهه وقت پوءِ سنڌي غزل برابر زلفن جي دام ۾ جڪڙيل هو. صراحي، مينا، گل ۽ بلبل جي داستانن ۾ رچيل غزل هو، جنهن ۾ سُهڻين عورتن جو ساقي گريءَ وارو عمل دخل به شامل هوندو هو، جي محفلن ۾ يا اڪيلائپ ۾ زلفن کي ڇنڊڪي سان ڪلهن تي اُڇلائي، جُهڪي جام پيش ڪنديون هيون. اِن جي ابتڙ هن وقت غزل روائتي ڏٻڻ (Quagmire) مان نڪري زميني، قومي، فطري، ۽ سائنسي سوچ ويچار ۽ ادب جي ترقي پسند قدرن سان مالا مال ٿي ويو آهي. هن قسم جي غزلن ۾ اسلوب (Diction) موضوعن، استعارن (Metaphors) علامتن (Symbols) تمثيلن (Allegories) ۽ تشبيهن (Similes) ، مطلب ته پوري تاجي - پيٽي ۾ هڪ الڳ رنگ ۽ روپ آهي، جن ۾ ڇپڙين، يڪتاري ۽ ڍولڪ جي ٿاڪ، گهنگهرن جي ڇم، ڇم، ڳوناٺو ماحول ۽ سنڌ ساڻيهه جي مٽيءَ جي ڀني خوشبو ۽ توڙي آفاقي هڳاءُ اچڻ لڳو آهي.

وائي به سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ قديم صنف آهي، جا پهرئين لفظ کان آخري لفظ تائين ميناج سان پريل ۽ سُرن ۾ رچيل (Lyrical) هجي ٿي. هيءَ صنف عشقيه داستانن ۽ تصوف يا ويدانيت جي رنگ ۾ رڱجي، هن وقت زميني، قومي، معاشي ۽ آفاقي قدرن جون شالون ۽ ڳهه ڳنا پائي، سماجي ڪارج يا سڦلتا (Social Utility) ۾ شاهوڪار ٿي چُڪي آهي.

منهنجيءَ کوج موجب وائيءَ جي هيئت (Form) ۽ سٽاءَ لحاظ کان وائين جا ڇهه (٦) قسم ٿين ٿا. پهريون قسم آهي هيڪو ٽي وائي، جنهن ۾ پهرين سٽ ٿلهه طور استعمال ٿيندي آهي، ۽ قافيو آخر ۾ ايندو آهي. ڇهين قسم جي وائيءَ ۾ ٻه مختلف قافيا ٿيندا آهن، يعني ٻئي پد قافين سان سينگاريل هوندا آهن.

شاعرن جو شعر ڏيڻ ۽ مٿن ڪجهه ويچار ڏيڻ کان اڳ مان سپ پبلشرس جي هيءَ جاکوڙ ساراهه لائق ٿو سمجهان، جو نواب شاهه ۽ نواب شاهه ضلعي جي شاعرن جو حصن ۾ ڪلام ڇپائي پڌرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو اٿائون. اهو ائين آهي، جيئن مختلف رنگن ۽ خوشبودار گلن کي هڪ لڙهيءَ ۾ ويهي پوئجي. شال ان ڀڻيءَ ۽ نوابشاهي شاعرن جي سڳنڌ. سنڌ جي ٻين ضلعن تائين به پهچي! اها روايت ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ وارن ڏهاڪن ۾ هن وقت تائين ڪيترن ئي ڪتابن کي ڇپائڻ سان ڪني ويٺي هئي،جي منهنجي معلومات موجب آهن، پنکڙيون (هري دلگير ۽ نارائڻ شيام)، سوچون سرها گل (تاج جويو ۽ اياز گل) ٻه شاعر ٻه ڪهاڻيڪار، ڏيئا، ڏيئا، ڏيئا لاٽ (سورنهن شاعرن جو ڪلام) ۽ چار ڪهاڻيڪار ۽ چار نُقاد "ڏيئا ڏيئا لاٽ" جو مهاڳ پنهنجي وقت جي وڏي شاعر شيخ اياز لکيو هو.

مان نوجوان شاعر وسيم سومري جي شاعريءَ کان ته اڳ ۾ ئي متاثر هيس، پر جڏهن بخشل باغيءَ جا غزل پڙهيم، ته ٻڏ تر ۾ اچي ويس، ته هن ٻنهي شاعرن جي فڪر ۽ مشاهداتي عڪسن ۽ اولڙن جي کهڙن لفظن ۾ واڪاڻ ڪجي! ڪيئن ٻُڌائجي، ته ڪير کهڙي هنڌ تي بيٺو آهي!! بخشل کي پڙهو:

برف پوندڙ پربتن تي سوچجان،
تون خدا جي رحمتن تي سوچجان،
عيب منهنجا تون نظر ۾ رک پلي،
پر سندم ڪجهه محبتن تي سوچجان،
گذرندي ئي هڪ نظر تن تي وجهي،
تون ڊئل هن تربتن تي سوچجان.
پوڻه جو سودو ڪرڻ کان ڪجهه اڳي،
ٽوڙڙو پنهنجي وطن تي سوچجان.

هي بہ سٽون پڙهو.

اجان تائين منهنجي ڳلن تي تيون جاڳن،
ڏنل پيار مان سڀ مٺيون سي امان جون.

شاعري آهي، يا ڪوتا ديوي سنڌوءَ ڪناري، وهاري، بخشل باغيءَ ڪي رابيلن جا هار بيٺي ٿي پارائي.

اچو تہ وسيم سومري جي غزل جا هي بند بہ پڙهون.

ڏنو تو ڪونہ، خطرا ڪيترا ها،
ٻليءَ ٻچڙي جيان چڪ ۾ رکيل ها،
منجهند جو اُسَ جي ڪڙهندڙ سفر ۾
تصور شام جو ٽڪ ۾ رکيل ها.

چو مٿس نياڻيون نڇاور ٿو ڪرين،
ڇا ڪلهن ۾ ڪوٽ ڪي ڪِرٿو تہ آ؟

وسيم سومري جو غزل مچراني ٿو، تہ هُن مختلف خيال تسبيح جي داڻن وانگي پوتا آهن. جن ڪي هڪ لڙهيءَ ٻڌائڻ لاءِ ڌاڳي جو ڪم قافين سان گڏ رديف بہ ڏين ٿا. بخشل باغيءَ جي ٻن غزلن جون سٽون هن طرح آهن.

هيڪلائي هيڪلي رهجي وئي،
شام سج سان سمنڊ ۾ لهندي رهي،
درد ڌاهيندو رهيو مونکي مگر،
ذهن ۾ تخليق ڪا نهندي رهي.

ستارن ڪان تنهنجو پتو مون پڇو جو،
چيائون وٺي وڃ اِها ڪير، ڌارا،
مٿن ڪي اجان ڊڪ ڏي تون نہ موڪي!
پريان پنڌ هُو ڏس! اچن پيا مٿارا.

اهڙي ته لڳي، ڄڻ مالهيءَ پانت، پانت جا گل چونڊي، گلدستو ٺاهيو آهي، هونءَ به جماليات (Aesthetics) ۽ مشاهدي جا بخشل ۾ مثالي عڪس ۽ اولڙا نظر ٿا اچن.

وسيم جا به هائيڪا هن طرح آهن:

پنهنجا پنل انگ،
سرتين پاٽيءَ ۾ ڏسي،
ساريا مُورن - رنگ.

پنا اُڏن ٿا،
آخر ڪنهن جيءَ سارَ ۾،
پردا لُڏن ٿا.

وسيم جا به بيت به پڙهون ٿا:

ڏارَ اُڪــهــاڙا اُس ۾، تن تي ويٺل ڪانوَ،
مون پانيو هو ڇانوَ، سدا رهندي مون مٿان.

توڪي اوجاڳا ڪندي، ســدا ڏٺــو مــون،
هاٿي ڇا لئي تون، مــٽيءَ مــان جاڳين نه ٿــو؟

مجموعي ته پوي، ته وسيم سومرو ۽ بخشل باغي قاضي احمد ۽ رئيس علي نواز اُتڙ جي ناز باغ جا به اُهي وڻ آهن، جي خوشبوءِ سان گڏ، مٿان گهاٽي ڇانوَ به ڪن ٿا.

هن شعري مجموعي ۾ مير محمد "بيتاب" جا به پنج غزل سامهون آهن. بيتاب پريو انٽر ڪامرس جو شاگرد آهي. هن ننڍڙيءَ ڄمار ۾ هيءُ شاعر غضب جي شاعري پيو ڪري:

نه ســاڳيــا پکي ۽ نه ســا شــام آهي،
وڻــن جي تــڏهــن هــر ڏکــي لام آهــي.

ڪنهي ياد هوندني ڦـــٽي آگرين جي،
جڏهن سـينڌ پنهنجي سنواري تو هوندي

اُجهـاٿيل رهيـا ديپ گـهـر جا سندم، پر
ملهـائي خوشين سـان ڏياري تو هوندي.

صـــبح جي پڪن پر لڪي رات آهي،
پڪين جي شـــروع ٿي مـــٽي لات آهي
جڏهن پي ڏنـا مـون پڪي گـڏ پر آهن
اڪيـلا ني مـحـسـوس ٿي ڪات آهي.

هڪ غزل تہ سچي جو سچو مجازي عشق توڙي اجتماعي مفادات جي سماجي ڪارج سان شربت جي شيشي وانگر بوچ تائين تمتار پريل آهي، "بيتاب جو اهو سچي جو سچو غزل هتي ڏيڻ مان پنهنجو اخلاقي فرض ٿو سمجهان.

اڄ ٻُڏي ڦـصـا ٿـرين جي پيـاس جا،
نيڻ پـــرجي آئيـــا آڪاس جا.

منهنجي جيون سـان سپن پي راند ڪئي
زندگي پي جڻ پتـــا هئي تاس جا.

نيٺ هڪ ڏينهن پاڻ ملنداسين وري،
مـــون نہ ٻوليـــا دوار آهن آس جا.

ڪو نہ آ "بيتـاب" ڪو سگهـيـو هتي،
پيـــــر روڪي وقت جي راڪاس جا.

اڄوڪي ادبي دور (Literary era) پر فـيـاض چند اُنهن آگرين تي ڳڻڻ وارن شاعرن مان آهي، جي پنهنجي دور جي گهاري شاعري ڪن ٿا.مون وٽ سندس

تي نظم ۽ پنج غزل آهن. مونکي غزلن جي پيٽ ۾، فياض چنڊ جا نظم وڌيڪ اعليٰ قدرن وارا لڳن ٿا. هتي نموني طور ڪجهه سٽون ڏجي ٿيون:

ڳالهين جا سپ ڳوٽ ولي ويا،
ولري، ولري جنون آهي
بوند، بوند لئي ترسي اکڙيون
بادل دل جا ڳس پلي ويا
ڪيلي ٿاڪ متجهند آ جاتي!
آڌ پهر جي ڇاتوءَ ۾ ويهون
اي، سي ٽڪ نه لاهي سگهندي،
دل جي ڪوري ٽاتوءَ ۾ ويهون.
*
هر طرف آ بي حسيءَ پنلوق ٿاڻي،
هير طرف ڪان گهاءِ گوليءَ جان اچي ٿو،
ٿهڪ ٽپ ٽپ ٽپڪندي سيني رهي ٿو،
ڇو اچانڪ موت ڏوليءَ جان اچي ٿو،
مان اکيون پوري سمهان ٿو زندگي!
پيار تنهنجو ماءُ جهوليءَ جان اچي ٿو.
پيار جون ڪجهه ڪاوڪرون ۽ ڪنڊ رکجان،
هڪڙي هٿ ۾ سج پني ۾ چنڊ رکجان.

مير منظور راڄپر جون منهنجي اڳيان پنج وايون آهن، جيڪو پنجن ٽي واين جي حوالي سان وائيءَ جو هڪ پلوڙ شاعر آهي. سندس واين ۾ زميني، قومي ۽ آفاقي رنگ روپ سان گڏ، مجاز جي عڪاسي به پڪي ۽ پختي آهي.

ترپي ٿو انسان،
سوچن جي طوفان ۾
مان ٿو پاتيان، مون جيان
هوندو پڻ ڀڳوان
سوچن جي طوفان ۾

*

سپنن سندو گهر
ڏاڍو وڻندو آ
ڪارين، ڪارين راتين
تارن جو منظر ڏاڍو وڻندو آ

انجم نقويءَ جا ٻه مون وٽ پنج غزل آهن، فڪر ۽ مطالعي جي حوالي سان انجم نقويءَ جي غزلن جون ڪجهه سٽون وڏن قدرن واري شاعريءَ (High - Valued Poetry) جو مثال آهن.

گوتم جي صورت مونکي نروان ملي،
منهنجا مولا! مونکي آتم گيان ملي،
آئون پهر وڻ هيٺ هان ويٺل صدين کان،
ڪاش اڃي مونکي ڪوئي ڀڳوان ملي.

خواب، گلين ۽ پيار اسان کان وسري ويو،
من - مندر جو يار اسان کان وسري ويو
جن لمحن ها خواب سجايا نيڻن تي،
تن لمحن جو پيار اسان کان وسري ويو.

پريتم قاضيءَ جا ٻه منهنجي اڳيان پنج ني غزل آهن. سندس غزلن ۾ نواب شاهه ۾ قائم ڪيل سڪندر آرٽ گئلريءَ جو ٻه اُتساهه (Inspiration) موجود آهي، جا شاعريءَ جي هڪ واکاڻ جوڳي ٻمر آهي.

ڪاشيڪر جي رنگن وانگي،
ڳاڙهيون،نيريون، پرد هوائون،
حُسن هميشه ناهي رهندو،
اُڏري ويندئيون جلد هوائون.

*

تو سان وابستہ يادن کي،
ذهن تان ڪُرچي ڪيئو پوندو،
خوشبو، سُونهن، سچائي سنڌڙي،
سچ پچ سجدو ڪرڻو پوندو.

بادل لرا جي شاعري بہ عشق مجاز واري شاعري آهي، جنهن ۾ اجتماعي مفادن کان انفرادي اُڻ تُڻ وڌيڪ آهي.

سنڌوءَ جي ڪنارن تي هنج هاڻ ڪونهن،
سچا پاڻ آهن، پرين پاڻ ڪونهن،
اڪيلو، وياڪل، ويڳاڻو وتان ٿو
محبت جا ساٿيا رهيا ماڻ ڪونهن

*

من ۾ پُور پچارون منڙا!
دردن جو تون دارون منڙا!
هاءِ هجر ۾ هانءُ ڏري ٿو،
ڪنهن جي دل تي ڦارون منڙا!

هتي بادل لرا جي هڪ مجازي ڪافيءَ جو ٿلهہ ۽ هڪ مصرع بہ ڏجي ٿو.

مونکي ايئن ڏي نہ عذاب پرين!
لاهہ پنهنجي مُک تان نقاب پرين!

تنهنجي سونهن سراپا پاڪ پرين!
تنهنجي حسن جي هر جا هاڪ پرين!
تون نينهن جو آهين نواب پرين!

سڄڻ سنڌيءَ جو هڪ گيت ۽ رايون راڳ، پڻ (Lyrical) شاعريءَ جو اعليٰ مثال آهن. گيت تہ لاجواب گيت آهي! هڪ، هڪ سٽ ساهہ ۾ سانڍڻ جهڙي آهي.

او، امان! او امان! او امان! او امان!
سوچ ـ ساگر ۾ مان، تو ٻڌان ۽ تران،
ڪوڪ تو سان ٻڌان، هر ڪنهاٽيءَ منجهان،
ٿيون صدائون اچن، مونکي پاٽيءَ منجهان،
تُو تو هوش سڀني، ساڻا! ميانٽيءَ منجهان،
مان وڃان تو وڃان، مان وڃان تو وڃان
او امان، او امان!

پکيڙتا تي ساهه
آيا ڏيٺهن ڏاڪا ڄا.

*

لال لهوءَ جي لاٽ
رت رتائون پيچرا
ڪيليون سڄون سام جون،
ڪيلي سڪتن ڪات
رت رتا تران پيچرا.

مونکي خبر ناهي، ته سچ ستتيءَ جو ڪو مجموعو ڇپجي پڌرو ٿيو به آهي، الائي نه. پر، جي هاڻي ڇپجي اسان آڏو ايندو، ته مونکي پڪ آهي ته، شاعر جو قد هالار جبل جيڏو لڳندو.

مير عبدالرسول ميرڻ گهڻي ڀاڱي شاعريءَ جو ڳڻ مجازي زمين ۾ ئي هلايو آهي. مير وٽ سڌاڻي ۽ تجربي جي پيٽ ۾، مطالعي جي کوٽ آهي. مير عبدالرسول مير کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن، پنجويهن ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام جو مطالعو ڪرڻ لازمي آهي. جن ۾ ولي محمد خان لغاري، بيدل، بيڪس، رکيل شاهه، مصري شاهه، سيد صالح شاهه، مهدي شاهه، چيزل شاهه ۽ سچل جو ڪلام پڙهڻ ۽ پرجهڻ به اچي وڃي ٿو. ان سان گڏ ويهين صديءَ جي فڪري، اسلوبي ۽ فطري گهرائيءَ کي به جوءِ ۾ جاءِ ڏيڻي آهي. اهڙي طرح هڪ سال جي مطالعي کانپوءِ مان مير کي پڪ ٿو ڏيارمان، ته سندس قلم مان، خاص طور بيت، وائي ۽ ڪافي، جا به نڪرندي، آها انتي

هوندي، چڻ ڪوتا ديوي مير عبدالرسول مير کي نواب شاهه پرسان روهڙي ڪئنال جي پَر تي تارين جي ڇانوَ ۾ ويهاري ڪِد. گلاب ۽ رابيل جا هار پنهنجي ٿي پارائي. اُن وقت مير جو سڄڻ، ساٿيهه ۾ تبديل ٿيل هوندو.

مير ۾ بي پناهه لِڪل صلاحيت (Hidden Capability) آهي جا مان بيان نه ٿو ڪري سگهان. منهنجي ڏسيل ادبي نسخي تي عمل ڪرڻ سان مير، لطيف جي مشاعرن جو شاعر ثابت ٿيندو.

نموني طور، مون وٽ پهتل ڪلام مان، ڪجهه هيٺ ڏجي ٿو.

توسان سينو ساهي ڪير سڄڻ!
پاڻي تنهنجي جُتيءَ ۾ پيرسڄڻ!

ڪن هار سينگار هزار ڪٿي
ڪري سُرما تيل قليل ڦٽي،
ته ۾ سرس سمجهان تنهنجي اک جي اٽي،
اهو اک، اک جو آهي ڦير سڄڻ!

*

تو لاءِ، رُئان وينو،
پرچاءِ، رُئان وينو.

مونکي نه اچيا منٺا
تڙپاءِ، رُئانَ وينو.

مٿي اسان ادب جي ڪارج، آفاقي قدرن، غزل، وائي ۽ ڏهن شاعرن جي شاعريءَ باب پنهنجا ويچار ڏنا آهن، جن شاعرن کي اسان ڄُهنيو آهي، اُهي آهن: بخشل باغي، وسيم سومرو، مير محمد پريو، بيتاب، فياض چند، مير منظور راڄپر، انجم نقوي، پريتم قاضي، بادل لِرا، سڄڻ سنڌي ۽ مير عبدالرسول مير.

هن گانهوءِ اسان شاعر جو نالو ۽ نالي هيٺان نموني طور سنڌس شاعري ڏيندا سون، جن شاعرن ۾ شاعرن سان گڏ اسان جون شاعرائون به هونديون:

(١١) رخسانہ پريت چنڙ:

ڏسيو ڪجھ ڪٿي ھي خوشيون ٿيون رھن،
اسان ڪان تہ ھر دم رُئيو ٿيون رھن،
اھي خيال سان تاڪ ڪجھ پيڪڙيو،
اَسان جون اِنھن ۾ اکيون ٿيون رھن.

*

قصا دل چريءَ جا ٻُڌڻ ٿا گھرو،
اوھان پي تہ چئو، چا ٻُڌڻ ٿا گھرو،
آھي ڏاڍي جيون، کھاٽي دگھي،
ٻُڌايو ڪٿان سا ٻُڌڻ ٿا گھرو.

(١٢) فھيم شناس ڪاظمي:

ڪيترو بي باڪ ڏس مان پيو ٿيان،
تنھنجي سامھون خاڪ ڏس مان پيو ٿيان،
مان نہ عيسيٰ ھان، نہ ئي منصور ھان،
روز پو چو چاڪ ڏس مان پيو ٿيان.

حد ڪان انسان وڌندا ٿا وڃن،
درد جا سامان وڌندا ٿا وڃن،
شام چڙھندي پني وڃي آڪاش تي،
رات جا امڪان وڌندا ٿا وڃن.

(١٣) جانب مگسي

شرابي، ڪبابي ڪان ڪان آھيان مان باغي،
پياري اسان کي ڪيو چو ٿا داغي،
مندر، مسجدون آ مون لئہ ڳالھ ساڳي،
اسين ڪونہ چاٿون شيعا ۽ وھابي.

*

جيئني پٺائي، جيئني ٻولي،
ٻولي جيڪا منھنجي لولي،
مُور نہ ھاٿي ڏاريو رھندو،
جيڪو ايندو ماريو ويندو،
غير ڏي وڌندي منھنجي گولي.

(۱۴) روشن ڪلهوڙو:

بکيون نظرون ٻُڪاريون ٿي جُهڪائين زيادتي چنبي،
أجين ڪي آب تي آئي سِڪائين زيادتي چنبي،
ڏکڻ جي هير، چاندوڪي، اڪيلا پاڻ ٻئي آهيون،
حسين جوڀن لٽڻ ۾ تون لڪائين زيادتي چنبي.

ڏنوسين تہ حلاج سنگسار ٿي ويو، هو منصور ڦاهيءَ جو سينگار ٿي ويو،
ڏنوسين بلاول کي پيڙي چاڙهيائون، ۽ تبريز جو چم چيري چاڙهيائون،
ڏناسين عنايت متان وار ٿيندي، پنائيءَ جي بيتن ۾ اظهار ٿيندي،
أنا جو انوکو اهو ڍنگ آهي، انهيءَ جو اسان تي اجان رنگ آهي،
ڏسي ڏاڍ ڏاڍو لڪڻ ٺيڪ ناهي،
ستمگر جي آڏو جهڪڻ ٺيڪ ناهي.

(۱۵) شهناز لاکو "ڪنول"

هر سيڪنڊ ۾ تنهنجو نانءُ
هر موسم وٽ تنهنجي بات،
سڀ سمجهن ٿا، مان نہ اڪيلي
مورک ويرانين ۾ ڳولهين،
شهہ رڳ ويجهو تنهنجي ذات،
سڀ سمجهن ٿا، مان نہ اڪيلي.

*

پَر ڪٽيل پنڇيءَ جا خواب،
زخمي ڪنهن هرڻيءَ جا خواب،
پاڻ متيءَ جا ماٺهو، سو،
ڪيئن ڏسون شيشي جا خواب.

(١٦) سخاوت "سخي"

سڄي پيو تو پاڳل ماڻهو،
تنهنجيءَ سونهن جو سائل ماڻهو،
سپنا ڪنهن جا ٽوڙين ڇو تو؟
احساسن جا قاتل ماڻهو.

*

ملي نہ محبت عذاب مليا،
ٽٽل سمورا خواب مليا،
حصي ۾ منهنجي ڪنهڙا ڏنائين،
سدا ٻين کي گلاب مليا.

(١٧) هدايت کوکر

جوش، جذبو، ولولو پيدا ڪجي،
پاڻ ۾ ڪو حوصلو پيدا ڪجي،
ڇو جيئون چپ چاپ ۽ خاموش ٿي،
زندگيءَ ۾ زلزلو پيدا ڪجي.

*

سوچون، آهون، سڏڪا،
سوچيندي ئي رات وڪوڙي،
مونکي ويا سو اُلڪا.

دوريءَ جو احساس،
ويو آ ڪائي اُڌوهيءَ وانگي،
منهنجو سارو ماس.

(١٨) صديق بسمل:

رني شام آ لڙي، پر هي رات ڪير روڪي،
طوفان جان اُٿي ٿي، سا تات ڪير روڪي،
تون جي خفا رهين پر آرام آ نہ سگهي،
دردن جي آ ڪٽڪ ٿي بارات ڪير روڪي.

ڏاڙي اوهان کي ڏسڻ دل گهري ٿي،
۽ پاڙي اوهان جي وسڻ دل گهري ٿي،
مچائي ڇڏي ڇوڙي حياتيءَ ۾ هلچل.
تڏهن تنهنجي ويجهو اچڻ دل گهر ٿي.

(۱۹) عابد مگسي:

تنهنجي پيار جي ٿي جي پرڀات پوندي،
ڪٽي منهنجي غم جي پرين رات پوندي،
تون هيڪر هلي آءُ دل جي اڱڻ تي،
ڏکن جي حياتيءَ ۾ ٿي مات پوندي.

ملڻ جو مُرڪي فضا سموري بهار ٿي وئي،
نهار ساڳي وري اسان لئي خمار ٿي وئي
رچي مهڪ ياد جي وئي آ وجود اندر
ڦري رهي آ هانوَ تي بجا سار ٿي وئي.

(۲۰) مسعود جمالي

اوهان جي اکين ۾ حجابن جي دنيا،
هي سو، سو سوالن، جوابن جي دنيا،
رڳو پيار، بس پيار سمجهو عبادت
چلي ڏيو گناهن ثوابن جي دنيا.

سهڻا، سهڻا سنگ،
ڪنڊڪن جي هن ڪيت ۾،
فطرت پريا رنگ.

تنهنجا ڳاڙها ڳل،
ڙيا جڻ ڪي باغ ۾،
سُرها، سُرها گل.

(۲۱) مهر ڏياني:

ڪي درد مليا اهڙا جيڪي نہ سلڻ جهڙا،
جيئڻ تہ دنيا ۾ پيا، پر ناهيون جيئڻ جهڙا،
مخمور نگاهن آ، ايڏو تہ پيهاريو، جو،
اي، زاهد! اڄ ناهيون، مسجد ۾ وڃڻ جهڙا.

رات چانڊاڻ هئي
لڙڪ ها، مان هيس.
ياد اهڙي وري،
دل صفا پنهنجي جهري،
من ۾ مانڊاڻ هئي
لڙڪ ها، مان هيس.

(۲۲) سچڻ جوڻيجو:

جا بہ توسان گڏ گهڙي گهاري اٿم،
زندگيءَ کان وڌ پرين! پياري اٿم،
اي سڄڻ! هِن درد جي درياهہ مان،
نيڻهن جي هيءَ ناوَ پنهنجي تاري اٿم.

سانوريءَ جي سُونهن تي مان ڇا لکان،
دل چوي ٿي پيار جا نغما لکان،
خواب هو، يا هئي حقيقت ڇا خبر؟
آءٌ دل جا تو رڳو جذبا لکان.

(۲۳) رضا ڏاهري:

ڪنهن سان ڪجن وفائون، ڪنهن کي ڏجن مياروں،
اي، دوست! هِي زمانو مطلب پرست آهي،
هر ڪوئي سير آهي، ڪو هڪ بہ پاءُ ناهي،
هرڪو لڙي لنگهي ٿو، اهڙو ٿيو وقت آهي.

وارن جو اُلجھڻ،
جڻ جھڙاليءَ منڊ ۾،
ڪڪرن جو پٽڪڻ.

لھي انتظار،
شال مون سان تون ڪرين،
سنئوءَ جھڙو پيار.

(۲۴) جاويد نواز "جاويد"

واس ڪيڏو آ اوھان جي پيار ۾،
واسجي ويو آ اڱڻ مھڪار ۾،
*
ڳالھہ جو نڪتي وفا ءِ پيار جي،
نيڻ پھچي ويا پريںءَ جي پار ۾،
*
ڏيان پنھنجو ھُن سھيڙي ھو چڏيو،
چا ڏٺو ھو نيٺ ھُن اخبار ۾،
*
من ڪو موتي ملي، ان آس تي،
آ لھندو تو وجان پاتار ۾.
*
جنھن کي ڳولھيو پئي ستارن رات جو،
چنڊ تنھن کي مون ڏٺو بازار ۾.
(جاويد جو سڄو غزل ڏنل آھي).

(۲۵) مقبول پنيرو

آئي سھريںءَ سار اسان کي،
ڪالھہ ڪيو جنھن ڏار اسان کي،
ڪڏھن تہ ويندا ڏينھن خزان جا،
ايندي راس بھار اسان کي.

چاڻ تہ رات ڪُٺي،
ٽيندو، ٽيندو سوجهرو
جوڙ اُٿي "مقبول" تون،
جا، جا دل ڪُٺي،
ٽيندو، ٽيندو سوجهرو.

(٢٦) حسرت شاهاڻي

آ سُور منهنجي شاعري،
آ پُور منهنجي شاعري،
موسيٰ نہ بڻجي مان سگهيس،
آ طور منهنجي شاعري.

ڪوڙا سارا رشتا آهن،
ماڻهو دل شڪستا آهن،
ايئن نہ "حسرت" آدم سارو،
ماڻهو ڪي تہ فرشتا آهن.

(٢٧) ارشاد علي

هيءَ اڪيلائي مستان ماري وجهي،
درد تنهائي مستان ماري وجهي،
خوبصورت ٿي لڳي "اُرشاد" جا
چوڪري سائي مستان ماري وجهي.

جانان نہ جدا ٿي هان،
دردن جي دوا ٿي هان
ٿوري تہ هئي رنجش
مونکان نہ خفا ٿي هان.

(٢٨) وينگس سومرو

(آزاد نظم) شڪ

مان نہ مُومل،
۽ نہ منهنجي پيءُ سُومل
مان نہ سُومل،
۽ نہ منهنجي پيءُ مُومل
پر جڏهن بني پينرون،
صبح جو ڪڏجي اُٿئون ٿيون،
ڇو الائي؟
منهنجي ننڍڙي ذهن پر
تو سوال جاڳي،
ڪا تہ سُومل آ اسان پر،
ڪا تہ مُومل آ اسان پر.

(وينگس جو سچو ٿي نظم ڏنل آهي)

(٢٩) شريف ميراڻي

اي، خدا! هِن زندگيءَ جو عڪس ٿي ويو آهيان مان،
عشق! تنهنجي بندگيءَ جو عڪس ٿي ويو آهيان مان،
نفرتن مان هر گهڙيءَ جنهن کي ڏنم اک جو ڪٽي،
هاڻ چو اُن آرسيءَ جو عڪس ٿي ويو آهيان مان.

هو اينـدي وري اڄ هـوا رقـص پر آ.
گهلي تنهنجي خوشبـو ادا رقص پر آ
ڏکيو ڏينهن شل تون نہ ڏسندين عمر پر،
امـڙ جي ڏنل هي دُعـا رقص پر آ.

(۳۰) عصمت ڏاھري

(آزاد نظم) پن ڇڻ جي موسم ۾

وڻ، وڻ
پن، پن
گل، گل
سيئي سُڪي ويا
ھوريان، ھوريان
ھڪ، ھڪ ٿي سڀ ڇڻي ويا
ھي انسان ۾
وڻ وانگر
۽ گل وانگر آ
ڪالھ اھو جو ٻالڪ ھو
اڄ سو جوان جماڻ لڳي ٿو
ھاڻ سو ھوريان، ھوريان
پوڙھو ٿي ويندو
پن ڇڻ رُت جيئن،
ڪنھن ڪمزور،
ٽڪل تاريءَ تان،
وقت ڪان اڳ ۾
ڇڻي ئي پوندو.
ڪيس سھارو ڪو ۾ نہ ڏيندو
ھي انسان ڪان،
ميويدار تہ وڻ بھتر آ.

(عصمت ڏاھريءَ جو سجوئي نظم ڏنل آھي)

(٣١) صغرا گل

ڪينَن گذاريان تنها گهر ۾،
تون بہ تہ آهين درد سفر ۾،
تنهنجي صورت منهنجيءَ دل ۾،
تون ئي آهين نيڻ، نظر ۾.

منهنجا نيڻ نهارين ٿا،
تنهنجي واٽ پُهارين ٿا،
ڪهڙا ماڻهو حيرت مان؟
صغرا گل پُڪارين ٿا.

(٣٢) اسير ڏاهري
(نثري نظم)

مون کي تہ ميهار،
ٿيڻ گهربو هو
افسوس!
خدا مونکي سهڻيءَ
جو روپ ڏئي ڇڏيو،
وچ درياهہ ۾ زندگيءَ جي
ڪشتي
وهمن ۽ وسوسن
جي ڪُن
ورِ چڙهي وئي آهي،
هوند کو بچائڻ لاءِ اچي
اکين ۾ اُميد جي روشني کڻي
مان ڪنارا ڏسي رهيو آهيان.

(۳۳) عرفان سمون

او پيار ڪرڻ وارا!
مونکي ڇڏي نه وڃ تون
سمنڊ ڪناري تي
هن خالي ڇاري تي
مونکي ڇڏي نه وڃ تون
مان ته ڇولي آهيان،
بنا تنهنجي ڪجهه ناهيان
مونکي ڇڏي نه وڃ تون
تون مست هوائن ۾
۽ خواب فضائن ۾
مونکي ڇڏي نه وڃ تون
هر ڪنهن ته ڏنا ڏوڪا
دل پوءِ به ڏني هوڪا
مونکي ڇڏي نه وڃ تون.

(۳۴) ستار سندر:

ڪيلو آ سنسار
آئون پو به اڪيلو آهيان
اڌيءَ رات پهر جي وڻ مان،
چنڊ اٿي پيو سار
آئون پوءِ به اڪيلو آهيان.

تنهنجي يادن جي اجان پولار ۾ پـٽـڪـان پيـو،
تون به آهين پو به ڇو سنسـار ۾ پـٽـڪـان پيـو،
ســاٿ تنهنجي جي ڇڏائي وئي آهي آگر تڏهن،
ڪنهن وڇايل پار جان بازار ۾ پـٽـڪـان پيـو.

ڇوٿيهن شاعرن جي شاعريءَ تي غور ڪرڻ سان هڪ حقيقت هن طرح به روشنيءَ ۾ آئي آهي، ته فهيم ڪاظمي ۽ روشن ڪلهوڙو شعر ۾ پختگيءَ جي حوالي

سان شروعاتي ڏهن شاعرن ۾ شامل ٿي ٿا. فهيم ڪاظميءَ جي هڪ غزل جون هي سٽون پڙهو:

مان گسن جي خاڪ ٿيندو ٿو وڃان،
ڏورُ مان افلاڪ ٿيندو ٿو وڃان،
درد تنهنجو دل ڪي پيو ٽڪرا ڪري،
مان ٻه هاٿي چاڪ ٿيندو ٿو وڃان.
روشن ڪلهوڙي جي ٻه هڪ غزل جون.

هي سٽون پڙهو:

هن دور ۾ حياتي ڳوڙي ضرور چنبي،
۾ پيار لئہ او، سائين ٿوري ضرور چنبي،
گلڙن ۾ بوءِ تنهنجي، تارن ۾ عڪس تنهنجو،
تنهنجي وهي او، ناري! نوري ضرور چنبي.

هن سلسلي جي ٻئي ڪتاب ۾ اميد آهي، ته نواب شاهه ضلعي جي باقي ٻين شاعرن کي ٻہ ضرور شامل ڪيو ويندو. ٿي سگهي ٿو، ته چونڊيل شاعرن جي مختصر تخليقي ورجيس تي لکندي، ڪنهن شاعر جي ڪا خوبي رهجي وئي هجي، يا ڪنهن سان پورو انصاف نہ ڪري سگهيو هجان، جنهن لاءِ معافيءَ جو طلبگار آهيان.

ڀارت جي دهلي، آگري، ممبيءَ، پونا، لون ولا ۽ الهاس نگر جي ادبي ياترائن تان واپس اچڻ ڪري، ادبي ۽ ذاتي مصروفيتون وڌيل آهن، ۾ پوءِ ٻہ سڀ ڪم ڇڏي، شاعريءَ کي پڙهي، پرجهي، ۽ چونڊيل شاعرن تي هي چنيهن صفحن واري تجزئي تي پورا ٿي ڏهاڙا لڳي ويا آهن. مان سڀ پبلشرز، نواب شاهه جو گهڻو ٿورائتو آهيان، جو مونکي هن تاريخي خدمت جوموقعو ڏنو ويو آهي.

تاجل بيوس

لڑیو سج لکن ہے



نالو: الحاج رحيم بخش لاکو
ادبي نالو: قمر
جنم تاريخ: 1933
لکڻ جي شروعات: 1960ع
تعليم: سنڌي فائينل پاس
ڪرت: درس و تدريس، فارغ التحصيل عربي، فارسي، مدرسه انوارالعلوم شڪارپور.
ڇپيل/اڻ ڇپيل ڪتاب: ڪٿي نيڻ خمار مان، مالڪ موتي، سائيءَ جي ساراهه، جمال مصطفيٰ، دربار مدينه، جواهر قمر، ديوان قمر، دربارِ ڪربلا، آخرت جي پوک، آءُ نه ڳالهائي پرديه کي، سچڻ آيو سهڻو ٿيا، سيرت النبي، لاڙوءَ اسپيڪر تي نمار (نثر) ۾ پيا.
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت تراب شاهه

نظم

ڪونجن جون قطارون

ڳنڍيون ٿيون وڃن طيبه طرف خوب
تنوارون، ڪونجن جون قطارون.
سيني ۾ اٿن سوز ۽ سردار جون سارون
ڪونجن جون قطارون.

پرواز ڪري سوز منجهان ساز وڄائن،
سرندو به سڻائين،
خوشحال ٿيا ڪنبي اٿن تند ۽ تارون
ڪونجن جون قطارون.

آواز عجب تن جو ۽ اعجاز عجب آ انداز عجب آ،
دلدار جو ديدار ٿين درد جو دارون
ڪونجن جون قطارون.

مدهوش ۽ مفتون ۽ مخمور ڪيون اُن،
مسرور ڪيون اُن،
جنهن مير محمد جون اکيون مينگهه
ملهارون ڪونجن جون قطارون.

اظهار اٿن احمد مختار سان الفت، ايثار و عقيدت،
ڳنڍيون ٿيون وڃن پاڻ پرين جون
پچارون ڪونجن جون قطارون.

الله جي محبوب تي صلواة پڙهن هو، هڪ
پل نه ڇڄن هو
ساهي نه ڪٿن راهه ۾ موڙن نه مهارون،
ڪونجن جون قطارون.

سک سور هر حال ۾ گلفام رهن گڏ، سڏ
۾ تيون ڏين سڏ
هو احمد مختار جي دربار ۾ رسيون،
ديدار جون تسيون،
ميثاق ۾ لالڻ جون لڳيون تن کي لغارون
ڪونجن جون قطارون.
جڻ ڀهتيون سندن آس جي باغن ۾بهارون
ڪونجن جون قطارون.

ڪيڏي نہ پکي پرت پرين پاڻ ۾ تن
جي، پر سوز پکين جي
ود شمس و "قمر" ڪان بہ ٿيو ماه مدينہ
سو شاه مدينہ
هڪ ٻئي جون لهن لاڪو چئي سارون
سنيارون ڪونجن جون قطارون.
موڙي ٿو اُهو مهر منجهان تن جون مهارون
ڪونجن جون قطارون.

غزل

اکين سان اوچتو اکيون اڙيون، امڙيون جو ڇا ڇئجي!
دليون ٻئي پاڻ ۾ قربئون ڪڙيون، امڙيون جو ڇا ڇئجي!

نہ ٿي گفتار ظاهر ۾، اکين اکڙين سان ڳالهايو،
دليون جذبات مان جڙيون، جڙيون، امڙيون جو ڇا ڇئجي!

لڪي لوڪنون، ڳجهيون ڳالهيون ڳڻن پريون ڪيائين ٿي،
اسان سان دل گهرئي گهاريون گهڙيون، امڙيون جو ڇا ڇئجي!

مٺي محبوب مرڪي، اڄ ڪئي گفتار گلشن ۾،
رقيبن جون دليون سازئون سڙيون، امڙيون جو ڇا ڇئجي!

"قمر" ۽ سج، ستارا، اپ مڙئي مخمور ٿا ڏسجن،
سجڻ جي ديد سان ديدون لڙيون، امڙيون جو ڇا ڇئجي!

نالو: حڪيم قاضي محمد يعقوب

ادبي نالو: صابر

جنم تاريخ: 4 اپريل 1904ع

وفات: 22 ڊسمبر 1974ع

لکڻ جي شروعات: 1930ع

تعليم: مئٽرڪ (بمبئي يونيورسٽي) 1925ع ۾، شمس الحکماءَ (گجرات تب ڪاليج 1940)

ڪرت: حڪمت

ڇپيل ڪتاب: راهب جميله، ناول (تذڪره يعقوبي فارسي جو ترجمو، فرياد قريشي، ڪلام قريشي، دلبر قريشي ۾ جلد (شعري مجموعا).

تنظيم سان وابستگي:

ڪافي

نہ هيءُ پوئڻر بلبل، نہ بستان هوندو،
نہ هوندي شمع هيءَ، نہ پروان هوندو
سدا گل حُسن جو،نہ خندان هوندو،
نہ خوش خال خط، هيءُ نہ ريحان هوندو
نہ هي ناز دولت، نہ هوندو خزانو،
نہ هي فوج هوندي، نہ سامان هوندو
نہ ساقي نہ پيالو، نہ پيمان هوندو،
نہ هي ميز هوندي، نہ مهمان هوندو
نہ هي ارض هوندي، نہ آسمان هوندو.
سوا ذات حق جي، نہ انسان هوندو.
گذر نيٺ ”يعقوب“ محشر ۾ ٿيندو،
نہ ميزان هوندو، نہ ميدان هوندو.

(سال 1926ع حيدرآباد سنڌ)

پنجتني اخبار سنہ 1926ع حيدري انجمن، حيدرآباد

ڪافي

تنهنجي دِلا پائيا دغا، ڪين قسمت چوان ڪا منهنجي ڦٽي.
آس اندر ۾ ڪيڏي هئي، پنهنجي ميهر سان ڳل ٿيندس ملي.
ورق وصل جا ويندا ملي، پر سورن ڏني ڪا پنهنجي ٻٽي.
دلو پڳو درياءَ ۾، ٻيڙي وسيلو نہ واءُ ۾،
نہ طاقت رهي ٻانهن ۾، اهڙي اچي ڪا منهنجي ٽٽي.
آخر رضا تي راضي رهي، هيءُ ويجان تي لالن لڙهي،
اصل ازل کان ائين لکي ”يعقوب“ چوان ڪا منهنجي ڇٽي.

(پير لوه سن 1935ع رڪارڊ ڪيل پڳت جاڙومل جي آواز ۾)

نالو: پُر اسرار سچا نندائي
ادبي نالو: پُر اسرار "ضياءُ"
جنم تاريخ: 30. جولائي، 1911ع
وفات، 28. آڪٽوبر 1958ع احمد شريف
لکڻ جي شروعات: 1936ع
تعليم: عربي، فارسي، سنڌي انگريزي ٻولين جو ماهر.
ڪرت:
ڇپيل ڪتاب: گلريز رنجور، تصوير احساس، ادبي گل
تنظيم سان وابستگي: بزم ادب (جنهن پاران ڪُل سنڌ ادبي ڪانفرنس به ڪوٺائي هئائين)

غزل

شاهه خوبان*حسن جي صدقي، گدا کان مُنهن نه موڙ،
مان طلبگار، وفا آهيان، وفا کان مُنهن نه موڙ،

خنجر - ابروءِ سان بسمل جي ڪرڻ چاهين ته ڪر،
پر خدا جي واسطي مشق، جفا کان منهن نه موڙ،

همنشين جي سچ پڇين تو، حُسن آ شان، خدا،
تنهن ڪري ٻهر، خدا، شان، خدا کان منهن نه موڙ.

حسن تي جي عشق کي آهه ڪرڻو ڪامياب،
هو ڪري بيشڪ جفا، پر تون وفا کان منهن نه موڙ.

جي محبت ڏوهه آهي، ڏوهه اهڙو ڪَر مدام،
دل لڳائڻ جي خطا آهي، خطا کان منهن نه موڙ.

وقت ايندو جو "ضيا" جي لاءِ هٿ هڻندين پيو،
تنهن ڪري منهن کي مٽڻ وارا، "ضيا" کان منهن نه موڙ.

تون سـخي آهين سـباجهـو،
در اٿـم تنهنجو جهليـــو:
هاڪ تنهنجيءَ ڪي ٻڌي مـــان،
دور ڪـــان آهيـــان هليـــو.

غزل

مهت ڏي مالڪ مونکي، منهنجي مداين کي نہ ڏس،
عيب مـون ۾ اڻ مـيا، سچ سچ اٿم سائين سليـو.
تون ڀـريو ڀنڊار آهين، خالي جهـولي ڀـر ڪـٽي،
آس هڪ تو ۾ رکي مـون، آسـرو جڳ جو ڀليـو.
تون هنئين جو ٺـار آهين، ٺـار وجهـہ منٺـار تون،
بي سـبب دنيـا جي حـرصن ۾، جگر آهي جليـو.
تنهنجي دم سـان دل جي اُجڙيل باغ ۾ ايندي بهار،
تو نظر جنهن تي ڪئي، سـو دائـما ڦـوليـو ڦليـو.
تنهنجي چائنٽ تي پيـو آهيـان، پوئي من ترس ڪو،
مـان ضـيا مجبـور آهيـان، روح جو تـوسـان رليـو.

غزل

منهنجي شل رهجي اڃي دلدار ســان،
آهـ دنيـــا ۾ غرض هڪ يار ســـان.
جهڙو تهڙو ڪين جهڙو مـان تـيس
شل سڄڻ پنهنجو ٻڌائي پيار سان.
دل ڏيئي ڪهڙي ڀلا دعـوي رکـان
ڪـهـــڙو ڪم اقـــرار ســـان
ڏات ناهي ذات تي، ڪنهن کي بہ ڏي
ڇا حـجت هلندي ڀـلا ڏاتار ســان؟
ســاز دل جون سڀ اٿـم تارون ٽٽل
راڳ رهجهي بي سـريلي تـلم ســـان.
جهـول خالي آهـ، پر ڀـڳي ضـيـا،
وڙ وڏو والي ڪندو ڀينار ســـان.

غزل

قـــرب جي ڪفني پائي ڳچيءِ ۾
خاڪ لــڳن ڪــي لائـيـنـديـس
جوڳڻ ٻڻــجي جهنگل جهـــاڳي
نـيـٺ پـنـهـل کـي پـائـيـنـديـس.
هلندي رهنديس ڪينڪي ٿڪبيس
وچڙيل ســـان وچي آخر ڳـڏبيس
ڪنهنجي جهلڻي سان ڪينڪي جهلبيس
اڳتي پيــــــــر وڌائيـنـد يس
حب جي هٿ ۾ جهــولي ڪــٽنديس
پوري بيـــراڳڻ ٻڻــجي پونديس
ڪانڌ جي قدمن تي وڃي ڪرنديس
بديون پنهنجون بخشـــائيند يس.
مـنـحب بنا ڪٿن مــــيندي لايان؟
عــطـر ڦـلـيـل ۽ تـيـل لـڳايـان
ســـات بنا ڪٿن مــــيندي لايان
عــطـر ڦـلـيـل ۽ تـيـل لـڳايـان
ســـات بنا ڪٿن ســيج وســايان
نـيـنـهـن نـه پـنـهـنجو لڄائـيـنـديـس.
ڏوہڻ ڪي دلگيـــــــر ڪري ويا
ڪــانڌ وڻي جت منهنجو پري ويا
دامن درد ســان ضـيـــا ڀــري ويا
پـيــــــڻي پاڻ وڃائـيـنـديـس.

غزل

وڃڻ وارن کي وڃـــــو هو، ويا آخر وڃڻ وارا،
اسان کان ويا ڪري پاسو، هٿا پاسو ڪرڻ وارا.

اســان کي نينهن جو ناتو هئو ڳنڍڻ، نڪي ڇنڻــو،
مگر جن کي هئو ڇنڻـــو، ڇني ويا سي ڇنڻ وارا.

نه ڪنهنجي ڪا شـڪـايت آ، نه ڪنهنجو ڪوئي شـڪـوو آ،
اسين هر حـــال ۾ آهيـــون، ســـدا راضي رهڻ وارا،

اهي آخر وســاري ويا، پنهنجي دل تان پـلاڻي ويا،
هئاسين ڪين جن کي هڪـــڙو پل پلجي پلڻ وارا.

ضـيـا هو واقـعـو اهڙو جو رڳنديءَ مـون لکيـو آهي،
اسين نه ته مڪهنڪي آهيون، روئي واقعو لکڻ وارا.

خوشي ڏيندي تہ خوش رهبو،
جي غم ڏيندين تہ پيو سهبو.
مونکي جئن تون هلائيندين
تنهنجي مرضيءَ تي پيو هلبو.
تون آهين شاهہ بيپرواهہ
گدا تو کان پيو گهرندو
جي ڏيندين تون تہ پيو وٺبو
نہ ڏيندين ماٺ ۾ رهبو.
ڀلا ڪمزور جو ڇا زور
تنهنجي زور تي هلندو؟
تنهنجي طاقت اڳيان جهڪبو
نڪي ڪڇبو نڪي پڇبو.
مان تنهنجو، تون آهين منهنجو
دکي رهندس، گلا تنهنجي
زمانو توکي پيو چوندو
ڇا ڪنهنجي وات ڪي جهلبو؟
ٻين کي ڀي نوازين تو
ضيا تي ڀي نوازش ڪر
ڪندين ڪرپا تہ دنيا ۾
هميشہ ڪنڌ ڪڍي هلبو.

نظم

تون سيلاني، مان سيلاني
اگر ديس کان آيا آهيون
سير ڪرڻ سبحاني
آهي اسانجو ڏسڻ پسڻ ڪم،
ڪين جڳائي هِن هُن جو ڪم.
سيلانين جو سير سان مطلب،
وسنئن هجي يا ويراڻي.

پنهنجوءَ نہ پرائو ڪوئي،
چڱو لڳو يا لاڳو ڪوئي،
اسين مسافر، فرق رکون ڇو،
ڪريون ڇو ناحق نادانيءَ؟

قدم قدم تي ڪاڪ محل آ.
مومل مايا جو ڇل ول آ.
راڻي وانگر رمز سان هلندو،
جڳ ۾ ورلو ڪو گياني.

مايا نگري من پرمائي،
ڪئن نہ مسافر تي پٽڪائي،
ديس پلائي پرديسين کان،
دلڪش دنيا هي فاني.

دنيا جي گلزار کي ڏس تون،
گل کي ڏس تون خار کي ڏس تون
پيار ءُ نفرت سان ڇا تنهنجو؟
نظر ڪيې تي يڪساني.
اک اٽڪي، پر دل ڇو اٽڪي؟
پونئر مثل من ڇا لئہ پٽڪي؟
رس جو نينهن نهوڙي نيندو،
حاصل ٿيندي حيراني.

ٻنهنجي آدي ذات سڃاڻج،
پاڻ ۾ پيهي پاڻ کي ڇاڻج،
مڙني کان پد تنهنجو اوچو،
لال ضيا تون لاثاني.

غزل

هر قدم تي هڪ نئون گلشن بڻائيندا هلو،
ٻرپٽن ۾ باغ جي رنگت رچائيندا هلو.

پيار جٿ جاڳي اٿي، جاڳي اٿي انسانيت،
ايڪتا جا جابجا نعرا لڳائيندا هلو.

داڻو داڻو ڏار ٿيو، ملها محبت جي ٽٽي
هڪ ٿي ڏاڪي ۾ اهي داڻا ملائيندا هلو.

قافلو هلندو رهي، اونداهه جو ڪوئي غم نه آ،
شوق ۽ همت جي مشعل کي جلائيندا هلو.

سير ۾ ٻيڙي اٿو، سهڪار کي مانجهي ڪريو،
پنهنجي ڪشتيءَ کي ڪناري سان لڳائيندا هلو.

جي رکو ٿا چاهه گل سان، قرب ڪنڊن سان رکو،
خير پنهنجي باغ ساري جو مڃائيندا هلو.

پل هجن ڦالب لکين، پر قلب کي هڪڙو ڪريو،
يڪ وجوديءَ سان دوئي دل جي مٽائيندا هلو.

جو ڏسو ٿا هيٺ، ٿي شهباز اڏو آڪاس تي،
آسمان تي پنهنجا آکيرا بڻائيندا هلو.

راهه ۾ جيڪي ڏسو، بيشڪ ڏسو ۽ ڪم ڪيو،
پر اثر کان پنهنجي دل کي پيو بچائيندا هلو.

ڪرم ئي سنسار ۾ قسمت جو بڻجي روپ ٿو،
ڪرم سان تقدير جي سوڀيا وڌائيندا هلو.

سڀ هلي سرسر ڪٿي ناهيو حياتيءَ جو محل،
جت پتا پونگا اتي بنگلا بڻائيندا هلو.

هڪڙو ڪائي ٻوڙ ۽ ٻيو گڏتيون ڪائي پيو،
هن زماني جي تفاوت کي مٽائيندا هلو.

جو طبيبن ڏي تڪيو، خود درد جا درمان ٿيو،
ٿي مسيحا ڦوڪ سان دک کي اڏائيندا هلو.

ڏک سکن جي سولهن،
ڏک ايندا نه سک آڻيندا سان،
پيچ سورن سان ۽ ٻورن سان پائيندا هلو.

بحر ۾ اولها وجو، ڏيئي ليمون مولي لهو،
هيءَ خبر سڀني صرافن کي سڻائيندا هلو.

ٻر ۾ بازاريون لڳن ۽ ساوڪون سنج ۾ ٿين،
جهنگلن ۾ اي خسيا منگل مڃائيندا هلو.

غزل

اسير گردش دوران ڏنم گهڻا آهن.
فراقِ يار ۾ حيران ڏنم گهڻا آهن.

قدم قدم تي مليون نوڪرون زماني ۾،
تباه حال پريشان ڏنم گهڻا آهن.

سياهه رات جا پاڇا به دور ٿي ويندا،
اميدو آس جا امڪان ڏنم گهڻا آهن.

ستائي مونکي گهڻا شرمسار ٿيا همدم،
صبر ڪيو ۽ پشيمان ڏنم گهڻا آهن.

سدائين داغ ڪي انسانيت جي دامن تي
بمشڪل حضرت السان ڏنم گهڻا آهن.

حيات ڪين آ گذاري نظر سدا خندان،
۽ ڪن جا لڙڪ به ارزان ڏنم گهڻا آهن.

نالو: امير بخش خان عالماڻي
ادبي نالو: نظر سنڌي
جنم تاريخ: پهرين اپريل 1933ع
ڳوٺ ميهان خان عالماڻي (تعلقو مورو)
وفات 20 نومبر، 1996ع
لکڻ جي شروعات: 1949ع
تعليم: بي. اي،
ڪرت: تعليم کاتي ۾ ملازم
اڻ ڇپيل: ڪوڙ سارو مواد
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه

غزل

شاخ ساڳي تي آشيانا هئا؛ هاءِ پنهنجا بہ ڪي زمانا هئا.

ٿورڙن جو رهيو وڃي نالو، ٿورڙن جا هئي فسانا هئا.

ڪير دنيا ۾ دائما رهندو، جيڪي آيا اُهي روانا هئا.

جن وساريو نہ جذبہِ ايثار، سي غمن جا سدا نشانا هئا.

نير نيڻن ۾ آ گهڻن جي اجان، شهر ۾ گرچہ شادمانا هئا.

هر ڪنهن کي هو هارجيت جو غم،

هر قدم تي قمار خانا، هئا.

لڙڪ موتيءَ خونِ دل جا لعل،

پنهنجا اي نظر مي خزانا هئا.

غزل

سُور سَو، ٿيا هزار وڏندا ويا. بيقراري جا بار وڏندا ويا

ٿيا ٿي حالات سازگار جيئن، ها تئين دوست يار وڏندا ويا

وصل جو وار جيئن ٿي ويجهو پيو، آهءِ انتظار وڏندا ويا

تنهنجي نيڻن ۾ جيئن نهاريو ٿي،

خوب منهنجا غبار وڏندا ويا

ويا وڏي تنهنجا لطف ۽ لائق

قرب اي ڪردگار وڏندا ويا

جلي ويئي ڪلي، سرو و سوسن سڙي ويا

لڳي آگ اهڙي جو گلشن، سڙي ويا

تنهنجو يار مون وٽ تي مهمان آيو

ڏٺو جواڪين سان رقيبن، سڙي ويا

اسان جن مزارن سان پي هئي عداوت

هٿن سان ڏٺئون پاهہ مدفن، سڙي ويا

وفا ڪرڻ وارا ويا وات اهڙي

ڏني جان پنهنجي پتنگن، سڙي ويا.

گهڻن جا اڳين پي ٻريا آشيانا

نہ ڪو نور هو ڪوئي ڪک پن، سڙي ويا

نظر عشق آڙاهہ ۾ ڪين ڪريا، پر

رکيو ساهہ جو سانگ تي جن، سڙي ويا

غزل

گذري ويندي ڪاري رات، ٿيندي نيٺ وري پرڀات.
ڇاڻ نهي فولادي پيت، ڇاڻ ٽڪر ٿيو ڦهري ڪات
شايد ياد نہ آئين اڄ، نيڻن ۾ ناهي برسات.
هي بہ بهارن جا اهڃاڻ، ڪوئل جي ٻڌجي ٿي لات.
دنيا ڇڻ ڪا آرڙ ٻلا، ڪير پتي واڳون جو وات.
ڇاٽي واٽي حال نہ پڇ، مشڪل آهي گذر اوقات.

خاموشي جوهي ماحول،
آءُ نظر ۾ تنهنجي تات.

توڪيومون ڪي بيقرار گهڻو. تنهنجو رهيو آ انتظار گهڻو.
قول تنهنجا ڪچا هئا پيارا، تہ بہ اسانکي هو اعتبار گهڻو.
نيٺ ڪو نتيجو بہ ڏسنداسين. عرضدار آ اشڪبار گهڻو.
رات ساري شمع سان گڏ پيئي رنو، صبح جو ڪهڙ جي ويو غبار گهڻو.

دل ڏنو جان ڏنو غم ورتو.
چون سي ٿا ڪير واپار گهڻو.

وقت اڄ مهربان آ شايد، بزم ۾ جانِ جان آ شايد.
دور ڏس روشني سندا ڪرڻا، ماڳ جو ڪو نشان آ شايد.
اڄ سفر ۾ نہ آهي دشواري، عزم منهنجو جوان آ شايد،
آ خوشي جي لهر سندس منهن تي،ها بشر ڪامران آ شايد،
هاڻ ٿا مرحلا وڃن ڪٽندا، تيز پڻ ڪاروان آ شايد.

ڀاڳ بيدار ٿيو نظر جو ڇا،
محب جو ميزبان آ شايد.

غزل

هي ستارا اها رات جا آهي.
غور ڪر ڪائنات جا آهي.

ايترو تون عزيز ڇو آهين،
۽ تنهنجي التفات جا آهي.

آ ڳجهارت وجود خود منهنجو،
۽ ڀلا تنهنجي ذات جا آهي.

روز شمس و قمر نمن ڪنهن کي،
سين جي وائي وات جا آهي.

ڇاڻي واڻي شڪست ڪاڏي مون،
ورنہ هي جيت مات جا آهي.

دل ۾ آهي نظر بتن جو هجوم،
سچ چئو سومنات جا آهي.

نالو: محمد رمضان لاشاري

ادبي نالو: بردو سنڌي

جنم تاريخ: 15 مارچ 1922ع

لکڻ جي شروعات: 1945ع

تعليم: سنڌي فائنل پاس:

ڪرت: آبدار

ڇپيل ڪتاب: اکڙيون مينگهه ملهار، بوندون بَس نہ ڪن

تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت شاخ نواب شاهه سنڌ

نظم

اچو اچو، هَن پار هلون، هي ڏونگر ڏاڍا جا
ڏاري، يار!
ٽوڙي بند بهادر هاٿي،
سنيو ڪکرن وانگر تاٽي،
ونبوماڳ ولاري، يار!
اچو اچو هَن پار هلون، هي ڏونگر ڏاڍ جا
ڏاري، يار!
ڪجهه ويا گذري، باقي ويندا.
ڏينهن ڏکن جا ويس مٽيندا:
پيو سک وات نهاري، يار!
اچو اچو، هَن پار هلون، هي ڏونگر ڏاڍ جا
ڏاري، يار!
جهولا ۽ جهڪَ، راهه جا رولا،
پولا ۽ پِوَ، ڏک ڌمولا.
ڇڏجن ڇو نہ وساري، يار!
اچو اچو، هَن پار هلون، هي ڏونگر ڏاڍ جا
ڏاري، يار!
غم ۽ وهم دليل ندورا،
رَکي رَڙي هي راهَہ ۾ ڇورا.
ويندا نيٺ گذاري، يار!
اچو اچو هَن پار هلون، هي ڏونگر ڏاڍ جا
ڏاري، يار!

راهَہ جا لاهَہ لتاڙي ڇڏبا،
سُورَ مروڙي ساڙي ڇڏبا.
موت کي ڇڏبو ماري، يار!
اچو اچو، هَن پار هلون، هي ڏونگر ڏاڍ جا

Soorih Mirani

ڏاري، يار!
"بردا"، رهبو، مڙس ٿي رهبو،
حد کان وڌ ڪجهه هاڻ نه سهبو،
ٿو اڄ وقت پڪاري، يار!
اچو اچو هن پار هلون، هي ڏونگر ڏاڍ جا
ڏاري، يار!

گيت

دوست پيهي در آيو
آهي ناتو يار نڀايو، دوست پيهي در آيو.
آيو،مونجهه لٿي، مَنُ مُرڪيو،
مُونءِ لُونءِ ۾ سک هوريان سُرڪيو،
ڪنڊ غمن جو اُن دم ڊِرڪيو،
ساجن سيج سُهايو!
...... دوست پيهي در آيو ......

بخت رَتَل اڄ مون سان پرتو،
آيم پاڻ پرين سِرُ سَرتو،
مون جو روئي دامن ورتو،
ڪِلي پُنهل ڳلِ لايو!
...... دوست پيهي در آيو ......

تانگهه ازل جي، تات نه نبري،
نينهن نٿين سرنٿون نٿون نِسري،
اُنجو ورهه پلا ڪيئن وسري،
جو منجهه جانِ سمايو؟
...... دوست پيهي در آيو ......

وه وا، اثر ڏيکاريو آ هن،
داد لڌو دلبر وٽ دانهن!
منهنجي سڏڪن، سرد صدائن،
شڪ نه پرين پرچايو!
...... دوست پيهي در آيو ......

جاڳيو جوش، جنون پَرَ سوتا،
ماڪ جا موتي اشڪ اُجوتا،
چشمن ڏوتا، پلڪن پوتا،
هارَ اسان ڳلِ پايو!
...... دوست پيهي در آيو ......

حُسنَ مِٺي ڳيرانيون پاتيون،
عشق ڏکيو، پٺي ڏڙڪيون چاتيون،
قُربون وچوڙي جي ڳلِ ڪاتيون،
وصل جڏهن واجهايو!
...... دوست پيهي در آيو ......

گيت

موتي مند ملهار
موتي مَند ملهار، اوسائين، موتي مَند ملهار!
آئي رت برسات جي موتي، ڪڪر ڪڪي آ
ڪاري چوٽي،
ڪالهـا ڪُون ٿي ڪَرڪيو مُرڪيو، تاڙي
ڪي هٿي تار!
... او سائين، موتي مند ملهار...

ڏسي ڪڪر ڪيو اڪڙين آڳر، پلڪن تي
پٺي چمڪي شبنم،
لڙڪ، لڙڪ مان قرب، ڪهائين هوريان
ڪيو وسڪار!
... او سائين، موتي مند ملهار...

Soorih Mirani

کوئل ڪوڪي، مور اڏامي، ٻري ٻري پئي
آس اُجهامي،
اڱڻ مٿي ڪا آسروندي، ويٺي ڇوڙي وار!
... او سائين، موٽي منڊ ملهار...

رُت مستاني، ڦوهه جواني، آءُ تہ گڏجي
گهاريون جاني،
هر هڪ دل مان ڇوليون ڪائي ڇلڪي
پيڙو پيار!
... او سائين، موٽي منڊ ملهار...

جڻ ڪي پينر ڇاول جاڙيون، سرتيون
ٽهڪن ڏيئي تاڙيون،
ڪوهه جي روح ۾ آندي راحت، چوڙين جي
ڇمڪار!
... او سائين، موٽي منڊ ملهار...

آس پٽي اڪ ڏسڪي مرڪي، سڪ آيا،
ڏڪ نڪتا ڪرڪي،
چنڊ بنا چانڊوڪي آئي، گل ڦل ريءِ بهار!
.. او سائين، موٽي منڊ ملهار...

موسم سهڻي ءِ سرمائي، ڪٽي واڏيون
وڏهي آئي،
وڙي نصيبن کي مينهوڳون، جيڻ ڏينهڙا
چار!
... او سائين، موٽي منڊ ملهار...

ڪنوڻ ڏسي ڪيا ڪيچ خدائي، قسمت منڙي
منڊ ملائي،
ڌرتيءَ ويس مٽايو، "بردا" ديس ٻڌيو
گلزار!
... او سائين، موٽي منڊ ملهار...
موٽي منڊ ملهار، او سائين موٽي منڊ
ملهار!

گيت

او پيارا، او پرديسي
او پيارا، او پرديسي ساجن!
هيڪر واڳون واري، منهنجي آءُ اوتاري!
ڪريو گرهہ اڄ اڪ تي ڦڙڪي، سينڌ
سنواريم، اڱڻ اڄاريان،
تنهنجي ڪاڻ، او جڳ ڪان منڙا، اکيون
وڇائي، واٽ نهاريان،
هجر جون ڪيئي راتيون ڪاٽيم، آس جا
ڏيئا ٻاري!
..... منهنجي آءُ اوتاري.....

آيو چيٽ، بهاريون موٽيون، منهنجي سڙيل
آس انگوري،
تنهنجي قرب بنا هيءَ جواني، رهجي ويئي
نہ هاءِ اڌوري!
آءُ تہ گڏجي ڪجي گهڙي تي، ملجي هن
ڪناري!
..... منهنجي آءُ اوتاري.....

هير اسر جي هيرڻ اوتيا، سمهي پيا سپ
آنت آرا،

ڇڏي اکين جا چارا چوري، روح کي پهتا
خواب پيارا؛
اُسري آس، پـريو منَ آڏڪو، لاٽ ڪٺي
ڇڻ تاري!
..... منهنجي آءُ اوتاري.....

او جاني، جندُ جيئڻ جوڳي ناهہ رهي هت
توريءَ هاٺي،
سـدا جيـئن شل، تارن وانگر، آءُ تون
پنهنجو ننگ سُڃاڻي؛
"بردي" کي وڄَ، سر جي صدقي، جانب
يار جيٺاري!
..... منهنجي آءُ اوتاري.....

گيت

آءُ پيارا پينگهہ لڏون

آءُ پيـارا پينگهـ لڏون، آ، سـانوڻ آيو
پينگهہ لڏون
هي تن من جهومي رُوپ!
پينگهـ لڏي، وڻ جهـومن، ۽ ڄڻ جهـومي
سارو ديس،
گيت سلوڻا، ڳڻوا*، لوليون، ڳايون پهري
ويس؛
سانوڻَ سهنج اسان لاءِ آندا، تي ويا اهنج
الوپ!
..... آءُ پيارا پينگهہ لڏون.....

ڏس گلزاريون، خوب بهـاريون، نِسـري
پوک پلاهَ،
پيهن تان پيو پيار واجهائي، لاٽي بک الله؛
هر گهر تمکن ديپ خوشيءَ جا، هر گهر
ڏوٽيون ڏوپ!
..... آءُ پيارا پينگهہ لڏون.....

مورَ جي ٽور نشيلي، ڪوئل بلبل منجهہ
خمار،
پوپٽ پهري آيا بخمل، ريشم رنگ هزار؛
پوئتر پنيوريون هوش ڀر ناهن، سَهٽو پسي
سروپ!
..... آءُ پيارا پينگهہ لڏون.....

بِين وڄايون ۽ بوٽيندا، چوريون سک جو
ساز،
لاٽ لطيـفي آلاپيـون، جيـئن عـرض وڃي
آواز؛
ڳهٽي سٽي اڄ، "بردا"، ماريون ديَو غمن
جو لوپ
..... آءُ پيارا پينگهہ لڏون.....

Soorih Mirani



نالو: نور محمد عباسي.
ادبي نالو: نور عباسي
جنم تاريخ: 26. جون 1927ع پريا شهر
وفات، جولاء 1982ع.
نواب شاھ ۾ دفن ٿيل.
لکڻ جي شروعات: 1959ع
تعليم: سنڌي فائينل،
ڪرت: صحافت
ڇپيل ڪتاب: چمڙي جا واپاري، وات
وڻندي (روزاني عبرت ۾ ڇپيل مشهور
ڪالمن جو ڪتاب)
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي
سنگت نواب شاھ.

Soorih Mirani

نظم

تحريرون ۽ تقريرون هي نعرا زنده باديءَ جا
منصوبا، پي خوب ٿهن ٿا، روز نوآباديءَ جا
هار گلن جا، استقبالي خطبا پڻ آزاديءَ جا
ڳاريون پوندا، غنڊه گردي چاقو مرده آبادي جا
ڪم ڪرڻ کان آڳوڻو، روز رڳو آ جاڙيءَ تي
تنهنجو ڇا، تون هل مسافر هند ڪتولو ماڙيءَ تي.

روز ظلم جي بازي آهي، چور چڱي ٺي باهي پيو
ڪوڙ ڪنهنجي پيءُ جو ڪونهي، سيڪو پنهنجي ناهي پيو
انڪل سنڪل، قدرتي، قوم جو رهبر چاهي پيو
ڪو پيو لائي صابڻ ۽ ڪو خشڪ حجامت لاهي پيو.
سچ چوڻ سان يڪدم پهريون پادر ڪياڙيءَ تي
تنهنجو ڇا، تون هل مسافر، هند ڪتولو ماڙيءَ تي

قوم جو خادم جنهنجي، سو راشي ڪامورو آهه
ڪم پوڻ تي، ڇڙيون ڳاريون، صاف چريو ڏاتورو آهه
نوڪر ان جو ظاهر آهي جنهنجو ڪيسو ڳورو آهه
حاصل مطلب بيحد ظالم رحم ڪرم کان آجو آهه
مسڪين ۽ لاچارن جو بار پيو ڪنهن ڀاڙيءَ تي
تنهنجو ڇا، تون هل مسافر، هند ڪتولو ماڙيءَ تي

پٽ ڏيڻ جو ڏنڊو، هردم ڇانئو پير جلاليءَ جو
ملان مرغ برياني کائي، ڪونهي حال حواليءَ جو
غور ڪرڻ سان سمجهي وڃبو آهي دور قواليءَ جو.
ڪنهنکي طبلو، ڪنهن باجو ۽ ڪو وينو تاڙيءَ تي،
تنهنجو ڇا، تون هل مسافر، هند ڪتولو ماڙيءَ تي

ڪير مڪڻ ۽ ڪوٽ آهه ڪو وياج وٺي بي ياڪيءَ سان
چور بازاري سيٺ زوري وهڙا خوش، نماڪيءَ سان
هاري ۽ مزدور هميشه نوڙهو ابتي پاڪيءَ سان
زاهد زم زم جي پاڻيءَ ۾ سون ڪٿي چالاڪيءَ سان
پاڻ سڳورو ڪهڙ پهتو ۽ ايمان رهيو ڪياڙيءَ تي تنهنجو ڇا.
تون هل مسافر هند ڪتولو ماڙيءَ تي.

بدمعاشي ۽ چوريون ڌاڙا، چاندي صوبيدارن جي،
بيماريءَ جي حالت ۾ سنڀال نه تي لاچارن جي
آهه شفاخانن ۾ ڪوڙي راند شروع بيمارن جي
"نور" خبر ناهي ٿني ڪهڙي حالت ٻنهنجن يارن جي
بند ٿيڻ تي موٽل آهي پهتي، رات پڇاڙي تي
تنهنجو ڇا، تون هل مسافر، هند ڪنولو ماڙيءَ تي.

Soorih Mirani

نالو: الطاف عباسي گُل حسن

ادبي نالو: الطاف عباسي

جنم تاريخ: 15 جولاءِ 1942

وفات: 6 فيبروري 1968ع

لکڻ جي شروعات: 1958

تعليم: پي.سي.ايس.

ڪرت: ڊائريڪٽر ايڪسائيز ۾ هو.

ڇپيل ڪتاب: جاڙا چنڊ
(شعري مجموعو).

تنظيم ســان وابســتگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه

آزاد نظم

" ڏيءَ جي وهانءَ تي"
هِن گهر جي هر شيءِ تنهنجي آ،
پر هي تنهنجو ئي گهر تنهنجو ناهي
هو ڏاريون گهر تنهنجو آهي
هِن گهر کان هُن گهر تائين جو رستو آهي
تنهن تي گل وڇايل آهن
قدم قدم تي تنهنجي آجيان ٿيندي
ارڙهن ورهه وساري ڇڏجان
رکجان ياد اڄوڪي رات
رات اڄوڪي تنهنجي مماتي
رات اڄوڪي تنهنجي حياتي
رات اڄوڪي تنهنجو ڀاڳ
رات اڄوڪي تنهنجو ماڳ.

هِن گهر جا در توتي بند نه ٿيندا
هن گهر کي ڪي کلف نه لڳندا
سيئي ٻانهون تو لئي کليل رهنديون
پر او منهنجي ڏيءَ!
هُن گهر مان هِن گهر تائين جو رستو آهي
تنهن تي ڪيئي ڇنهبيارا پٿر آهن
اِن رستي تي ڪنڊا آهن
اِن رستي تي اٺ ئي پهر رهي ٿي آس
اِن رستي تي قدم قدم تي لڳندئي ڏنگ
اِن رستي کي پار ڪرڻ ناممڪن آ.

تہ - وائي تي

هيءُ همدردي
پيار جو پهريون ڏاڪو آهي
يا تہ محبت جي ماڙيءَ تي چوٽ چڙهي وڃ
يا تہ هتان ئي موٽي وڃ
ديوي جي تون مگيل آهين
جي تنهنجو نڪ ـ توبيل آهي

تنهنجو نازڪ نازڪ هٿ
جي ڪنهن ڳهري هٿ سان مليو آهي
ڪِلندي روئندي جي تو دُهل ٻڌو آ
روئندي شرمائيندي
جي تو شرنائين جي گونج ٻڌي آ
جي تو هڪڙي ڏينهن بہ پنهنجا هٿ رڱيا
آن
پوءِ تون هن رستي تي پَلجي آئي آهين
پنهنجو دڳ سنڀال!

وائي

جنهن کي سڪ سان سونهن سڏي
سو واڪي ڪيئن نہ وري،
وڻجارو، واڪي ڪيئن نہ وري.

قرب منجهان ڏئي ڪوٽ ڪنواري
مڌ سان نيڻ ڀري،
وڻجارو، واڪي ڪيئن نہ وري.

لڇمي ديوي پينوءَ ڪي ڏي،
پنسو سڌ ڪري،
وڻجارو، واڪي ڪيئن نہ وري.

نڪرائي نٿ ناٿ نمائي،
نوري نياز ڪري،
وڻجارو، واڪي ڪيئن نہ وري.

چوريون چال ڏين واهڻ ۾
ڪنهن جي ڪيئن سري،
وڻجارو، واڪي ڪيئن نہ وري.

ٻاٽ اوندهہ ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ،
جئين ڪنهنجو ٻول ٻري،
وڻجارو، واڪي ڪيئن نہ وري.

منڙو ماڳ رسڻ چاهي تو،
ناهي پنڌ پري،
وڻجارو، واڪي ڪيئن نہ وري.

دک ڪان دانهون ديس ڪري ميان،
سڏڪا سنڌ ڪري،
وڻجارو، واڪي ڪيئن نہ وري.

وائي

ڪٿڪ ڪٿي جي ڪاٺ ڪَسي هي آدم جو اولاد،
الا هي آدم جو اولاد
ميڻ جيان هي ڪنڙو ڪنڙو، سخت جيئن فولاد،
الا هي آدم جو اولاد
مهڙو ميٺو هاءِ هلائي، عرش مٿي ارشاد
الا هي آدم جو اولاد
سڄي ڪي ياءِ ڪهي پر، داد نہ ڪو فرياد
الا هي آدم جو اولاد
هي ڏاهي، ڏاهي نـاهي، خالق پاڻ جلاد
الا هي آدم جو اولاد
جنگ جهيڙي ۾ اڳ ڪان اڳرو، امن سندو استاد
الا هي آدم جو اولاد
هي دنيا جو ويري هن جي دم سان جڳ آباد

وائي

روشن منهنجي راهہ، مون کي شهہ ڪونہ ڏٺي اونداهہ
روشن منهنجي راهہ
سيني سيني منجهہ سمايل، منهنجو پنهنجو ساهہ،
روشن منهنجي راهہ
اکيون اوجاڳي کان ڳرڪيل، اندر ۾ اُتساهہ،
روشن منهنجي راهہ
دل ديواني من مستانو، چريو منهنجو چاهہ
روشن منهنجي راهہ
آشائن جا بادل برسن، گس گس پسجن گاهہ
روشن منهنجي راهہ
هوشو، دودو، دريا خان سڀئي سندم همراهہ
روشن منهنجي راهہ
منهنجو جذبو امرت جهڙو، سنڌڙي مرڻي ناهہ.
روشن منهنجي راهہ.

ســونهن سَهــانو ســپنو پنهنجو، پيــار اڌرو بيت آلا
مــاڳ اسان جو موت کان اڳتي، راهون ڪوسي ريت الا
مان ڏيهن جي نظرن ۾ ايئن، اک ۾ جيئن ڪا ڇيت الا
منهنجي سنڌڙي ائين لڳي جڻ، ڪــاڪـڙ کــاڏل کــيت آلا

وائي

هاءِ حــيــاتي ڪاڪ مــحل،
مــومل منهنجو مــاڳ مــيان.

مون ۾ ڪنهن جي ڪاڻ نہ ڪائي، آءُ تہ هڪڙو ٿانءُ ڀڳل،
مومل منهنجو ماڳ ميان.

اهو ڪڪر بہ ڀلارو، جنهن ۾، چوڏهينءَ وارو چنڊ لِڪل،
مومل منهنجو ماڳ ميان.

منهنجو سينو ڳاڙهو ڳاڙهو، منهنجا هٿ رت ســاڻ رڱيل،
مومل منهنجو ماڳ ميان.

ڪوٽيان وينو قبرون جن ۾، منهنجون خوشيون دفنايل،
مومل منهنجو ماڳ ميان.

غزل

جنهن سان ويهي اوريم اور،
تنهن کي پيو هو ساڳيو غم.

جنهن پي مون کان مَرڪ مڱي،
تنهن کان لڙڪ کسي ورتم.

سُمهي ڪَندن جي سيج مٿان،
سهڻا سوها خواب ڏٺم.

رهبر هاٿي نہ مون کي رول،
مس مس ڳولي راهہ لڌم.

ڏس تہ حياتي تنهنجي لاءِ،
ڪيڏا ڪيڏا سورَ سٺم.

جنهن کان منڙو درد مليو،
تنهن کي گيڙو گيت ڏنم.

اوندهہ ساڻ پريل جڳ کي،
جيءُ جلائي جوت ڏنم.

اجا تہ الفت ونڊڻي آهہ،
ونٺو آهہ پيو بہ جنم.

لکندم جيڪي چاهيندم،
منهنجي هٿ وس آهہ قلم.

فاصلو

مون چيو:
”ريل جي پٽڙين وانگر
اسان همسفر آهيون
ساٿي آهيون
سدا گڏ هلون
پر
ڪڏهن نہ ملون.“
تو چيو:
”ريل جي پٽڙين کي
سدائين ساڳي وٿيءَ تي هلڻ گهرجي
اهي جيڪڏهن ملنديون
يا فاصلا گهٽائينديون
يا وڌائينديون
تہ
وڏا حادثا ٿي پوندا.“

نالو: پير ضياءُ الدين
ادبي نالو: ضياءُ خياروي
جنم تاريخ: 22 جنوري، 1937ع درگاهه خياروي شريف
لکڻ جي شروعات: 1956ع
تعليم: سنڌي فائنل پاس،
ڪرت: درس و تدريس
اڻ ڇپيل ڪتاب: ڪوڙ سارو مولد ۽ (ڪشڪول سُخن)
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه

غزل

ڏسان جنهن طرف ٿو تہ اغيار آهن،
نڪي حال پائي نہ غمخوار آهن.
چمن آهہ ساڳيو زمين آ اهائي
مگر گل نہ آهي رڳا خار آهن.
لڪي آشيان ڪيئن صياد تو ڪان،
نہ آ پن ڪو هڪڙو رڳا خار آهن.
نہ مئي آهہِ هرگز نہ مئخانہ آهي
نہ ساقي نہ ساغر نہ سرشار آهن
ڏسي شمع ٻرندي مان آيس، و ليڪن،
نہ ساڳي آ محفل نہ سي يار آهن.
نہ ساڳي آ سهڻي نہ ميهار آهي
نہ دريا جي ڇولين جا ڇيڪار آهن
نہ ساڳي آ سسئي نہ آهي پنهل ڪو،
نہ ڪيچي نہ ڪرها نہ ڪهسار آهن
رسائي اچي رات ٻہ ڪاڪ تي جو،
نہ سو آهي، ڪرهو نہ ان پار آهن.
نہ شيرين آهي، نہ فرهاد آهي
نہ ڏونگر جي ڏارڻ جا اوزار آهن،
هئي دل وئي سا، رهيا باقي هاڻي،
"ضيا" دل مان نڪتل هي اشڪار آهن.

ڪري سينگار سؤ سؤ سؤ، منو منار بسمِ الله
اکيون هِنِ نير خوابي جڻ شرابي شور واريون هِن،
ڪرين چو ٿو تون ڪؤ ڪؤ ڪؤ، عجب اسرار بسمِ الله.

ڪافي

پرون جاڙا جڙيا اينهين ٿيو محراب مسجد جو،
نمازي يارنؤ نؤنؤ، پڙهي اظهار بِسمِ الله.

ٽلي ٿو ٽور امڙي جو، هلڻ هارا ڏسن بيهو،
چڱيان چاهڻون تون چڻ چڻ چڻ عجب رفتار بِسمِ الله.

"ضيا" پارس پرين آهي، نہ زر جي ڪا ضرورت آ،
پناري اُن جي پَؤ پَؤ پَؤ، سخي سردار بِسمِ الله.

غزل

سُور ساري ڪيئن سٿايئين، تو اکيان آواز بند.
بند زبان ۾ لفظ جملا، روبرو پي راز بند.

ڪيئن نمايا منهنجي نيڻن نيٺ پيا اڄ هي نمي،
ٿي ويو بس نياز چالو، ناز بند، انداز بند.

تون سُريلو، تنهنجي سامهون سُرَ سمورا بي سُرا،
سُر منڊل، بند، سارنگي بند، بانسري سڀ ساز بند.

دل چوي ٿي،تون مُجين ۾ ماڻن مُجان، خلوت مجي،
بند مُجي دشمن جي جهاتيءَ ڪان دري، دروا بند.

چا قلمبند مان ڪيان جو، دل جي دفتر ۾ ٿيو،
بند قصو غم جو، سندس انجام بند آغاز بند.

لطف تنهنجو، عجز منهنجو، اڻين مُجي جو ٿي وڃي،
تذڪرهء محمود بند ۾ تذڪره اياز.بند.

دؤر امڙو اڄ اچي ويو،ڪانءُ ڪبوتر سان آڏي،
۾ فضا سرٽين سنيالي، باز بند،شهباز بند.

تون بظاهر ڏورِ آهين، پر ضيا سان آهين.گڏ،
ٿو تصور جي پکيءَ جو ڪين ٿئي پرواز بند.

غزل

رات وهـائـو تـارو آپ ۾،
آس نـچوڙ آ سـارو آپ ۾.

سج لهـوءَ سـان اَج اَجهـائي،
كـوهـه آ شـايد كـارو آپ ۾

ڏاڍ، ڏهر كي لـٽـيـون مـاري،
هاءِ! هَجي مـون پارو آپ ۾.

روز ضـيـا تون ڳولين ويـٺـو،
كهڙو كر تـيـو چارو آ پ ۾.

ٽيڙو

هي ٻہ كو روزگار!
در تي اسكول جي
چولا وكڻي ٻار.
•
هي ٻہ كو روزگار!
خرچي كارڻ سيٺ جي
كار اَكهي تو ٻار.
•
هي ٻہ كو روزگار!
ڪنبي ڇڳا هٿ ۾،
روڊ متي آ ٻار.
•
هي ٻہ كو روزگار!
كلهي پيتي كاٺ جي،
پالش كري ٻار.
•
هي ٻہ كو روزگار!
پينو وينو گاڏڙي
گاڏو ڏكي ٻار.

كافي

چيم محبوب اڄ مون وٽ نہ كر انكار تون اُون هون.
چيائين واٽ وسري وئي، نہ رستي جو آهيان سونهون.

چيم ايندي يا ويندي تو نهوڙي دل ڇو نيـٽـڻ سـان،
چيائين باز جهركيءَ كي جهـتـيندو آ ڏئي لونهـون.

چيم كنهن كي چوان مون كان كسي تو دل ڦري زوريءَ،
چيائين دل تو خود اَچلي ڪٽِي ڦـريـر ڏئي ٻوهون.

چيم ٻردن دكـائي دل دكيءَ دل جو كـپـي دارون،
چيائين دل دكي ٻرندي، ٻري لـرنڊِي ختم دونهـون.

چيم هِڪَ كالهہ ۾ چنيـڙي پيـو هو تنهنجي پيـرن ۾،
چيائين ها سـڃاڻان ٿـو، اهو ٻـوڪو "ضـيـا" توهُون.

نالو: عبدالرشيد منگي

ادبي نالو: عبدالرشيد، ساجن

جنم تاريخ: 3-2-1955،

وفات: 19-9-98

لکڻ جي شروعات: 1980ع

تعليم: انٽر،

ڪرت: سرڪاري ملازم

اڻ ڇپيل ڪتاب: ڪرڙ ساري شاعري

تنظيم سان وابستگي:

ڏس پتو: ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ڪالوني (نواب شاهه)

غزل

منهنجي منزل جو پتومون ڪي ڏسيو،
ڪوبہ منهنجو همسفر ناهي رهيو.

مان اڪيلو پنهنجي راهن ۾ رهيس،
مون سوا ڪو رهہ گذر ناهي رهيو.

ڪي ٻہ، آءِ يادون پيارن جون اٿم،
پيو مُسافر جو ثمر ناهي رهيو.

جڏ تہ ماڪيءَ مڪڻ جيئڻ پيار هو،
هاڻ چاهت ۾ اثر ناهي رهيو.

نينڻ هي "ساجن" سندم آهن اُداس،
ويا وهي ڳوڙها بحر ناهي رهيو.

غزل

زماني سان ڪهڙي شڪايت ڪريان.
زماني کي ڪهڙي هدايت ڪريان.

حياتي هي آهي فسانو اي دوست !
فساني سان ڪهڙي محبت ڪريان.

هو آڻ چاڻ آهي تہ مان ڇا ڪريان،
مان آڻ ڇاڻ سان ڪهڙي حجت ڪريان.

زمانو هٿن سان تو پوڙڻ گهري،
مان "ساجن" جيئڻ جي تو حسرت ڪريان.

غزل

گيت سنهرا، گهاوءُ پراڻا،
لفظن پرتو درد پريان.

تڙپي، تڙپي دل تي روئي،
ڪيئن هٿن سان سورسِبيان

جيءُ جلايان وينو پنهنجو،
يا مان تنهنجا پور پليان.

غزل

پريت لڳائي پيارا سائين، هاڻ نہ ڪر انڪار.
چگو نہ آ تڪرار او سائين چگو نہ تڪرار.

آگون محبت کي عبادت سمجهان ٿو اي دوست!
هيءَ محبت کان سواءِ ڪوڙو آ سنسار.

تنهنجو غصو آهي غضب جو، تنهنجي مرڪ، مهر،
جيءُ جدائي منجهہ جلي ٿو، آءُ ملي وڃ يار.

تون تہ اڳي ئي سهڻو آهين تنهنجا ٽهڪ بہ سونهن،
آءُ مسيحا منهنجو ٿي تون ڪر نہ مون کي لاچار.

منهنجو چين ڦٽائي مون کي، هاڻ نہ تون تڙپائي،
پنهنجي منزل دور نہ آهي، آءُ گهڙيون ڪي گهار.

پنهنجي محبت ڪر نہ پري تون، مون کي ماڻڻ ڏي،
نينهن. نشي ۾ پيارا سائين ! ٿيو ناهي هوشيار.

هائيڪا

رڪي نازڪ نيهن،
هاڻي ڇو روئين پيو،
ڇڻ تہ وسي پيو مينهن.

ڳھرو جيئن پاڻي.
منڙي، منڙي سوچ ۾،
تنهنجي سار، سماڻي.

چانڊوڪيءَ جي رات،
چار پاڇا پٽ تي،
چور هڻن پيا ڪاٽ.

ڇوليون ڇهن ڪپ،
پياسو ڇڻ ڪو پروانو،
چُمي ڪنهن جا چپ.

تنهنجا پيارا نيڻ،
ڄڻ برسي برسات ٿي،
اکيون، اڇارا نيڻ.

منڙا ٻارن، ٻول،
ماءُ ڏسي ٿي پيار ۾،
ٻول ٻہ جهڙا تول.

ڦٽي پيئي ٻاک،
تون نہ آئين اي پرين !
آس سڙي ٿي راک.

هُجي توکي جس.
منهنجو نيهن ڇني ڇڏيئي،
ڪسي محبت ـ رَس.

تنهنجو اُجرو نينهن،
آهي منهنجي لاءِ ڄڻ،
پِنِ مٿان مينهن.

منهنجو دروازو،
آءُ تہ گهر ۾ آهيان،
ڪُليل آهي ڇو.

سُرها سُرها گُل



نالو: عبدالحڪيم لڪمير

ادبي نالو: عبدالحڪيم ارشد

جنم تاريخ: 13 جون 1939ع

لکڻ جي شروعات: 1954ع کان

تعليم: عربڪ

ڪرت: درس ۽ تدريس (رٽائرڊ)

ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڏيڍا ڏات جا ۽ ٻه مجموعا

تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه

ڏس پتو: معرفت عبدالستار ٽيلر عيد گاهه سڪرنڊ روڊ نواب شاهه

نظم

پاپ نگر

هن شهر جفا جي ڳالهه نہ ڪر،
هت روز وفا جو قتل ٿئي.
هن شهر اسان کي سور ڏنا،
هن شهر اسان کي پور ڏنا،
هن شهر اسان کي گهاءُ ڏنا،
۽ روز نوان سوداءُ ڏنا ،
هت زخم مليا ناسور مليا،
۽ سينا چڪنا چور مليا،
هت روح سڀئي رنجور مليا،
هت ماڻهو سڀ مجبور مليا،
هت جي ٻي مفلس مزدور مليا،
بدحال مليا ڪنگال مليا،
هت شاهي آهہ وڏيرن جي ،
۽ هاري هيڻي حال مليا،
هت راڄ هلي ٿو چورن جو،
۽ ڏاڍن سيني زورن جو.

هت موجون ميرن، پيرن جون،
سرڪار جي چمچا گيرن جون.
هت ڏينهن ڏٺي جون ڌاڙيون،
هت ظلم ستم ۽ ارڏايون،
هت ويرن طن جا روز ڪسن
هن پ پ نگر ۾ پاپ ٿين
هن شهر جي کهڙي ڳالهہ ڪجي
۽ تو سان کهڙو حال ڪجي
هي شهر جفا جو چڙهئو آ
هن شهر وفا جي ڳالهہ نہ ڪر
هت روز وفا جو قتل ٿئي.

غزل

چوريءَ چوريءَ ڪنھن سان ڪوئي نينهن ملائي ويٺو آ،
ھيڏيءَ ساريءَ محفل ۾ ڪو پاڻ وڃائي ويٺو آ.

اڏري آئي ديوي دل تي جنھن جو ڪوئي ديس نہ ويس،
مورک ماڻھو ان سان پنھنجو انگ اڙائي ويٺو آ.

پوٺيءَ وانگر پرزا ٿي وئي پٿر جھڙي ڪھڙي دل،
غم جو ماريل شاعر اھڙو نغمو ڳائي ويٺو آ.

ٽمڪي پيئي لاٽ وفا جي ڪاريءَ ڪاريءَ واٽ مٿي،
طوفانن ۾ اڄ بہ ڪوئي جوت جلائي ويٺو آ.

واھڻ جو ھڪ سادو ماڻھو جنھن جي دل ۾ مير نہ ھو،
شھر جي سياڻن واپارين کان پاڻ ڦرائي ويٺو آ !

شوق منجھان جا مورت ناھيئن ڪاريگر سان الجھي پئي،
پنھنجي ھٿ سان پنھنجي گھر کي باھ لڳائي ويٺو آ.

واھڻ جي او چنچل، پوري، چوري! پنھنجو پاڻ سنڀال!
ھر ڪو چورو تنھنجيءَ واٽ تي ڄار وڇائي ويٺو آھي.

بستيءَ بستيءَ توکي ڳوليم، جوڳين وانگر جوءِ جھڙي،
ماڻھن ليکي ارشد صاحب، واٽ وڃائي ويٺو آ.

نظم

نئون پاپ - نگر

هڪ پاپ - نگر مان نڪتاسين،
ٻئي پاپ - نگر ۾ پهتاسين،
هڪ جيل مان مس مس جانِ ڇٽي،
۽ زنجيرن ۾ ڦاٿاسين!

هڪ جنڊَ ڳچيءَ مان لاٿوسين،
پيو ڳٽ ڳچيءَ ۾ پاتوسين،
هيءَ ڪنڌ اڃا آزاد نه ٿيو،
۽ ڦٽڪي، ڦاسي چاتوسين!

هي پاپ - نگر، هو پاپ نگر،
ريت ٻنهي جي ساڳي آهي،
ڏاڍَ به ساڳيا، ڏاڍا ساڳيا،
ڦند نوان، نئين ڦاسي آهي!

هر هنڌ اهيئي چارَ رکيل،
اي ڌرتي! تنهنجي ڌوتن جا،
هر شهر جون راهون اونداهيون،
۽ ساڳيا رستا ڪنڌن جا!

هر روح تي آهي چپَ ڪريل،
هت خونَ ٿين ٿا جذبن جا،
هت مرڪَ جو ناسي مڪو به سوال،
هت ٽهڪ ٽڙن ٿا زخمن جا!

هن شهر اسان جا روحَ ڦٽيا،
ڪجهه سور ڏنا، ڪجهه پور ڏنا،
هن پاپ - نگر، بيداد - نگر،
نِت نِت نوان ناسور ڏنا!

هت سورن سازي ماٺ ڇڏيو،
هت جياپو جنجل بنجي ويو،
هت لڙڪن تي پي بندش آ،
هر اڌمو اندر گهٽجي ويو!

هت جن پي سوچيو، سچ چيو،
سي ڪرڻن هيٺان ڪٽجي ويا،
جانڊهه جي پڙ هيٺان جذبا،
داڻن وانگر پيسجي ويا!

هر دور ۾ ڏاها پيڙيا ويا،
هي ظلم جو ساڳيو کهاٽو آ،
هر ڇتَ هٿان ٿو زهر پئي،
هن شهر ۾ جيڪو سياڻو آ!

هت ذهن تي آهن زنجيرون،
هت ڦول ڪماڻا، آسن جا،
هت پيار تي پهرو آهه لڳل،
جنهن پيارَ ڪيو سو ڏوهي آ!

هن ڌرتيءَ، دک جي ڌرتيءَ تي،
تون ليڪهن لياڻ آيو آن،
۽ پٿر جي هن شهر اندر،
موتين کي ورهائڻ آيو آن!
او واٽ - مسافر وڻجارا!

تون پهتين ڪهڙيءَ وستيءَ ۾؟
هت ڪنهن جي ڪنهن کي ڪاڻِ نہ ڪا،
هر ماڻهو پنهنجي مستيءَ ۾!

ڀي پاپ - نگر، نئون پاپ - نگر،
هن پاپ نگر جي ڳالهہ نہ ڪر!
تو چريت نِگري ناهہ ٻڌي،
جت ڏاڏو تيندو گابو آ!
هن شهر جو راجا راڄ ڏٺي،
آنَ چريت جو پي بابو آ!

آزاد نظم

ساڙي بہ جڳ سين!

تصور ۾ آن جي ٿي تصوير هئي،
خيالن جي ويران وستيءَ ۾
گم سم هيو روح منهنجو،
۽ سوچن جي ساگر جي گهرائين ۾،
مي دل، ڪنهن جي ڳولا ۾ نڪري وئي هئي،
گهڻي وقت کان ڪين موٽي سگهي هئي!
مون سمجهيو،
فقط دل جا هئي رازدان،
۽ جنهن سان رهاڻيون هيون روح جون،
اها پڻ هميشہ لئہ مون کان رُسي وئي،
۽ اوڙاهہ ۾ مون کي ڏيئي ڏکو،
اڪيلو ڇڏي وئي ۽ ناتو ڇني وئي!

اِئين دل جي ماتم ۾ مصروف هوس،
۽ پنهنجي مقدر تي سوچيم پئي،
۽ سيني اندر دل کي ڳوليم پئي
مون سمجهيو تہ دل،
جنهن جي ڳولا ۾ نڪري وئي آ،
اهو ڪيس هاٿي ملي ڪين سگهندو،
ڪٿي ڪيترو ئي بہ ڀٽڪي ۽ تڙپي

لکيل ليک قسمت جو،
ڇا پي ٽٺي،
ڊهي ڪين سگهندو!

ائين ٿي خيالن ۾ گم سم هيس،
تہ دل جهومندي آئي سيني اندر،
۽ مون کي چيائين:
"تہ ارشد !
تون اُن لاءِ ايڏو پريشان نہ ٿي
تون جنهن لاءِ مون کي ملامت ڪندو آن،
تون جنهن لاءِ تو رت جا ڳوڙها روئين،
سڄي رات تو واٽون نهارين،
اجا رنگ ميندي‌ءَ جو آن جي هٿن تان،
لٿو ناهہ ليڪن،
هوءَ زنجير، زندان ٽوڙي،
ٽئين قيد خاني جون سيخون مروڙي،
۽ پردن ۽ پهرن جا گهيرا پٽي،
فقط تنهنجي درشن جي خاطر،
هوءَ تنهنجي اڱڻ تي ملڻ آهہ آئي!
ڪهين ڪم بهاني اسانجي اڱڻ تي هوءَ آئي هئي،
۽ شرمنده نظرن سان مون ڏانهن هِڪ ٽڪ
نهارڻ لڳي!

۽ آن ڏانهن جڏهين مون پنهنجون،
مياري نگاهون ڪنيون،
تہ سوچن جي ساگر مان مهڻن،
ميارن جون بہ انت چوليون،
چپن جي ڪنارن سان ٽڪرائجي،
وري دل جي دريا ڏي موٽي ويون.
۽ جو ڪجهہ چوڻ ٿي گهريو مون،
نہ چئي مان سگهيس،
۽ پٿر جي بت جيئن خاموش هوس !
زبان بند هئي. پر،
اکين تي بہ الفاظ "شادي مبارڪ" جا اُڪريل
هئا.
تہ ڳوڙها بہ جن کي مٽائي سگهيا!
اهي لفظ جڏهين پڙهيائين،
تہ سنجيده ٿي وئي ۽ روئي ڏنائين،
نمائيون نگاهون جهڪائي ڇڏيائين!
پري کان ٿي پاڻهون ٻڌائين
ائين ٿي لڳو، ڄڻ چوڻ ٿي گهريائين:
تہ "ارشد!"
اڄا تائين اڄ جيئڻ تنهنجي ٿي آهيان !
ميان ٿي تہ پيءُ ماءُ جيئري ٿي مون کي،
چٽي آهہ توکان ڇڏيو،
۽ جنهن شخص سان مان پرڻجي وئي هان،
انهيءَ لاءِ منهنجي اندر ۾،
محبت جو ڪوئي بہ جذبو نہ آ!
ائين سمجهہ جسمن جي لاشن منجهان،
هڪ لاش ٻئي لاش سان ٿي سلهاڙيو ويو آ!
۽ جنهن ڏينهن سهرن جي سِرهاڻ ۾،
۽ دهلن ۽ شرنائين سان،
اسان جا جنازا کنيا پئي ويا،
انهيءَ ڏينهن آئون مري وئي هيس،
۽ مٽيءَ، مٽيءَ سان نڪيتي ڪئي هئي!
انهيءَ ڏينهن ٿي روح منهنجي،
فقط روح تنهنجي سان لائون لڌيون هيون!"

مان سوچڻ لڳس:
تہ مظلوميت جو اهو داستان،
فقط هن ٿي هڪ قيدياڻيءَ جو ناهي!
اها ٿي ڪهاڻي آ،
مشرق جي مجبور گونگين ۽ بيوس ۽ مظلوم،
سنڌي بندياڻين سنڌي،
سدائين سندن ماءُ ۽ پيءُ جن جو گلو آ گهٽيو،
۽ تن جي اُمنگن ۽ احساس کي،
رواجن ۽ رسمن جي ڦاسن تي ٽنگيو ويو آ،
۽ پٿر جي بي حس بتن جي ٿي قدمن مٿي،
جوان سال جسمن جي جذبن کي چڪيا ٿي،
چاڙهيو ويو آ!
جڏهن ياد مون کي اچن ٿيون،
ڪي اهڙيون ڪهاڻيون،
ڪي پنهنجون، پرايون،
نيون يا پراڻيون،
تہ سوچيان ٿو ارشد!
تہ اهڙين ڪهاڻين تي سوچڻ ڇڏي ڏي!
چيو سچ سياڻن تہ "جاڙي بہ جڳ سين!"



نالو: قمر الدين ٻگهيو.
ادبي نالو: قمر شهباز
جنم تاريخ: 13 اپريل 1938ع نواب شاهه.
لکڻ جي شروعات: 1950ع
تعليم: ايم. اي انگريزي ادب،
ڪرت: سرڪاري ملازم
ڇپيل ڪتاب: قمر شهباز جون چونڊ ڪهاڻيون، چنڊ رهين تون دور (شاعري) اڻون گهر (مقالا ۽ ڪهاڻيون) "ادا" رسالو به ايڊٽ ڪيائين.
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه

بيت

ڇُريو آهي ڇنگ، پــــــڙڪي اٿي باهه،
ساٿي ڪرهو ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي.

اڪڙين ٻجي آلاڻ سان، ڏوٺي ڇڏ تون داغ،
ٻريا هي چراغ، ڪيسين جلندءِ جيءَ ۾.

توڙي ڪاري ٻاٽ، توڙي اوڪــو مــاڳ،
ٻارينداسين ســاٿيــو، آنڌيءَ ۾ بي لاٽ،
ملي ويندي واٽ، مــتــان ٻَر مــاندا ٿيــو.

ڇگمگ جليا ديپ، جرڪيــو آهه جهانَ،
جاڳيو آ انسان، سهسين ٿيندا سوجهرا.

رڳي ڇڏيئہ رت سان، ڪوٽ، ڪڙا ۽ ڪيرَ،
ظلمت جا زنجير، روڪيندا ڇا روح کي.

ڪــپــن ڪــاڏڙ ڪــوڏ، واريءَ وهاڻا وار،
توڙي هيٺا پار، ته به ڍاهينداسون ڍوهہ کي.

جيــون آهي جوت، پَل ڪن لئہ مــهــمــان،
اوت، مٺا تون اوت، مــتــان وسامي وڃي.

تون ئي مهڪيو گيتُ، تون گيتَ جو پڙلاءُ،
ساٿين، هي سنگيتُ، توريءَ منجهو پاڻيان.

*

گهورن جو گهائل، گهائل منهنجو جيءُ،
سائين هي سائل، سائل تنهنجي سونهن جو.

تڪا تڪ نينڍَ، سڪا سڪا ساهَ،
رڪي رڪي روح مان، اڏامي ٿي آهَ،
اَجها او الله، سڳهو آٿج سوجهرو.

منزل نڪو ماڳ، اسين آديسيڙا،
پري پنڌ اجهاڳ، آڪيرا آڪاس ۾.

تارن ۾ تارا وجهي، تڪيئر راتي راهه،
ستا سپيئي ساهه، نينهن ويري ننڊ جو.

وڪريل منهنجا وار، ڳهاڻا منهنجا ڳهاءَ،
سالن جا سوداءَ، ڪِلي پيا ڪن ۾.

اندارو آڪاس، ساٿو منهنجو ساهه،
پاڳل منهنجي پريتڙي، چريو منهنجو چاهه،
پوبون آ پساهه، سڳهو پهچ او پرين!

سڏڪي پيا سنگيت، آسون اجهاڻيون،
راتيون ويڳاڻيون، راتا، تو ريءَ روح جون

وائي

وَسَ وَسَ منهنجي ويراني تبي،
اڄ تہ ڪٽي تون وس، او يار.

ڪنهن نہ رُنو، او ڪنهن نہ رُنو،
آ ڳوڙهن جي افساني تي،
اڄ تہ ڪٽي تون وس، او يار.

ڪين سَري، تون آءُ وري،
مهر ڪري مستاني تي،
اڄ تہ ڪٽي تون وس، او يار.

رات پئي، پر ڪانہ رُني،
پل پر لئہ پرواني تي،
اڄ تہ ڪٽي تون وس، او يار.

چنڊ رهين ٿودور، تون ڌرتيءَ جا درد نہ ڄاڻين!
هت هر آشا باندي آهي، بيوس ۽ مجبور،
چنڊ رهين ٿو دور!

هر مکڙي جڻ گهائل آهي، هر گل ۾ ناسور،
چنڊ رهين ٿو دور!

صدين کان کو ساهہ سڪايل، چاهت ۾ آ چور،
چنڊ رهين ٿو دور!

واڻي

ساعت ساعت سوري ياڻي، منهنجو من منصور،
چنڊ رهين ٿو دور!
هاءِ! نہ ماڻيم، چنڊ اياڳا، ڪنهن جو پيارو پور،
چنڊ رهين ٿو دور!

چنڊ رهين ٿو دور، تون ڌرتيءَ جا درد نہ ڄاڻين!

پريتم ! اوري آءُ - الا !
آءُ گهڙي پل ويهہ تہ منجن گهرا گهرا گهاءَ،
ٻَهرَ ٻَهرَ کي پنهنجا ڏکڙا، پلکن کي پيڄاءَ - الا !
پريتم ! اوري آءُ.

گيت

دل جي ويرانن ۾ ڦهليا، يادن جا ڦهلاءَ،
مومل جي مستانن جا هت پهتا ڪيڻ پڙلاءَ - الا !
پريتم ! اوري آءُ:

الفت کي ڇا روکي سگهندا، انڌيرا انياءَ،
نيٺ تہ پنڇي موٽي ايندا، ٿيندا شل پرياءَ - الا !
پريتم ! اوري آءُ.

آزاد نظم

”نئون نياپو“

تنهنجي چاهت چکيا آهي،
سورڻ آءُ سينگار ڪري،
پنيت پنيت پاهه پري!
مُرڪ بنان ڪيئن سرمد رهندا،
پيئڻ وارا مرڪي پيئندا،
منصورن ڪي متوالن ڪي،
زهر بہ ڏين جي پري پري؛
پنيت پنيت پاهه پري،
سورڻ آءُ سينگار ڪري!
ڪانڊن ڪي چا ڪرڻ جهليندا،
ڪونڌر آخر ڪُسندا رهندا،
پروانن جي، مستانن جي،
سوري ريءَ ڪيئن سري سري؛
پنيت پنيت پاهه پري،
سورڻ آءُ سينگار ڪري!
مانجهي ڪهڙا ماڳ پڇين ٿو،
پنهنجي منزل دور گهٽو ٿي،
جاڻ اڏاٽا، پاڻ اسان جا،
تارن کان پي پري پري؛
پنيت پنيت پاهه پري،
سورڻ آءُ سينگار ڪري!

”اوهان جي پڄاڻا“

اوهان جي پڄاڻا،
نہ بلبل ٿي چهڪي، نہ مکڙي ٿي مهڪي.
نہ بادل ٿي برسيا،
نہ ورسيا وڻاڻا، اوهان جي پڄاڻا.
اوهان جي پڄاڻا،
اسان روح ڪي جڻ نچوڙي چڪاسين،
اداسي نگاهن ۽ تشنہ لبن سان،
هر گام،
هر شام تو کي پڪاري ٿڪاسين،
مگر تون نہ آئين،
نہ آواز آيو،
بهارون نہ موٽيون.
۽ ڪونجن جون وچڙيل قطارون نہ موٽيون،
گلن جا زخم ڪين ڀريا،
نہ ڀريا،
ويا دور وچڙي سي ساٿي نہ وريا،
ساٿي سمهي پيا، ۽ مقتل وساڻا.
اوهان جي پڄاڻا.

غزل

رات اسان کان پيارا وڇڙيا، چانڊوڪيءَ کان چارا وڇڙيا،
سانوڻ ڪهڙي ڪارڻ ايندو، دل کان جو دل وارا وڇڙيا.

ڪنهن سونهن ڏني، ڪنهن ساهه ڏنو، ڪنهن دردن جو درياهه ڏنو،
ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو آيا، ڪهڙا جيءَ جيارا وڇڙيا.

خوابن جي ايوانن ۾ مان تنها تنها ڇو آهيان،
جن جوت ڏني، سي موت نيا، هئي! تاريڪيءَ ۾ تارا وڇڙيا.

تون گيت هئين، سنگيت هئين، يا منهنجي من جو ميت هئين،
اڄ گيتن کان گونجار وئي، اڄ دريائن کان ڌارا وڇڙيا.

ڪي ڏينهن ٿيا جو مينهن پيا، جن پيار ڪيو سي ڌار ٿيا،
تون ڇا وڇڙين، دنيا وڇڙي، مون کان ساٿي سارا وڇڙيا.



نالو: منظور حسن قريشي
ادبي نالو: منظور حسن قريشي
جنم تاريخ: 4 آڪٽوبر 1931ع
حيدرآباد سنڌ.
لکڻ جي شروعات: 1954ع
تعليم: ايم. اي (سنڌي)، بي.ايڊ،
ايم.ايڊ
ڪرت: درس و تدريس
ڇپيل/اڻ ڇپيل ڪتاب: ڏاهر جو پوڄاري،
حقيقتِ ڪربلا (ڇپيل) افساني جو
مجموعو
تنظيم سان وابستگي: 1956ع
سنڌي ادبي سنگت نوابشاهه
ڏس پتو: 63 - سي گورنمينٽ ايمپلائير
هائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه.
فون: آفيس: 60690

انڌي ڪنيا

انڌي ڪنيا
ندي ڪناري،
سندر ڪنيا.
ويٺي هي ئي سوچيو
هن دنيا جا رنگ برنگي،
منظر ڪهڙا آهن؟
نديءَ جي لهرن مان هي جي،
مٺڙا مٺڙا سُر نڪرن ٿا،
هن لهرن جي تارن کي،
ڪي سندر هٿڙا شايد ڇُهن ٿا.
رات جو تارا،
چنڊ،
چانڊوڪي،
ڌرتي سونهي، امبر سُندر.
چڻ ڪا ديوي، پاڻ سينگاري،
ويٺي آهي
منجهه روپي مندر،
گلشن ٻهڪي، گلڙا ٽهڪن،
سوسن، نرگس،
گل گلابي،
رات جي راڻي، ڏينهن جو راجا،
هڪ ٻئي کي ڳلي لڳائي،
ايئن ٿا جهومن جيئن شرابي.
ءُ هن سوچيو،
هاءِ! هي منظر،
پر مون سڀ صرف ٻڌا.....
ڪونه ڏٺا ٿر،
منهنجي قسمت،
آءُ هڪ آهيان،
انڌي ڪنيا.



نالو: بشير أحمد ولد محمد صالح ڀڳهيو

ادبي نالو: بشير ڀڳهيو

جنم تاريخ: 18ڊسمبر 1947ع

لکڻ جي شروعات: 1962ع کان

تعليم: بي.اي.+بي ايڊ.ايم.اي

ڪرت: رٽائرڊ استاد

اڻ ڇپيل ڪتاب: ديوان بشير

تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي لوڪ ڪچهري (سالڪ) نواب شاهه جو صدر ۽ سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه جو بنيادي رڪن

گيت

آ ۽ ته ڪريون اڄ پيار اوساڻي،
ڪين ڪڏهن ٿيون ڌار او ساٿي،
آ ۽ ته ڪريون اڄ پيار او ساٿي!!

دور هلي ڪو ديس وسايون،
ديس وسائي درد ونڊايون،
پاڻ ۾ ٿي غمخوار او ساٿي،
آ ۽ ته ڪريون اڄ.

دل جي دنيا تنهنجي آ نالي،
ساهه ۽ سريي تنهنجي آ حوالي،
توسان اهو اقرار او ساٿي،
آ ۽ ته ڪريون اڄ.

بلبل ڪان پڇ باغن ڪان پڇ،
منهنجي دل جي سازن ڪان پڇ،
تنهن ۾ وڄي تنهنجي تار او ساٿي،
آ ۽ ته ڪريون اڄ.
منهنجو مقصد منهنجي منزل،
منهنجو آهين تون ئي حاصل،
سڀ ڪجهه ٻيو بيڪار او ساٿي،
آ ۽ ته ڪريون اڄ.

گيت

مارو سدا ٽڙندا رهن

مينهن منهنجي ٿر جي سانگين جي مٿان وسندا رهن،
مڙس مانجهي سرَ سنگهريون ٻارڙا نچندا رهن.

اي خدا تون سبز سائو منهنجي مارن کي ڪرين،
حڪم اهڙو قدرتي ڪو تون بهارن کي ڪرين،
گل گلابي جيئين ٽڙن، مارو ائين ٽڙندا رهن.

جام برساتيون پيون واريءَ مٿي ڦهڪار ٿي،
صبح جو چاڏين اندر ڪنگڻ سندي ڇڻڪار ٿي،
للر لاٽا، پَرٽ ماندا ٿا سدا ٿَڻندا رهن.

مينهن پنهنجي مند جهلي، ٻَڄ تي ۽ ڍٽ تي آ وٺو،
هر هليو واريءَ مٿي هاري ڇٽن ٿا ٻج سٺو.
ڪٽڪ جوئر ٻاجهري مارو فصل لڻندا رهن.

هٿ کڻي دم دم ڪريان ٿو عرض پنهنجو اي خدا،
شاد ۽ آباد مارو شل رهن ڇپرين سدا،
سانگي سهٽا پنهنجي تاريءَ تي تري ٽڳندا رهن.

ڪافي

سڪي سام منهنجو مٺا موٽ هائي،
اچي ڳالهه ٻيئي آ اڄ يا سڀاڻي.
سڪي سام منهنجو

رقيبن سان رَلَ مَلَ بنا ڪنهن ٻہ جهل پل،
پرين پرت تنهنجي ڪيو پام پل پل،
جگر ويو جلي آ خدا پيو ٿو ڇائي.
سڪي سام منهنجو

ڪري بند مونکي خوشيون پل ملهايو،
نہ جهڪيو ڪڏهن پيءُ جي سڀ ڪجهہ جلايو،
اچا وڏ نہ پيڙيو ڪٿي منجهہ گهاڻي.
سڪي سام منهنجو

ڪسر قرب ۾ مون ڇڏي ڪانہ ڪائي،
وڃي ٿئين انهيءَ جو لهي جو نہ پائي،
نڪر پيءُ ڪو وٺيو آ، ٽڙڪو سڃاڻي.
سڪي سام منهنجو

بشير آهي توسان ڏکن ۽ سکن ۾،
سياري ۽ سانوڻ ۾ جهولن جهَڪن ۾،
گلن ياڳ منهنجا جو رب توکي آڻي.
سڪي سام منهنجو

انتظاريءَ ۾ رات اک نہ لڳي،
بيقراريءَ ۾ رات اک نہ لڳي.

مثل شبنم، شب فراق ٿي گذر،
اشک باريءَ ۾ رات اک نہ لڳي .

غمگساري نہ ڪنهن ڪان ٿي ڪا گهڙي،
آہ زاريءَ ۾ رات اک نہ لڳي.

هاءِ ڪم ظرف، جو ڪيا ٿي مذاق،
تاگواريءَ ۾ رات اک نہ لڳي.

نيٺ تشريف فرما محب ٿيو بشير،
رازداريءَ ۾ رات اک نہ لڳي.

غزل

هڪ نظر جي عنايت ڪپي،
بس اهائي رعايت ڪپي،

ڇا بہ ڏين، ڪجهہ بہ ڏين،
تون سخي آن، سخاوت ڪپي.

تنهنجي قدمن ۾ بس ٿئي بسر،
هيءَ حياتي اجازت ڪپي.

هڪ سنڌو، پيو سنڌہ سات يي،
جاني جوڙي سلامت ڪپي.

حسن اڳيان جهڪڻ لئہ بشير،
ناز نوڙت، مروت ڪپي.

غزل

نالو: علي اصغر عبدالڪبير خاصخيلي

ادبي نالو: اصغر

ڄنم تاريخ: 14-7-1937

لکڻ جي شروعات: 1959

تعليم ايم اي (مسلم هسٽري)

ايم.اي (انگلش)

ڪرت: درس و تدريس

ڇپيل/اڻ ڇپيل ڪتاب: Volumes

Fire fly English Grammar (VI, VII, VIII)

تنظيم سان وابستگي: "سنڌي ادبي سنگت (نواب شاهه)

ڊس پتو: بي/ 58 گورنمينٽ ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي نواب شاهه

فون: 62940

غزل

ڳسي جو نشاني ڪان سو تير ڪهڙو؟
پڄائي مرادون نه سو پير ڪهڙو؟

جڏو جڳ جو يارو اٿو هر سهارو،
سهي سٽ سگهي هڪ نه سو ڪير ڪهڙو؟

محبت جا ماريل ته مرندا مري ويا،
اي حاذق تو ماريو هو اڪسير ڪهڙو؟

دغا سان ڪيا جن ڪان جاني جدا ويا،
سمهن سي ڪٿن تي پين ڪير ڪهڙو؟

ٻنان سِر سنديءَ سٽ چوڻ سچ آ سولو
وڃائي نه جو سِرُ سو سچ سير ڪهڙو؟

ڳلا مان وري ڇا ٿو غيرن جي اصغر،
لڳي جنهن کي گهر مان نه سو مير ڪهڙو؟

نظم

قضا جي قلم لوح تي انگ لکيو آ
مگر ڏمسان ڏورڻ تہ ڏاڍو ڏکيو آ.

ڏکا ڏمڏئي آ جڏو جسم جکڙيو،
مگر من ميهر سان ري ٻنڌڻين ٻنگيو آ.

لڳي زور جي مونکي ميندي نہ سگهندي،
رضا ريجهہ ريءَ ساهرن نڪ سبيو آ.

لڙهن ٻرلڙهي تي نہ وروٽ وهي تي،
ڪتان اهڙو قاضي ڳنڍڻ سگ سکيو آ؟

ڪُنَ ڪان اهي ڪِو ڪلهن ڪين ڪائين،
جنين چاه جو ساه چِت سان چکيو آ.

نشا نيهن جا جنهن کي کَل تنهن کي کهڙي،
تہ عيوض پڪي جي ڪچو ڪنهن رکيو آ.

ٿين ياڻ ياڳين جا اصغر نہ خالي
وري ماڳِ ميهر جي دونهون دکيو آ.

منظوم ترجمو

G. Allana,, ! had reached your door steps
تنهنجي در جي ڏاڪن تي پهچي چڪو هوس،

ويو گر تي غفلت وچان مون کان نقشو،
ڏٺل جنهن بر تنهنجي هيو گهر جو رستو،

ويهي زندگيءَ جي رهيس چوڏگيءَ تي،
چير هر مسافر کي "ڏس ڪو ادا ڏي."

چيو ڪنهن تہ رستو ڏکهو پُر خطر آ،
هو ڏسيو تو "سهنجو سفر مختصر آ".

چڪر چاڙهيون لک ٻڌايائون جام،
چيو هو سڌي تو "سڙک آهہ عام"

چيو ڪن ڪتي بيت معمور آهي؟
پراڻو جنونين جو مي پور آهي"

چيو هو تو آ حق بر حق باقي،
دنيا دم گذر ۽ ٻي هر چيز فاني.

وچايل سو نقشو وري جو ڏٺو تو،
خبر پئي چوڻ تنهنجو سارو سچو هو،

متان پهرئين ڏاکي جي منهنجوقدم هو،
۽ اصغر اڳيان جلوه فرما صنم هو.

وائي

چئہ سهيلي ڇاهيان جي مان ڳهيلي ناهيان؟
مان ڳهيلي آهيان.
ڳهاڻ جي مون لئہ ڳهڙن تن کي سڄڻ ٿي ڀانئيان،
مان ڳهيلي آهيان.
منهنجو ور جلون جو گهورو مان نہ گهونگهٽ لاهيان،
مان ڳهيلي آهيان.
پيون ويون ٻانهيون تي راڻيون مان اُتي ئي آهيان،
مان ڳهيلي آهيان.
ڏئي مٺيو ور وٺي ڪسي تنهنجا بہ مان ڳڻ ڳائيان،
مان ڳهيلي آهيان.
ڳالهہ اصغر جي هنئين سان مان نہ تي هنڊائيان،
مان ڳهيلي آهيان.



نالو: رسول بخش زرداري

ادبي نالو: رسول بخش زرداري

جنم تاريخ: 5، آڪٽوبر 1946ع

لکڻ جي شروعات: 1963ع کان

تعليم: بي.اي، ايل ايل. بي،

ڪرت: وڪالت اڳوڻي APP

اڻ ڇهيل: ڪيتري شاعري

تنظيم سان وابستگي: سگا، پرڀات آرٽ سرڪل، زرداري ايسوسي ايشن نواب شاهه.

ڏس پتو: ڪئمپ نمبر 2 نواب شاهه/ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسي ايشن نواب شاهه.

فون: 0241-63904

ڪافي

اڄ اڱڻ عجيب، حبيب آيا،
منهنجي من جا محب مجيب آيا.

هٿي سڪ اندر ۾ ڦاڏي گهٽي،
تن جي پريت ڪيو پيرن جي پٽي،
سٺي سڏڙا، منهنجي دل جا ڏٺي،
ڏيڻ دارون تن جا طبيب آيا،

سان ڀلي، ڀليءَ ۾ ڳڻ ڳايان،
اهي ڀال ڀلي جا ٿو ڀايان!
احسان انهن جا ڪيئن لاهيان،
ڪري قرب هزارين قريب آيا.

ڏاڍا زرداري ديدار ٿيا،
اڄي نيڻهن نوان نروار ٿيا.
پورا قرب جا قول قرار ٿيا.
ڪٿي منهنجا ڀاڳ نصيب آيا
اڄ اڱڻ عجيب حبيب آيا!

ڪافي

سانوڻ ويسَ ڍڪي ٿئون آيو، سرتين ڪيا سينگار،
وھ واھ سرتين ڪيا سينگار.
جھڙ ڦڙ جھڙ ڦڙ ڪاريون ڪڪريون، گوڙن جا گجڪار،
وھ واھ سرتين ڪيا سينگار.
کيتن تي هو کنوڻين چمڪا، چوڌس مينگھ ملھار،
وھ واھ سرتين ڪيا سينگار.
وڻ ٽڻ ساوا ويس ڍڪيا ۽ وڻڙي بوند بھار،
وھ واھ سرتين ڪيا سينگار.
زرداريءَ جي آءُ اڱڻ تي، سونھن پريا سردار،
سرتين ڪيا سينگار.
سانوڻ ..... ڪي ٿئون آيو.

87

ڪافي

محب منا تون ماڳ نہ آئين،
تنھنجا پنڌ پڇايان،
ڪنھن کي حال ٻڌايان.
تنھنجو، منھنجو ناتو نرمل، ازلئون آھي پيارا،
ڪيئن وساريان.توکي ساجن توکي ڪيئن ڀلايان،
تنھنجا پنڌ پڇايان،
ڪنھن کي حال ٻڌايان.
روز ٿو تو لئہ راھ نھاريان، روز ٿو ڦالون پايان،
پانڌي رُوز پڇايان سائين، روز ٿو ڪانگ اڏايان،
تنھنجا پنڌ پڇايان،
ڪنھن کي حال ٻڌايان.
زرداري آ تو لئہ اداسي اڱڻ اچ ھڪواري،
ايندو ڏسي مان توکي سھڻا راھ ۾ نوڻ وڇايان..
تنھنجا پنڌ پڇايان،
ڪنھن کي حال ٻڌايان.

ڪڏهن يار ايندي دلدار مـنـا،
آهي پيـار پلڻ دشـوار مـنـا!

آهي ياد سـجڻ، تنهنجو مـون ڏي اچڻ،
تنهنجو مرڪي ملڻ، منهنجو مست ٿيڻ،
تنهنجو قرب ڏيڻ؛ مون کي قيد ڪرڻ،
آهي ياد سـجڻ تنهنجو پيـار مـنـا،

ڪافي

تنهنجي سـونهن مِٺل هئي ڪانه ڏٺل،
ڏاڍو رنگڙو رتل، هئـو يار ٻڏل،
ڪهڙو يار ڪجل، هيئي نيڻن پيل،
آهيان مـان تہ ڪٺل تنهنجو يار مـنـا.

وڏو قرب ڪري،مون ڪان ٿي نہ پري،
جيئن ٿي باھ ٻري، تيئن ٿي جان ڳري،
اڄ پيـر يـري، نہ ٿي يار سـري!
آهي زرداري عـرضـدار مـنـا.
ڪڏهن يار ايندي دلدار مـنـا،
آهي پيـار پلڻ دشـوار مـنـا.

ڪافي

ڪنهن نہ پروڙي مـامَ،
عشق اڙانگهو، اوکو، اونهو.
سختيون سور سدائين صدما، جيءَ ۾ جهوري جامَ،
عشق اڙانگهو، اوکو، اونهو.
مـحـبت من ۾ مچ مـچايا، ڪين اچي آرامَ،
عشق اڙانگهو، اوکو، اونهو.
درد دلين ۾ لائين ديرِ امن ۾ مـچن مـاتامَ،
عشق اڙانگهو، اوکو، اونهو.
زرداري هت زور نہ هلندو، هتي نہ ڪو هيءَ هامَ،
عشق اڙانگهو، اوکو، اونهو.

اڄ پڻ ڪينجهر ڪنڌئين، ٽيندي نيهن نواڻ،
آئي اتر واءُ ٿي، سڳنڌ ۾ ســــــرهاڻ،
زاريون زرداريءَ جون، پرين پڏيون پاڻ،
ڪارين ڪوجهين ڪاڻ، آيانياپا نينهن جا.

بيت

راڻو رات رسي ويو، ڪين پئي ڪا ڄاڻ،
وڏي ڏنئين ڪين ڪي، ستل سومل ساڻ،
زرداري ســوڊل ٿـــيو، اهڙو ڪو اڄاڻ،
راڻا تنهنجي ڪاڻ، مومل رڙي رات ڏينهن.

دل منهنجي دردن، شيشي جيان پرزا ڪئي،
اندر مچ مجاز جا ٻـ پيــڙ ٿــيو پــڙڪن،
زرداري زاريون ڪري پر جي پاڻ پڏن،
سوين سور سرجن، جيئڻ چڪن ڦٽ فراق جا.

وائي

ڪارا ويس ڪيم تو لئه يار سڄڻ،
جڏهن مونکان ٿئين تون ڌار سڄڻ،

چوريءَ چاه انــدر ۾ چوري وئــين،
ڪپي دل تہ منهن جي تون ڪوري وئين،
پڇان ڪنهن کان پلا تنهن جا پار سڄڻ.

تو کي ناهي مناسب منهــڙو مــٽڻ
پهــرين پيــار ڏئي وري پوئتي هٽڻ،
اهو نـاهي روا دلـدار ســـــجڻ.

ڏاڍو دل تي ڪري توکي ياد مــنـــا،
ڪنهن زرداريءَ جا ڦٽ نہ ڏٺـــا،
مل يار سِڪهـــو هڪـــوار ســڄڻ.

وائي

لٽڙي مونجهہ ملال،
ڄام تماچي تڙ تي آيو.

اگليون سگليون اگهڻ اجاري،
اوريندڙيون احوال،
ڄام تمـاچي تـــڙ تـي آيـو.

مـــهـــاڻن جي مـــاڳ تي هن،
اوتيا عطرن ٿال،
ڄام تمـاچي تــڙ تـي آيـو.

زرداري ٿيون، ڪينجهر ڪنڌئين
ڪڪيريون خوشحال،
ڄام تمـاچي تـــڙ تـي آيـو.

نالو: پيرشبير احمد

ادبي نالو: شوق

جنم تاريخ: 1953ع

لکڻ جي شروعات: 1971ع

تعليم: بي.اي.

ڪرت: زميناري

ڇپيل/اڻ ڇپيل ڪتاب: شراڪت ۾ "صُبوحي" ۽ اڻ ڇپيل شاعري

تنظيم سان وابستگي: بزم طالب المولىٰ

ڏس پتو: بادشاھ انٽرپرائزز سڪرنڊ روڊ نواب شاھ.

مستقل پتو: ديھ 113 نصرت، پوسٽ چار صاحب، ضلع نواب شاھ.

غزل

زندگي پهر جي پهر جو پهر،
زندگي آسن اميدن جو سحر

محبتون ڪجھ الفتون ڪجھ حسرتون،
مجبورين، نفرتن ۽ ڪلفتن جو ڪجھ زهر،

ڪو ته چاٺي ۽ پيار جو پهريون سبق،
زور ظلم ۽ حسد وارن جو قهر

هر ڪو هٿ پاڻ جو ڪريو وڃي،
پوئتي رهجي وڃي اُن جو اثر.

رنگ و بُوسان چاھ، دنيا جو دخل،
سچ وارن جو ته سوکو آ سفر.

پنهنجي منهن هر ڪوئي هِت هلندو وتي،
هَتِ هڪڙي جاءِ تان سڀ جو گذر.

ڪيترو ميرو آ پاڻي ۽ خراب،
ڏسندڙن کي صاف ايندو آ نظر.

ڪنهن جي هٿ ۾ قلم هوندو آ مگر،
هونه چاٺي ڇا لکيو ويندو اکر.

شوق جيڪي مون لکيو آ سچ لکيو،
ڪنهن لکايو ڇا مونکي ڪهڙي خبر.

غزل

رات به توسان بات به توسان!
منهنجي من جي تات به توسان!

ڏينهن ڏئي جو پاتم اونداهي،
آهي ڏکويل ذات به توسان!

جڏهن کي مينهن تڏهن کي پاڻي،
سک واري ڪا ساعت به توسان!

تولاءِ پسران تو لاءِ پچران،
محبت پر آ مات به توسان!

تو سان ڪنهن جي ڪين ڪي پاڻمان،
ذور برابر ذات به توسان!

تنهنجا هوشو تنهنجا دودا،
گهاتو گهر سڀ گهات به توسان!

تون نه ڪي چاڻين وينا پچرن،
آهن چُپ جي وات به توسان!

منهنجي ڌرتي منهنجي سر تي،
ڪنڌ اڏيءِ ڪاٻ به توسان.

شوق الائي ڪڏهين تيندي؟
منهنجي منڙي لات به توسان!

غزل

جهائن ڪي سولو نيايان ته وينو.
مان تنهن جو سدائين سڏايان ته وينو.

ڪيئي وار هڪ سان منهن جي دل جا ٽڪرا،
انهن ڪي هٿن سان ملايان ته وينو.

نه توکي چيم هي ڪيو تو چا مونسان،
پنهنجون آروئون، لڙايان ته وينو.

هٿي دل به منهن جي ڪنڌيءِ منجهه قاتل،
آهستي انهيءِ کي چڏايان ته وينو.

ڪندو هئين تون مونسان محبت گهڻي ڪا،
پنهنجي پر بر توکي پڏايان ته وينو.

هئين چانو ونڻ جي، لهي وئي ٻئي پاسي،
چپر چيڙو ڪو اڏايان ته وينو.

الائجي ڪٿي شوق سان تون سچو ٿين،
تڏهن تانگهه تنهنجي وڏايان ته وينو.

مسجد مندر يا بت خانا، هر ڪنهن اندر پيار جا گانا،
مستي مستي موجون موجون ساقي ساڳيو پيا سوَ مئيخانا.

ڪافي

ڪنهن ڏي ونڊ وڏيڪ وچي جي، نئين کهاڻيوان فسانہ
جيڪي نئي مدهوش ٿي موٽن، سانگن سر سوليءَ ديوانہ،
پنهنجو جيون واري ڇڏن ٿا، شمع جي روشن تي پروانا،
واعظ توکي ڇا سمجهايون، ان جو ليکو ان جا پانها،
دنيا کي جي سالڪ سمجهن، ماڻهن ليکي سي مستانہ،
شوق کي جي ڪجهہ سرڪ ملي پوءِ ادا ڪندءِ پيو سئو شڪرانہ.

غزل

غلط پر چوڻ يار کي آ غلط،
ڇڏي گل چمن خار کي آ غلط.
ڪندو رهہ سدائين وفا در وفا،
ڏيڻ دانهن اغيار کي آ غلط.
جتي دل جو سودو هجي ڪس پلي،
ڪرڻ سوچ ويچار کي آ غلط.
منو جن سان ڪاجي ڪڙو ٻڻ اتي،
اڪيلو ڇڏڻ پيار کي آ غلط.
جيڪا ڳالهہ ڳالهين سان طئہ ٿي وڃي،
اتي شهہ بہ تلوار کي آ غلط.
پلي باز وينا هٿن تي چڳن،
ڏيڻ لقمو پر مار کي آ غلط.
ڪرڻ گهرجي انصاف سان فيصلو،
ولڻ طرف سردار کي آ غلط.
رهي ياد هر دم مدينو مڪو،
وسارڻ پلي پار کي آ غلط.
حسن ڪنهن بہ حجت جو محتاج ناهہ،
ڏيڻ ڏوهہ سينگار کي آ غلط.
ڪڏهن شوق سان قرب ڪر تون منا،
ڏکڻ دل جي بيمار کي آ غلط.

نالو: سيد نادر علي، شاھ.
ادبي نالو: فراق بخاري.
جنم تاريخ: 15-1-1935
لکڻ جي شروعات: 1972ع
تعليم: سنڌي فائينل عربي فاضل
ايم.اي.
ڪرت: يوناني حڪيم، صحافي.
اڻ ڇپيل ڪتاب: ڪوبہ ناهي.
تنظيم سان وابستگي: تنظيم فڪر و نظر، سکر ڪنڌ ڪوٽ.
ڏس پتو: معرفت لونگ ابڙو لوهي دوڪاندار مدينہ مارڪيٽ نواب شاھ.

غزل

پنهنجي معذوريءَ اڳيان مجبور هان،
زندگي جي لطف کان معذور هان.

گل جي خوشبو کان هتي مايوسيون،
پوءِ بہ پنهنجي پر ۾ مان مسرور هان.

شاعري آهہ منهنجي سدا شعلہ بيان،
شاعري جي مئي کان مان مخمور ها.

نفرتن ۾ پيي محبت جو ٿو ڪريان،
پوءِ بہ مفلس نہ هان معمور هان.

تو فراقن تي ڏنا مونکي "فراق"
پوءِ بہ مان تنهنجي ذات جو مشڪور هان.

گلشن ۾ ڇانئي آهي اهڙي گلن جي خوشبو،
جهڙي پرين ڳلي ٿي تنهنجي بدن جي خوشبو.

پکيڙيل جو زلف پيارا تو تڙ تکڙ ۾ کوليا،
هر سو کلي ويئي جڻ مشکِ ختن جي خوشبو.

باد - صبا کي پاتم تنهنجي طرف کان آئي،
ان لئه رسي وئي آ غنچهء دهن جي خوشبو.

عرب و عجم هجي يا پيرس لنڊن هجي ڪا،
مونکي عزيز آهي پنهنجن وطن جي خوشبو.

تو گفتگو ڪئي جو محفل ٿي واسجي وئي،
لالاڻ ۾ لڪل هئي تنهنجي لبن جي خوشبو.

منهنجي نه فڪر کي ڪرڪا تون عطا اي جاني،
شوق - رساجي خوشبو سيرين سخن جي خوشبو.

راهيل کان ترائي ڇاجو گلاب چمپا!
عنبر کان اعليٰ دلبر تنهنجي آ تن جي خوشبو.

ناڪام حسرتن جي داور دعا قبوليو،
رسندي فراق هر جا تنهنجي ٿي فن جي خوشبو.

غزل

تلاطم بحر - غم آهن گوارا،
ستم جا بحر آهن ٻي ڪنارا.

گوارا مونکي آهن ستم تنهنجا،
ايجا ٻي ڏي اسانکي ڪجهه خدارا.

الاهي خير ڪر سوز، و ستم ۾،
خطامونکان نه ڪر منهنجا سهارا.

جفائن جي ڪيان ڪهڙي شڪايت!
اهي مونکي مليا آهن اڌارا.

محبت جو نتيجو آ حياتي،
رهن زنده ٿا هر دم پيار وارا.

فراق گل ۾ مونکي ڇا مليو آ؟
ڪنڊن سان هن رڳو پنهنجا گذارا!

غزل

غزل

نصيب مونکي ڪڏهن به آشيان نہ ٿيو.
اسان کي حاصل ڪٿي به مڪان نہ ٿيو.

چمن ۾ منهنجو تحفظ ٿيو نہ ڪڏهن!
سڪون شناس ڪڏهن آشيان نہ ٿيو.

بهار باد و صبامون گهڻائي ڏٺا،
عطا ڪڏهن به ڪو آستانہ ٿيو.

چمن ۾ باد و باران جو حال ڏسو،
نصيب مون کي ڪڏهن بہ آستان نہ ٿيو.

خود! اي دوست جيون آشنا نہ ٿيو!
جنون اسان جو مگر قابل - فغان نہ ٿيو.

خبر وفا ۽ جفا جي پوي ها مگر!!
فراق تنهنجو سر - عام امتحان نہ ٿيو.

غزل

مون دنيا ۾ وڏا خواب سهڻا ڏٺا،
محب جي خاطر زماني ۾ مهڻا سٺا.

خون سان تازو ڪيم پنهنجو گلزار مي،
گل مگر الفت جا ڪين ٽڙيا مٺا.

جي بہ تنهنجي قرب ۾ گذريا يار هٿا!
مون حسين اهڙا نہ ڪڏهن لمحا ڏٺا.

ڪالهہ گلشن ۾ صبا ڇيڙيو ان طرح،
اڄ وري مون گذريل سڀئي زمانا ڏٺا.

آ ڪهاڻي پي نرالي سراسر فراق
پر وساري حال گذري فسانا ڏٺا.

نالو: بهرام زرداري

ادبي نالو: بهرام زرداري

جنم تاريخ: 1955ع

لکڻ جي شروعات: 1980ع

تعليم: مئٽرڪ

ڪرت: ملازمت

ڇپيل/اڻ ڇپيل : ڪوڙ سارو مواد

تنظيم سان وابستگي: صوفياء اڪرام رضہ

ڏس پتو:هائوس نمبر 24 عظيم ڪالوني نواب شاهہ

گيت

بارش ۾ پچون ٿا،
ڪنهن ڪان نہ ڊچون ٿا،
جو پيار ڪريون ٿا،
الا پيار ڪريون ٿا.

هڪ ٻئي جو ڪندي درشن،
هرگز نہ هچون ٿا.
جو پيار ڪريون ٿا،
الا پيار ڪريون ٿا.

اِچاهت جو ٻڄي چارڻ،
ٽڙ ٽڙ تي وچون ٿا.
جو پيار ڪريون ٿا،
الا پيار ڪريون ٿا.

محبت ٿا رکون من ۾،
نفرت ڪان پچون ٿا.
جو پيار ڪريون ٿا،
الا پيار ڪريون ٿا.

"بهرام" ڪندي مُحبت،
هر گز نہ رَچُون ٿا.
جو پيار ڪريون ٿا،
الا پيار ڪريون ٿا.

غزل

ڪڏهن نيڻ آلا، ڏنا منهنجا هوندئي،
ڪڏهن پنڀُر پالا، ڏنا منهنجا هوندئي.

•

تي مايوس موٽي، يقين تون هوندين،
ڏنل گهر کي تالا، ڏنا منهنجا هوندئي.

ڪري جهول ۾ سڀ، وڏي ساڻ حسرت،
سَڪل گل و لالہ، ڏنا مُنهنجا هوندئي.

ڏيڻ لاءِ مجبور،هوندين مِنيءَ لئہ،
جڏهن پير ڇالا، ڏنا منهنجا هوندئي.

تو تصوير پنهنجي، ڏني پڪ تہ هوندي،
ڇپيل جي رسالا، ڏنا منهنجا هوندئي.

رکيا گهر ۾ هوندئي، پنا سي سنڀالي،
لکيل جن تي نالا، ڏنا منهنجا هوندئي.

چمڻ ساڻ تن کي، نہ هوندئي کهتايو،
لکيل جي حوالہ، ڏنا منهنجا هوندئي.

وسائي ڇڏيئي ڏيپ "بهرام" شايد،
اکين جا اجالا، ڏنا منهنجا هوندئي.

چوسٽا

جڏهن ڳالهہ تنهنجي، ٻڏي ٿي وڃي،
پريشاني پنهنجي، وڌي ٿي وڃي،
پڇر ڪيڏَن تنهنجي، ڇڏي پو ڏيان،
جواني جي توتي، انڌي ٿي وڃي.

وقت پارائي ڇڏي آ هٽڪڙي،
بخت پارائي ڇڏي آ هٽڪڙي،
اي پريتم! توبہ پنهنجي پيار جي،
سخت پارائي ڇڏي آ هٽڪڙي.

راهہ ۾ حائل، ٿيو آ اختلاف،
ڪين ڪي زائل، ٿيو آ اختلاف،
ڪيئن جدا ان کي ڪجي هاڻي حضور!
پير جي پائل ٿيو آ اختلاف.

غزل

حسرت جي جنازي تي ماتم جي ضرورت آ،
افسوس پر رهندڙ اک، پُرنم جي ضرورت آ.

ڪجهه دير اجان تائين، اشڪن جي رواني رک،
مان خشڪ ڪلي آهيان، رمجهم جي ضرورت آ.

جذبات جلن ٿا ۽ ارمان پيا تڙپن،
سپنن کي سنواريندڙ، سنگم جي ضرورت آ.

اتساهہ ڏنو مونکي، آ سيج گلابن جي،
جيون پر جياريندڙ، موسم جي ضرورت آ.

همراهہ هجي همدم، هم خيال شريڪِ غم،
همراز مسافر هڪ، محرم جي ضرورت آ.

ڪجهہ وقت اڳي خواهش، بس زهر پئڻ جي هئي،
هن وقت وري آبِ، زم زم جي ضرورت آ.

رک دور اجان پياسو، پاسو نہ پلٽ موسم،
گلشن جي گلابن کي، شبنم جي ضرورت آ.

ٿي جسم وڃي ساڪت، جنبش نہ ڪري سگهجي،
مدهوش اکين جي اُن، طلسم جي ضرورت آ.

زنجير پيو جوڙيان، جملن جا ڪنڊا لاهي،
زندانِ محبت کي، مجرم جي ضرورت آ.

"بهرام" گنجائش شڪ، شبهات جي ناهي ڪا،
ديدار ڪرڻ ڪنهنجو، دم دم جي ضرورت آ.

ڪافي

لڙڪن ڪاڏي اهڙي اُتل آ -
هو بہ ٻڏو ۽ مان بہ ٻڏي ويس،
برساتن جي مند متيل آ -
هو بہ ٻڏو ۽ مان بہ ٻڏي ويس.

جوين جذبو لهر پر لڙهندو -
ڪيئن وتي ٿو ٻڏندو ترندو،
ديد دريا جي موج متل آ -
هو بہ ٻڏو ۽ مان بہ ٻڏي ويس.

ارمانن جي اونچ نيچائي -
ماريو آهي محض ڪچائي،
برهہ بحر جو بند ٽٽل آ -
هو بہ ٻڏو ۽ مان بہ ٻڏي ويس.

جيئن اچانڪ ڪُلفت ڪڙڪي -
ساهہ چڏيو ٻَت تڙپي تڙپي،
وسعت وارو واهہ وڙهل آ -
هو بہ ٻڏو ۽ مان بہ ٻڏي ويس.

بادل پيرجي آيو آهي -
برسي برسي پياس ٿو لاهي،
مارو ٿر تي پوڏ رسيل آ -
هو بہ ٻڏو ۽ مان بہ ٻڏي ويس.

لڙڪن جو هي پاڻي آهي -
سمنڊ ٿيو يا ساڻي آهي،
يا ڪا سفر جي شاخ پڪل آ -
هو بہ ٻڏو ۽ مان بہ ٻڏي ويس.

"بهرام" بچڻ مشڪل ٿيندو -
ورهہ وڇوڙو جئڻ نہ ڏيندو،
ڪاپاري ڪو ڏڪ لڳل آ -
هو بہ ٻڏو ۽ مان بہ ٻڏي ويس.

نالو: ڊاڪٽر محمد عمر جمالي

ادبي نالو: "جاني"

جنم تاريخ: 30-04-1964

لکڻ جي شروعات: 1984ع

تعليم: ايم.بي.بي.ايس

ڪرت: ڊاڪٽر

اڻ ڇپيل: ڪوڙ سارو مواد

تنظيم سان وابستگي: سخي جام ڏاتار ادبي سنگت

ڏس پتو: فضل باري ڪلينڪ، سانگھڙ روڊ نواب شاھ

نظم

ڪونہ مونکي تو بنائي ڪو وَني،
اِن ڪري جو آهيان ڇوري ڇني.

پنِي سِڪان هڪ ياءُ هڪ پيڻ لئہ
منهنجوناهي ڪو تڏهن آهيان رُني.

ماءُ جيجل ويٺي هلي بابو ويو،
جڻ هجي ڪو گهر سوا ٿوٽي مُني.

سڀ ٿيا هاٿي ڏٺي جيڪي نہ هئا،
هٿ ڪيائون جي مليا زيور بَني.

ڪو بہ مونکي ڪونہ تو پنهنجو ڪري،
هر نظر ۾ آهيان ڪوجهي ڪِني.

جي گهرير ڪنهن ڪان وجي پوتي لَتو،
ڪنهن ڏڪاريو ڪنهن ڪٺي ماني ڏني.

اٽ جمالي ڇو اڃان خاموش آن،
وَٽ نياڻن لاءِ حق زوريءَ ڇني.

غزل

تو سوا اي دلربا هي زندگي گذري نٿي،
ڇا ڪيان اي بيوفا هي زندگي گذري نٿي.

يار جو درشن آهي مون لئه عبادت واري واٽ،
مان ڇڏيان جي بُت ڪدا هي زندگي گذري نٿي.

تون وڃي ڪر ڳالهه دلبر سان منهنجي هر حال جي،
ڦُرب ڪر قاصد ادا هي زندگي گذري نٿي.

درد تون ڏِل کي ڏيئي وئين، ويو ڦٽي آرام آ،
ڪَر اَچي منهنجي دوا هي زندگي گذري نٿي.

منهنجو ناتومهٔ سان ٿيو ساقي سان ٿيو ساگر سان ٿيو،
ڪيئن رَهان مان پارسا هي زندگي گذري نٿي.

خواب ۾ آهين سڄڻ هر ساهه ۾ آهين مَنا،
ڪيئن رَهان توکان جدا هي زندگي گذري نٿي.

وِهءُ جُدائي جو جاني کي نيڻ ماريندو ڪڏهن،
تو ڏني اِهڙي سزا هي زندگي گذري نٿي.

وائي

چِتَ پجاڻي ٿـــڏڙيون هيـــرون ڪنڌي ڦلاريا آڪَ او ســـاٽي
وري آ وري آ تون

سانڊِيرِ ساهہ ۾ سوڪڙيون، ساٽي سان هيڪر ورندين جيڪر
ڏاڍي لڳي آ سِڪَ او ساٽي وري آ وري آ تون.

ڪِنِ وسارِجُ جُوءِ ڪي، ڇاڳريون ٻيريون ٻڪرين ڏوٿيون،
ٻيرن پِريون ٻُڪَ او ساٽي وري آ وري آ تون.

وُٺــڙا مـــينهن وطن تي، گـــاهہ ڦـــٽي وِيا مـــال چَرن پيـــا،
لنگهي هلي آ لَڪَ او ساٽي وري آ وري آ تون.

جاني جمـــالي ســـانگ تي، ڪَر لاڙ ڪونجن ڪونہ ٿيا ٻڌجن،
دل ۾ لڳن ٿا ڏُڪَ او ساٽي وري آ وري آ تون.

غزل

من ترسي پوي نِرمل، اڄ تيـــز وســـو بـــادل،
ڪر ڪُوڪُو اي ڪوئل، اڄ تيز وســو بادل.

ســپ جهومــو ۽ ڳايو گڏ مونسان اي ساٽي،
وڻ وڻ ڪي ٻڌو پائل، اڄ تيـــز وســـو بـــادل.

اڄ بـاغ ۾ بلبل آ ســــــــرهاڻ آ گل ڦل ۾،
ٻڌ چيــر ۽ مــور تہ ٽِل، اڄ تيــز وســو بادل.

خاموش نہ ٿيو هاڻي وڻ، وڻ تي پکي ٻوليو،
مـــونکي ٻہ ملي منزل، اڄ تيـــز وســـو بادل.

قسمت سان مليو دلبر پَل پَهر هجي هِتڙي،
گهل ٿڌڙي هير تہ گهل، اڄ تيز وسو بادل.

مـدت کـان هئي جاني هِن ڪاڪ ۾ ويراني،
وِئي مـونکي ملي مومل، اڄ تيز وسو بادل.

Soorih Mirani

جڏهن آڏي جو چنڊ چمڪي، تہ سمجهي وڃ پڳو جاني،
سڄڻ تنهنجو بہ دَرَ ڪڙڪي، تہ سمجهي وڃ پڳو جاني.

تڙيل پکڙيل هُجن تارا جڏهن ٿي رات مستيءَ ۾،
پپيو تنهنجو بہ من تڙپي، تہ سمجهي وڃ پڳو جاني.

غزل

هوائن ۾ هجن موجون ۽ وڻ، وڻ ۾ هجن واڪا،
مٿان بادل ڪنوڻ ڪڙڪي، تہ سمجهي وڃ پڳو جاني.

هجي خاموش بلڪل تون ئي جي هجين ننڊ ۾،
پوين جاڳي ۽ دل ڌڙڪي، تہ سمجهي وڃ پڳو جاني.

جمالي مينهن وسڪارو هجي جاني ڀلي سيارو،
پيوسيءَ ۾ بدن تڙڪي، تہ سمجهي وڃ پڳو جاني.



نالو: محمد بخش بلوچ
ادبي نالو: حيدر بلوچ
جنم تاريخ: 5 جولاءِ 1944ع
لکڻ جي شروعات: پهريون 1960ع
تعليم ايم اي (معاشيات)، ايل ايل بي،
ڪرت: درس ۽ تدريس (پرنسپال) سچل سرمست ڪاليج نواب شاهه
اڻ ڇپيل : ڪيترو نئون مواد
تنظيم سان وابستگي: ميمبر بورڊ ۽ يونيورسٽي
ڏس پتو: عائشه منزل، ريگل چوڪ نواب شاهه
فون: گهر: 0241-62665،
آفيس: 64312

غزل

پيار جي پونجي تي مون کي ناز آ،
جو مليو غم پيار جو اعزاز آ.

بي وسي هن روح جي توري ته ڏسو،
ساهه سان ڪوتاهه ٿي پرواز آ.

ڪيئن نظرن جي شڪايت مان ڪيان،
جو حجابن ۾ سمايل راز آ.

هڪ نظر سان ٿي منور دل وئي
هي نگاهه ناز جو اعجاز آ.

مسڪرائي دلربا جنهن دم ڏنو،
پيار جو اُن دم ٿيو آغاز آ.

خوش نصيبن سان ٿيو منهنجو شمار،
هر خيال وهمنوا همراز آ.

دل مکري "حيدر" نئي ڪئين اوريان،
درد الفت ايترو ممتاز آ.

نظم

ڪينجھر ڪناري

هوء جا ڪينجھر ڪناري ويٺي هئي،
ڪنهن سوچ ۾ وڪوڙيل هئي،
سندس نيڻ هئا جي خماريل،
چڻ انگورن جو رس پيتل هئي،
هوء پاڻيءَ کي جا چوري پئي،
چڻ تارن سان کيڏي پئي....

هوء گل مثل جا جهولي پئي،
هڪ وڻندڙ خوشبو گهولي پئي،
زرخيز زمين تي ڄائي هجي
چڻ چنڊ مثل ڪا آئي هجي

هوء جا ڪينجھر ڪناري ويٺي هئي،
ڪنهن سوچ ۾ وڪوڙيل هئي،

چڻ موسم بهار جي مند هجي
جڏهن چپڙا پنهنجا چوريا تئي،
چڻ ڪينجھر جي ڪا سڪ هجي
جڏهن نيڻ کڻي جي نهاري پئي.

نظم

" ڀٽڪندڙ مسافر "

مان جڏهن به ....
چاهيو ته ....
پيار کي پلي ....
دل کي سلي ....
عشق کي جهلي ....
اوڙاهه ۾ ڏيان
تڏهن تڏهن
منهن جي لئه
ائين ڪرڻ
ائين ٿيو ٿئي
جيئن
تپندڙ صحرا ۾
تڙپندڙ پکي
آکيري لئه
اُجهامندڙ ساهه
پاڻي لئه
ڀٽڪندڙمسافر
راهه لئه ....
چنڊ جي چانڊاڻ
ٿڌڙي هير لئه ....
ڦرندي ٿي رهي
تڙپندي ٿي رهي
تيئن تيئن ....
روح به منهنجو بيقرار رهندو آيو
ساهه به منهنجو سهڪندو آيو
مان جڏهن به
چاهيو ته !

نظم

پل پــــر منهنجي نيــڻن ۾،
جيـــڪــــر يار وسين ها تون،
من جي ســـهـــڻي مندر ۾،
جيـــڪــــر يار رهين ها تون.

من ۾ ســـاندي پيـــار پرين،
دل ديواني پيــريو تون ڪرين،
هيـــڪــر منهن جي هينئڙي ۾،
جيـــڪــــر يار اچين ها تون.

راتيـان ڏينهـان تنهن جي لئـــ،
من ۾ آهي آنڌي مــــــاندي،
پيــــــار جي انهيءَ پڄري ۾،
جيـــڪــــر يار وسين ها تون.

رَبي پُسي پٽي ڪري دانهـون،
"حيدر" جون ٿي ڳولي راهون،
پره ڦٽيءَ جي اوسيـئڙي ۾،
جيـــڪــــر يار ملين ها تون.

غزل

لئـــــــجي وٺي آ - دل هي نمـاڻي،
پــريندي ڪي سڏڪا - ٿي آهي ويڳاڻي.

ڪري پيـــار ڪوڙو - زمـــاني ۾ اهڙو،
رکي پاڻ پهـــرو - ٿي آعـــيـــاڻي.

ســـــالن جو ناتو - مـــــون ٿي ڄاتو،
رلائي گـــهـــٽين ۾ - ٿي آ ســـيـــاڻي.

ڪوڙو هو پيار - "حـيدر" ســان آنجو،
دنيـــا جو آ دســـتـــور - ٿي آ پڇاڻي.

نظم

اڃا تہ سچ جو ڏيئو ٻريو ٻہ ڪونهي،
اڃا هوائن جو رُخ بدليو بہ ڪونهي.
دوستن جو سفر آغاز تہ ٿيو آهي
پر زاڄ هر هڪ جو آزار ٻڌيو آهي،
ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪير آهي ڪونهي،
ڄڻ تہ سوچن کي سوڄ آهي ڪونهي.

غرض زنده آهي ڪر زماني ۾،
تہ ورثو موت ايندو فساني ۾،
دولت جي ڪلي آ هي سهاني
مگر سرهاڻ تنهن مان اڃا آئي ڪانهي
اڃا تہ سچ جو ڏيئو ٻريو بہ ڪونهي،
اڃا هوائن جو رُخ بدليو بہ ڪونهي.

عجيب تر رنگ آهي سَنڌ سَنڌ ۾
خبر ناهي تہ کهڙي آهي هنڌ ۾
هوا دم جهلي سوالي آهي ساهہ کان
جا سوچ آئي ٿي، اها آهي ڪٿي،
اڃا تہ سچ جو ڏيئو ٻريو بہ ڪونهي،
اڃا هوائن جو رُخ بدليو بہ ڪونهي.
دل ۾ خوفِ خدا رکڻو بہ ضرور آهي،
حق سان ملڻو بہ هر هڪ کي ضرور آهي،
جو نہ هڪ وار سيني ۾ سمائي ڏسجي،
پيار ۽ محبت کي دلين ۾ ڪهمائي ڏسجي،
اڃا تہ سچ جو ڏيئو ٻريو بہ ڪونهي،
اڃا هوائن جو رُخ بدليو بہ ڪونهي.



نالو: رستم ولد بادل خان خاصخيلي .
ادبي نالو: رستم خاصخيلي
جنم تاريخ: 08-01-1953
لکڻ جي شروعات: 1980ع
تعليم ايم ڪام،
ڪرت: درس و تدريس. ايس.ايس. ڪاليج نواب شاهه
ڇپيل/اڻ ڇپيل ڪتاب: نشانيون نروار ۽ آر. اي بادل ۽ انگلش گرامر
تنظيم سان وابستگي: سهلاءِ
ڏس پتو: گهر نمبر 101، پنگوار ڪالوني نواب شاهه

ڪافي

ها ڪنگل خطڙو ايندو آ،
پرديسي پرينءَ جي پار ڪنئون.

ڪج حفاظت، رهج سلامت،
دم دم رتنائون ڏيندو آ،
ها ڪنگل خطڙو ايندو آ،

شل مينهن پون، ڪي ٿر وسن،
لالڻ ائين ٿي لکندو آ،
ها ڪنگل خطڙو ايندو آ،

دل تو کي ساري روئندي آ،
پر ڪوبہ نہ آئت ڏيندو آ،
ها ڪنگل خطڙو ايندو آ،

ديس جي ماکي، ٿر جي واري،
"رستم" ياد تہ رکندو آ
ها ڪنگل خطڙو ايندو آ،

ڪافي

لوڪ جي ليڪي ڳايان ٿــو،
مان دلبر اڳيان ڏانهيان ٿو!

هٿـڙا ٻڌي ۽ پيـرين پئي،
مـان پرين ۽ کي پرچايان ٿـو!
لوڪ جي ليڪي ڳايان ٿــو،

ناچوءِ جيئان نچڪار ڪري،
مـان راڻي کي ريجهـايان ٿـو!
لوڪ جي ليڪي ڳايان ٿــو،

سجدا سئو سئو وارڪري،
مان سُهڻل کي سرچايان ٿو!
لوڪ جي ليڪي ڳايان ٿــو،

ڪـلـڙا وڃائـي راهــن ۾،
مان "رستم" يار سڏايان ٿو!
لوڪ جي ليڪي ڳـايان ٿـو،

گيت

ڏک درد دنيـــا ۾ ايندا هن،
پر پنهنجا ڪونہ ڇڏيندا هن.

هر پل ڪندي فـــريادن ۾،
عـــاشق رهندي ايلازن ۾،
ڪيـئي وري لنگهي ويندا هن،
پر پنهنجا ڪونہ ڇڏيندا هن.

پرديسي پکين جي ٽوليءَ مـان،
هن جيجل ماءُ جي جهوليءَ مان،
ڪي ولر مـان وڇڙي ويندا هن،
پر پنهنجا ڪونہ ڇڏيندا هن.

وڙهندي وڙهندي ويرن سـان،
لڙندي لڙندي لوڪن سـان،
ڪي "رستم" قيدبہ ٿيندا هن،
پر پنهنجا ڪونہ ڇڏيندا آهن

"لاڏو"

لاڻون لهي وٺ سانول، ڳاڙها گل چنايانءِ!
ڳاڙها گل چنايانءِ، رلي سيج وڇايانءِ!

پيڻ پلئہ جهليو آ، ڇج ساڻ هليو آ،
ويهہ سيج متي سانول، ڳاڙها گل چنايانءِ.

آرسي ساليءَ جهلي آ، توکي مومل ملي آ،
ڏس ڪنوار کي او سانول، ڳاڙها گل چنايانءِ.

ڪپهہ گل چنيندءِ، سوڻ توسان ٿيندءِ
سوڻ ڪري وٺ سانول، ڳاڙها گل چنايانءِ.

رستم پائر ايندءِ، لاڻون توکي ڏياريندءِ،
تڪر کائي وٺ سانول، ڳاڙها گل چنايانءِ.

گيت

ڪينجهر جي هوءَ ڇولي آ،
جيجيل ماءُ جي جهولي آ.

هو جمالو واهہ جمالو،
منڙي پنهنجي لولي آ، ڪينجهر جي هوءَ ڇولي آ.
وڏڙو ٿيندين، دودو ٿيندين،
اِمڙ جي هيءَ لولي آ، ڪينجهر جي هيءَ ڇولي آ.

هاري، هي مزدور، هي طالب،
جوڏن جي هيءَ ٽولي آ، ڪينجهر جي هيءَ ڇولي آ،

استاد رستم جو هيرو،
هو غير لئہ گولي آ، ڪينجهر جي هوءَ ڇولي آ.

نالو: لڙنگ خان چنا

ادبي نالو: لڙنگ چنا

جنم تاريخ: 25 ڊسمبر 1949ع

لکڻ جي شروعات 1969ع کان

تعليم: ميٽرڪ

ڪرت: سرڪاري ملازم

اڻ ڇپيل: آتم ڪهاڻي، ڪجهه ڪهاڻيون

۽ نثري نظم

تنظيم سان وابستگي: ٽريڊ يونين

ڏس پتو: عظيم ڪالوني نواب شاهه

فون نمبر 62308

اجرڪ ۽ تاريخ سنڌ

اجرڪ اسان جي اُجري تاريخ جو تاثر آهي

اجرڪ اسان جي تاريخ جو آڄهو به آهي.

اجرڪ جا ٽي رنگ،

اڇو ، ڪارو، رنگين ڳاڙهو،

ڪپڙي تي رنگن سان لکيل،

۽ تارا جيان چمڪندڙ،

اسان جي تاريخ آهي.

اجرڪ تي اڇو رنگ،

امن جي علامت آهي،

ها اسان تمام گهڻو امن پسند رهيا آهيون،

تاريخ ۾ جنهن جو دليل اهو آهي،

ته اسان ڪنهن سان به اڳرائي نه ڪئي آهي.

اجرڪ تي ڪارو رنگ،

غلاميءَ جي اونداهي دور جي علامت آهي،

ها اسان اڪثر غلام رهيا آهيون،

جو ته اسان شاهوڪار رهيا آهيون،

اڄ به اسان اجرڪ جي ،

انهي ڪاري رنگ جي علامت مان،

غلاميءَ جي اونداهي دور مان،

گذري رهيا آهيون.

اجرڪ تي ڳاڙهو رنگ،

تاريخ ۾ وهايل اسان جي رت جو رنگ آهي،

جيڪو قربانيءَ ۽ ويڙهه جي علامت آهي ،

سنڌ جي تاريخ ۾ ،

سنڌين جي ويڙهه ۽ قربانيءَ جي نشاني ،
مڪلي جو قبرستان آهي ،
جيڪو دنيا جو وڏو قبرستان آهي ،
ويڙهه ۽ قرباني اسان کي اڃان ڪرڻي آهي،
هاڻي ته پاڻيءَ لاءِ به رت وهائڻو پوندو،
شايد ! اڳتي سنڌ ۾،
پاڻيءَ کان وڌيڪ رت وهندو،
اجرڪ تي ٽئي رنگ رسيل آهن،
جيڪي سنڌ جي تاريخ جا دور آهن .

اجرڪ تي اڇو رنگ،
گهٽ ۾ گهٽ آهي،
جنهن جو مطلب اهو آهي،
ته سنڌ ۾ امن جو دور گهٽ رهيو آهي،
جو ته تاريخ ۾ ،
سنڌ جي آزاديءَ جو دور ٿورڙو آهي.

اجرڪ تي ڪارو رنگ،
اڇي کان وڌيڪ آهي،
جنهن جو اهو تاثر آهي،
ته تاريخ ۾،
سنڌ کي امن ۽ آزادي گهٽ،
پر غلاميءَ جو ڪارو دور وڌ پلنيءَ پيو آهي،
جيڪو اڃان جاري آهي.

اجرڪ تي ڳاڙهو رنگ،
اڇي ۽ ڪاري رنگ کان وڌيڪ آهي ،
جيڪو ٻڌائي ٿو ته،
تاريخ جي غلاميءَ واري دور ۾،

اسان آزاديءَ لاءِ ڏاڍو رت ڏنو آهي،
جدوجهد ڪئي آهي،
جيڪڏهن اسان کي جيئرو رهڻو آهي،
ته اها جدوجهد جاري رکڻي آهي.

اجرڪ تي تارو،
اسان جي روشن خياليءَ جي علامت آهي،
آزاد سنڌ جو نظريو،
صوفي ازم رهيو آهي،
صوفي ازم اڄ جو سيڪيولرازم آهي،
هن ملڪ ۾،
اڄ به سنڌي سڀ کان وڌ روشن خيال آهن،
قوم پرست ۽ ترقي پسند آهن.

اجرڪ رڳو ڪفن ناهي،
پر اسان جي تاريخ جو تحفو آهي،
اسان جڏهن اجرڪ جو تحفو،
پنهنجن کي پهرائيندا آهيون،
اسان تڏهن انهن کي پنهنجي،
وسريل تاريخ ياد ڏياريندا آهيون،
تڏهن هِن لعل ۽ رنگن سان لکيل،
هن کي هڪ پيغام پهچائيندا آهيون،
جيڪو اسان سان اَچائيندو،
سو ڏاڍو پڇتائيندو.

اجرڪ
موهن جي دڙي جي مکي مورتي تي به آ ،
جيڪا حڪمران جي مجسمو لڳندي آ،
اجرڪ

سنڌ جي اڄ جي اڳواڻن کي،
اسٽيجن تي پيار سان پهرايو ويندو آ.
جيئن اجرڪ ۾ ڳاڙهو رنگ آ.
۽ جسم ۾ ريتو رت آ،
تيئن ۽ اجرڪ اسان جي ڪلچر ۾ آ.

اجرڪ ٻارڙي کي ٻوڪي ٻڌبو آ.
اجرڪ هاريءَ جي بوڇڻ ٻر آ.
اجرڪ اسان جي عورت جو پردو آ.
اجرڪ محبوبا کي گفٽ ڏبو آ.
اجرڪ گهوٽ جي ڪلهن تي هوندو آ.
اجرڪ اسان کي قبر تائين ڪم ايندو آ.
اجرڪ اسان جو تاريخي تحفو ۽ تحفظ آ.

جڏهن مان سنڌجي تاريخ جو،
مختصر مطالعو ڪرڻ چاهيندو آهيان،
تڏهن اجرڪ کي ،
چتائي ڏسندو آهيان،
جڻ مان،
اجرڪ تي آڪريل،
تاريخ سنڌ جي ،
تنهن دؤرن مان،
گذري ايندو آهيان.

نالو: علي خان رسول بخش چانڊيو.
ادبي نالو: علي خان چانڊيو
جنم تاريخ: 1952-02-01
لکڻ جي شروعات: 1971ع کان
تعليم: بي.اي. ، بي.ايڊ.
ڪرت: سپروائيزر (ماسڪ پرائمري اسڪول آريجي)
ڇپيل ڪتاب: ڪهاڻي ثواب جو ڪم، شاعري، جديد شاعري جون نيون طرزون.
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت.
ڏس پتو: ڳوٺ محمد شريف چانڊيو ديهه 38 داد پوسٽ آفيس امام بخش مري. تعلقو نواب شاهه سنڌ.

ڪافي

وسي سدائين، پنهنجي سنڌ سونهاري،
او سنڌ سونهاري، سائين، سنڌ سونهاري.

مٺڙي سهڻي، مٽي وطن جي،
سون تہ آهي، سائين، پنهنجي واري،

سهڻي سوکي، سنڌي ٻولي،
سنڌين کي آ، سائين، ڏاڍي پياري،

مينهن وسي پيو رنگ رچي پيو،
سائي ٿيندي، سائين، ڌرتي ساري.

سانوڻ مند آ، ساوڪ ٿي آ،
ڳوٺن ۾ ٿي، سائين، باغ بهاري،

ڏک ڏچا سڀ ڏيهہ تان لهندا
مارو ملندا، ٿيندي موج ملهاري!

بيت

کهڙي مٽيا مون ڏني، ڪانئر ڪهڙي ڄاڻ؟
سنڌڙيءَ جي سرهاڻ، واسيو ساري جڳ کي.

الا سنڌ جيئي، جيئن سنڌي استاد،
جنين جي ڪوشش سان، اسڪول ٿيا آباد،
رهندا آهي ياد، سنڌڙي جي تاريخ ۾.

سدا رهندو ڪينڪي، ڏوکي جو دستور،
هاڻ نه سهنداسين ڪڏهن، سورن مٿي سور،
ڪٽي اٿو ڇنجور، ته پاڙون پٽيون ڏاڍ جون.

ڪيسين رهندي ديس تي، ڪاري ڪاري پاٽ،
نيٺ ته ٻرندي ڏيهه ۾، لاهوتين جي لاٽ،
ايندا اوچي ڳاٽ، ڪندا سودو ساهه جو.

آزاد نظم

سانوڻ منڊ آ
جهڙ ڦڙ ٿي آ
ڪڻ ڪڻ پئي ٿي
هير لڳي ٿي.
تون ٻه نه آهين سانول سائين!
دل ويڳاڻي
من ويڳاڻو
سَنڌ سَنڌ منهنجو ساٿو ساٿو
آءُ پريتم پرچ اچي تون
ڇلا تون ماٺو سرچ اچي تون
تو بن منهنجي وِهمَ حياتي
تنهنجي پيار لئه آتي ڇاتي
آءُ اچي مل
منهنجا رانول
منهنجا منڙا منهنجا راڻا
دل جا دلبر ساهه سياڻا
نيڻ نماڻا
تو لئه وينا راهه نهارن
ليڙا پائن
هنجون هاري
توکي ساري
تو لئه هر دم پيا واجهائن
دير نه ڪر تون
جلدي ورتون
منهنجا سائين
ڍولڻ سائين!!

غزل

پرين پنهنجا واعدا وساري ڇڏيا مِن،
اسان قول پنهنجا ته پاري ڇڏيا من!

مٺي مُرڪ مُرڪو ته احسانُ ٿيندو،
اسان نِيرَ نيڻن مان هاري ڇڏيا من!

وفـــا جا اڃا يي ويا ڏينهن نامن،
اسان ڪس تنهنجا نهاري ڇڏيا مِن!

بهـــار آيو ۽ آيو اهو آســـرو آ،
سرءِ ڏينهڙا مون گذاري ڇڏيا مِن!

گـذاريل گـهـڙين جي وري ياد آئي،
نه پل پيار جا مون وساري ڇڏيا من.

نظم

آئون ميجان ٿو
تون به ميجين جي
آئون هان اوير
تون آن اولهه
تو ۾ مون ۾ ڪو نه فرق
پر قول عمل ۾ آهي فرق
دين به ساڳيو ديس به ساڳيو
ويرين ساڻ وتين تون واڳيو
توتي ڪو ويساهه نه آ
توسان منهنجو ناهه نه آ.

نظم

آخري پيغام

اوهان چيو
اسان سمجهيو
بقول اوهان جي غدار آهيون
پر اسان پنهنجي نظر سان وفادار آهيون
حق حاصل ڪرڻ لئه
اٿياسين جي
ته ٽربيونل ٺهي پيا
۽ جج ويهي پيا
ڪي سچار شاهد
ڪي سلطاني شاهد
مڙئي ڪوڙ جي ڪوڙڪيءَ ۾
ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي آ وئي
اسان ڪي پڪ هئي ته
ٿيندو اهو جو ٿيڻو هوندو
اسان جو شڪ به پڪ ۾ بدلجي ويو
جڏهن فتوي ملي ۽ موت جو پروانو صحيح ٿي ويو
اسان ڪي جڏهن قتل گاهه آندو ويو
مون ڏٺو مهاندا امڙين جا ٻهڪي رهيا ها
۽ سيڻي اکين چٺي رهيا ها
اسان جو رت هي رنگ لائيندو
اڄ اسان ٿورا آهيون ته
پرواهه نه آهي
اسان جي ڏسيل راهه تي
سوين سرويچ ايندا
اڃي ڪوڙ جون ڪوڙڪيون سي ٽي ڪٽيندا
نه رهندا لٽيرانه ڦورو ڦريندا
اهو دور ايندو هر ڪو خوش پيو ٿيندو
حق وارا آخر آزاد ٿيندا
ڦاسين تي ڦورو پيا ٽنگبا
اهو آخري پيغام آ
اهو آخري پيغام آ

وائي

مند ملڻ جي آئي آ، دير سجڻ چو لائي آ
تي ياد ستائي يارڙا!

پوکن ۾ پيها پيا،
ڏين واڌاينون پارڙا!
تي ياد ستائي يارڙا!

ايندا اگڻ تي اوچتا،
دل گهريا دلدارڙا!
تي ياد ستائي يارڙا!

واهه چانڊوڪي چوٽ جي،
جي تون ٻه هجين پيارڙا!
تي ياد ستائي يارڙا!

نيڻن ڪنئون ننڊ وئي،
ڪونه ٽڪا پر تارڙا!
تي ياد ستائي يارڙا!

مارو منڙا ديس جا،
پورا هجن يا ڪارڙا!
تي ياد ستائي يارڙا!

ٽيڙو

منهنجي ماءُ مِٺي!
ٻار تہ ناهيان جو ڪيان
توسان آءٌ ڪِٽي.

ٻارن ڪٽي ڪٽي،
پوءِ بہ محبت من ۾
هڪ ٻئي لاءِ ڀِٽي.

ڪارا پورا ڪار،
آهن منهنجي ديس جا
گلن جهڙا ٻار.

سپنا ساڳيءَ مند جا

نالو: مير عبدالرسول ٽالپر

ادبي نالو: مير عبدالرسول مير

جنم تاريخ: 7 بهار 1950ع سچل جي نگريءِ وجهو (ڳوٺ مهر علي خان ٽالپر)

لکڻ جي شروعات: باقاعده 1970ع جي ڌاري کان.

تعليم: ايم. ايس. سي. (فزڪس)

ڪرت: درس و تدريس (پروفيسر)

اڻ ڇپيل ڪتاب: تنهنجو ناهي جواب ۽ آيا ڏينهن اڏام جا

تنظيم سان وابستگي: اڳوڻو سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه

ڏس پتو: پروفيسر آف فزڪس گورنمينٽ سچل سرمست ڪاليج نواب شاهه. يا ٽالپر هائوس غريب آباد نواب شاهه.

فون: 64222، 62444 (0241)

ڪافي

توسان سينو ساهي ڪير سجڻ!

پاڻي تنهنجي جُتيءَ برِ پيرُ سجڻ!

ڪَنِ هار سينگار هزار ڪٽي،

ڪري سُرما تيل ڦليل ڦٽي،

تہ بہ سرس سمجهان تنهنجي اک جي اٽي!

اهو اک اکَ جو آهي ڦيرُ سجڻ!

تنهنجي درشن برِ ديدار لکين،

هِڪَ پيارَ تنهنجي برِ پيار لکين،

تنهنجي اکڙين جا اسرار لکين،

ڪو ان برِ ايرَ نہ پيرُ سجڻ!

تنهنجي جلوَن جو نہ جواب ڏٺم،

تنهنجي هستيءَ جو نہ حساب ڏٺم،

جڏهن قرب تنهنجي جوڪتاب ڏٺم،

ٿيو "ميرَ" جي مَنَ جو ميرُ سجڻ!

گيت

اک ڦـري ٿي، ڪِرهہ ڪري ٿـو،
ڪو تہ اچي ٿو منهنجي اڱڻ تي،
ويڻل وصـل جي آئـي سَر تـي،
آئـي جائـي پـائـي سَرِ تـي
پنڌ ڀر آهي، بس ڏسـجي ٿـو
ڪو تہ اچي ٿو منهنجي اڱڻ تي،
بوند پوي ٿي، واءُ وري ٿـــو،
هيـرَ لڳي ٿي، هانءُ لـري ٿـو
ڍيل ٿِلي ٿي، مــورُ نچي ٿـــو
ڪو تہ اچي ٿو منهنجي اڱڻ تي،
ڀَنَ ڇَرن ٿـــــا، لامَ لڏي ٿي،
ڪنهنجي اچڻ جي آهٽ ٿئي ٿي،
اِيڻَ لڳي ٿـو، دَرُ ڪـڙڪ ٿـو،
ڪو تہ اچي ٿو منهنجي اڱڻ تي.

وائي

ڪيـڏا ڪاريهـــر، ڪنيـــو وتن ڪَرَ،
ڀينر! پنهنجي ڀونءِ تي!
سـامـاٹا سَتَ آڳريا، سَرَ سَرَ ڀر سـوئرَ،
ڀينر! پنهنجي ڀونءِ تي!
اســان جڻ ڪي اوپرا، ڏارين جي جڻ ڏَرَ،
ڀينر! پنهنجي ڀونءِ تي!
سڪهہ مان سپنا ساهيو، ڪلندا وتن ڪَرَ،
ڀينر! پنهنجي ڀونءِ تي!
شالَ ڏسان مان ڏينهڙا، سَڪيا ملڪي ڀيهرَ،
ڀينر! پنهنجي ڀونءِ تي!
مــاٹ ڏنم مـهــراڻ ڀر، سَڪي ويا سَرَ،
ڀينر! پنهنجي ڀونءِ تي!
جهوپا پڪڙا جهوپڙا، گهنگهر گهارن گهرَ،
ڀينر! پنهنجي ڀونءِ تي!

بيت

سَڪَ بہ توسان سنڌڙي، ڏک بہ توسان ديسَ!
ڪڏهن ڪارا ڪپڙا، ڪڏهن لال لبيس،
سي ئي ويڙهير ويس، جيڪي تنهنجي جُوء جا.

متان هارين هاڻ، ڌرتي! منهنجي ديس جي،
رهيو اٿم روح ۾، رڳو تنهنجو ناڻ،
توڙي باندي آڻ، پوء بہ اڳ کان اڳرو.

هڪڙي ڏينهن حساب، مادر مَڪا "مير" ڏي،
تہ کهڙا ٿي ڪارائتا، خيري ڏنا خواب،
جوڙيا جيء جوابَ، "لويون، لوء، کهاڙيون".

نسورو نادانَ، دردُ نہ جنهن کي ديس جو،
"مير" آهي اِنسانَ، آهي مون لئہ اوپرو!

اڃو ڪو انسانَ، جڻ ڪا سانت سمونڊ جي،
تيزيء سان طوفانَ، ايندو ان ۾ اوچتو.

سندي جيونَ سوچَ، "مير" نہ پائنيان مامرو،
لونء لونء اندر لوچَ، سورج ڪِرڻا سامُهان!

غزل

تنهنجي نگاههَ ۾ آهيان،
هائي پناهہ ۾ آهيان.

ويڙهي نہ مان وڃان توکان!
ڳڪتين جي ڳاههَ ۾ آهيان

تون منهنجي ساههَ ۾ آهين،
مان تنهنجي ساههَ ۾ آهيان.

مظلوم جي مان سڏڪن ۾،
آڌمن ۾ آههَ ۾ آهيان.

توڏي اڃان پهتو تو مان،
تنهنجي ئي راههَ ۾ آهيان.

مان ئي سچل، خليفي ۾،
۽ مان ئي شاههَ ۾ آهيان.

بس آسرو سدائين مان،
رکندو، الله ۾ آهيان.

مان ڇو نہ "مير"! مهمان اڄ،
تنهنجي جو چاههَ ۾ آهيان!

پيڏيء کان هيٺ آ پاڻي،
درياهہ شاهہ ۾ آهيان!!؟

غزل

سونهن کي سينگار جي چا جي ڪري،
عطر گل تي هارجي چا جي ڪري !

ڪير جهڙي زات ۾ اي دوستو !
ڪنهن ڏيي کي ٻارجي چاجي ڪري.

حُسن وارن پاڻ ۾ ڳالهيون ڪيون،
قول ڪنهن سان پارجي چاجي ڪري.

زور جي ميندي جڏهن لڳي نہ آهي،
پو پلا ويچارجي چاجي ڪري.

پنهنجي يَرِ ۾ اي منا ! ڪوڙو ڳڏي،
غير کي ويهارجي چاجي ڪري.

هَٿَ جي ڪنگڻ کي، سياڻن سَچُ چيو؛
آرسي ڏيکارجي چاجي ڪري.

سنگدل ۽ بي وفا، بي درد کي،
عمر ساري سارجي چاجي ڪري.

ڪڪِن لِکايون چند ڪاري ۾ پرين!
موج مَنَ جي مارجي چاجي ڪري

"مير" !مدهوشي ۾ گذري زندگي،
هوش هاڻي ڌارجي چاجي ڪري.

نالو: محمد خان ولد محمد حسن سومرو
ادبي نالو: وسيم سومرو
جنم تاريخ: 16 نومبر 1963ع
لکڻ جي شروعات: 1979ع اسڪول جي زماني کان.
تعليم: ايم. اي (سنڌي ادب) ايم. ايڊ (تعليم)
ڪرت: درس ۽ تدريس
ڇپيل ڪتاب: شعري مجموعا "ياد جي نيري نديءَ" "دل جون لهرون" "سچ جي چانڊني" ۽ "سنڌوءَ جو پاڻي"
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه.
ڏس پتو: سنڌ ميڊيڪل اسٽور عظيم ڪالوني نواب شاهه سنڌ.
پوسٽل ڪوڊ: 67450

نظم

Catch a wish

ماڪ وهندي گل چوي ٿو،
"مون جيان ٿي!"

هُو آڏاٽل واءُ ۾ هَڏ، هَڏ، چوي ٿو،
"مون جيان ٿي!"

سانوڻيءَ جو ڪو ڪڪر
وسندڙ چوي ٿو،
"مون جيان ٿي!"

مينهن وَسارُو مُرڪ ڳاڙهيءَ سان چوي ٿو،
"مون جيان ٿي!"

هوءَ نديءَ تي هير ڳائيندي چوي ٿي،
"مون جيان ٿي!"

ڏار پرسان، چمڪندڙ تارو چوي ٿو،
"مون جيان ٿي!"

تون سين جي سونهن کي،
ڏِسندو ٿي رهه!
تون سين جي زندگي پَسندو ٿي رهه!
تون آهو ٿي،
جو سنڌ ء دل ٿي گهري.

نہ چاهين ها، ڪٿي شڪ ۾ رکين ها.
تون دل جي درد کي ڏک ۾ رکين ها.

ذهن ميدان سان گڏ لڪ ٻہ آهي،
لڪائي ڳالهہ کي لڪ ۾ رکين ها.

ڏنو تو ڪونہ؟ خطرا ڪيترا ها،
پلڪءِ پڇڙي جيان چڪ ۾ رکين ها.

منجهند جو، اس جي ڪڙهندڙ سفر ۾،
تصورّ شام جو ٽڪ ۾ رکين ها.

وائي

غزل

ٽيبل تي ٽڙڪو ڪري،
هن جو چانهہ رکي،
مون ۾ ساز وڄي ويا.

هُن جو نيڻ مستي ڪيا،
آڏريو ڏور پکي،
مون ۾ ساز وڄي ويا.

"ڪيئن آهيو" چئي وئي هلي،
هُن جي مرڪ سکي،
مون ۾ ساز وڄي ويا.

هن جي پهريل ويس مان،
نيري پاک بکي،
مون ۾ ساز وڄي ويا.

سڀ پري، هئي پيارمان
مون جو چانهہ چکي،
مون ۾ ساز وڄي ويا.

هائيڪا

پنهنجا پنلَ انگ،
سرتين پاڻيءَ ۾ ڏِسي
سارِيا مورن رنگ.

مرڪيو مُهاڻي،
پيئي کهاڳهر ۾ پيري
چانديءَ جو پاڻي.

ٻرندسَ اُلا ٿي،
ءِ پو پنهنجي پيار ۾،
ٺِرندسَ ڦُلا ٿي.

"*سنڌڙيءَ کو نہ ڏٺا،
جهڙيون تنهنجون ڳالهڙيون
مون لئہ انب مٺا"

تو مُرڪيو راڻا،
منهنجي پوتِي تي وٺي،
ڏاڙهونءَ جا داڻا.

دروازو ٻوري،
اکيون ميڙي چوڪري،
ڪنهن کي پئي ڳوري؟

ذهن سوالي آ،
اڄ هوءَ سامهون ڪانہ آ،
ڪُرسي خالي آ.

پنا اڏن ٿا،
آخر ڪنهن جيءَ سار ۾،
پردا لڏن ٿا.

* سنڌڙي، محمد خان جوڻيجو جو جنم ڳوٺ

نظم

ڇو ٻيلا، ڇو؟

ڇو مٿس نياڻيون نڇاور ٿو ڪرين،
ڇا ڪڏهن مِن ڪوٽ کي ڪِرڻونہ آ؟

سِرَ جهڪائي ٿي ٿا لنگهون جنهن در اڳيان،
ڇا ڪڏهن اُن مان مٿيو ڪِرڻو نہ آ؟

ڇا ڪڏهن محسوس خوشبوءِ کي ڪري،
گلَ چِمڻ لئہ ڀؤنر ڪو پرڻو نہ آ؟

شِينهن جي پيرن ۾ سرڻيون ٿي هجن،
ڇا نِظامِ جهنگ هي قِرڻو نہ آ؟

بابا جي وڇوڙي تي

بيت

ڪپڙن جي هڙ ڪڇ ۾، صبح جو ويلو،
بابا اڪيلو، ويندڙ گهر جي واٽ سان.

مون لئہ ميلي مان وَتل، تنهنجا ڪولابا،
ياد پيا بابا، ساري تنهنجي پيار کي.

توکي اوجاڳا ڪندي، سدا ڏٺو مُون!
هاڻي ڇالئہ تون! مِٽيءَ مان جاڳين نٿو.

تنهنجي وڇڙڻ تي اکيون، پريون لڙڪن سان،
تنهنجي چشمي مان، مون هيءَ دنيا ٻي ڏٺي.

ڪليل هٿ سِراج* جو، "بابا خرچي ڏي"
سمجهايان هِن کي، ها پر هي سمجهي نٿو.

مون کي ڪلهن تي کڻي، ڪلهن گهمايو تو،
هاڻي سپنو سو، آهي اڏندڙ ننڊ جو.

تنهنجي ڏوبي گهاٽ تي، رک آڏامي ٿي،
موسم رنگن جي، تنهنجي هٿن ۾ هئي.

تنهنجي پورهيت زندگي، تنهنجو پورهيت پيار،
مون لئہ لال ليار، جو ڇڻ ڏوتل ڇاتورو.

ڏار اگهاڙا اس ۾، تن تي وينل ڪانوَ،
مون پاليو هو ڇانوَ، سدا رهندي مون مٿان.

وسندڙ ڏوبي گهاٽ تي، هو جي ساوڻ ڏينهن،
هاڻ تہ آهي مينهن، مان تو نيڻن ۾ ڏسان.

بابا تنهنجون ڳالهڙيون، *ساران ساري ٿي،
ڳل تي هاري ٿي، ڳوڙها ڳوڙهي درد جا.

لڪ لڪ وڏندڙ واٽ تي، تنهنجي هٿ ۾ لٺ،
عمر ستر - سٺ، پڪي ڇڻ اڏري ويا.

نہ سا سائي ٻير ۾، نہ سي ڳاڙها ٻير،
هو پاڻيءَ ۾ پير، اڏندڙ هير کڻي وئي.

* سراج، منهنجو وڏو پٽ.
* ساران، منهنجي وڏي ڀيڻ.

وائي　　　　　لوڪ گيت

ڪنهن جو هو آواز؟　　　ستارا پاڻيءَ تي،
ڪالهه وڻن جي ڇانو ۾. نظارا پاڻيءَ تي،
ٻيڙيءَ ۾ ناهين ساڻ،
ڪير هئو هو ٻارڙو،　　　وڻن ڪيئن نيڻن کي.
ٻار هئو يا ساز،
ڪالهه وڻن جي ڇانو ۾. آءُ اڪيلي ٻيڙيءَ ۾، ٻيڙيءَ جي هيٺان لهريون،
تنهنجا ڇڻ ته سنيها پايان، لهريون لک سنهريون.
ڇڻ ڪو سونو هار هو،
سورج جو انداز،　　　آءُ اڪيلي ٻيڙيءَ ۾، ٻيڙيءَ ۾ ٻرندڙ ڏيئو،
ڪالهه وڻن جي ڇانو ۾. ڏيئو دور ڪناري ڪان، تون منهنجو پانڌ ليئو.

جهرڪيون اڱڻيون ٿي رهيون،　　　آءُ اڪيلي ٻيڙيءَ ۾، ٻيڙيءَ ۾ تنهنجون يادون،
ڪونه هئو ڪو ٻاز،　　　جيئن جيئن ڪوئل بن ۾ ڳائي، تيئن تيئن
ڪالهه وڻن جي ڇانو ۾. ياد اچين تون.

ساهن سين مون ساڻ هو،　　　آءُ اڪيلي ٻيڙيءَ ۾، ٻي جوڀن جي تنهائي،
ڪوئي ناز نياز،　　　تنهنجون سارون ٻنجي مون تي رات ستارا ڇائي.
ڪالهه وڻن جي ڇانو ۾.
ستارا پاڻيءَ تي،
ٻاڻ وساري مان اٿيس!　　　نظارا پاڻيءَ تي.
دل جو هڪڙو راز،　　　ٻيڙيءَ ۾ ناهين ساڻ،
ڪالهه وڻن جي ڇانو ۾. وڻن ڪيئن نيڻن کي

غزل

ڳِل گلابَ جڻ چُمي ٿي منهنجي ساھ جي مِٽي،
چمان تہ چو نہ چوءِ چُمان، مان تنهنجي چاھ جي مٽي.

ٿئي ھا چنڊ تي ٽڪر، لڳي ھا ٻاھ آپ کي،
جي عرش کي رسي سگهي ھا منهنجي آ عربي جي مٽي.

وڏي سِڙهي بہ پاڻ ۾ سدائين راس ٿا رهن،
هي نيڻ منهنجا پسکندڙ هيءَ تنهنجي راھ جي مٽي

نہ شهر سو نصيب ٿيو، جتي ڪلھہ جنم وتر،
ازل کان جڻ تہ آهيان، نواب شاھ جي مٽي.

هي صبح، سيءَ منڊ ۾، هي ونگ جڻ مصوري
سُکل اچي وٺي پئي، اکين کي واھ جي مٽي.

جتي بہ ٿي اکيون کجيون، گناھ تي ڦٽي پيا،
نظر ۾ جڻ تہ ڪا ڳتل هئي گناھ جي مٽي.

ٻڌي سدائين ڳنڍ ۾ اکين ڪنئي مسافري
نہ ڪين هتي ملي سگهي، ڪٿي پناھ جي مٽي.

نہ درد ڏوپجي سگهيا، هي بارشن جي منڊ ۾،
وسير ڏوپجي وئي، ولين جي ڳاھ جي مٽي.

نالو: طالب حسين "ايس" راڄپر
ادبي نالو: سڄڻ سنڌي
جنم تاريخ: 2 مارچ 1964
لکڻ جي شروعات: 1980ع کان
تعليم: ايم.اي. ۽ ايل ايل. بي.
ڪرت: ايڊمن آفيسر
اڻ ڇهيل: شاعري، سياسي تجزيه، ادبي مقالا ۽ تقريرون
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاھ.
ڏس پتو: الامير ڪاليج آف ڪمپيوٽر سائنسز اينڊ بزنس مئنيجمينٽ نواب شاھ.
فون: 64153 (0241)

گيت

او امان ! او امان !! او امان !!! او امان.
سوچ ساگر ۾ مان، ٿو ٻڏان ۽ تران.
ڇا جيئان ! يا... مران.
او امان ! او امان !!

سنڌ جي ساھ مان، تنهنجي درياھ مان،
ڳوٺ جي هر ڳلي، واٽ وڻ راھ مان،
ڪنهن سڪل چاھ مان، شاخ مان واھ مان،
مان ته پاڻيءَ بجاءِ،
ٿي، ٿو واري اڏان، او امان ! او امان!!

موج مهراڻ مان، وئي هلي وئي هلي،
سنڌ ڌرتي سڄي، آ جلي وئي جلي،
خالي جهولي وري، آ پتاڻي جهلي،
پو پلا ڪيئن مان،
پير پٽ، ٿي پوان، او امان ! او امان!!

ڪوڪ ٿو مان ٻڌان، هر ڪهاڻيءَ منجهان،
ٿيون صدائون اچن، مون کي پاڻيءَ منجهان،
هو ٿو هوشو سڏي، ماءُ مياڻيءَ منجهان،
مان وڃان ٿو وڃان،
مان وڃان ٿو وڃان. او امان ! او امان!!

ٿو ڏکر ڏيھ تي، ڪيڏيون ڪاھون ڪري،
سنڌ ڌرتي سڏي، موٽڪي دانهون ڪري
ٿو سناٽي سڏي، سرد آهون ڀري،
او امڙ دعا ڪجان،
شال کهوڙيو وڃان، او امان ! او امان!!

وائي

لال لهوءِ جي لاٽ
رت رتا نوان پيچرا؛

ڪيڏيون سڻون سام جون، ڪيڏي ڪنڊن ڪاٽ
رت رتا نوان پيچرا؛

ڪونڊن ڪنڌ ڏئي ڪيا، ونين اوچا ڳاٽ،
رت رتا نوان پيچرا؛

ڪنڌ ڏيئا تي ڏيهه ۾، ٻريا پسي ٻاٽ،
رت رتا نوان پيچرا؛

جيءُ ڏئي ويا جوءِ کي، گهوٽ چڙي گهر، گهاٽ،
رت رتا نوان پيچرا؛

رڻ ۾ ريلا رت جا، پوءِ ٻه اڄ اسات،
رت رتا نوان پيچرا؛

وائي

پکيڙا پَرَ سامِ،
آيا ڏينهن اڏام جا؛

آکيري جي اوٽ کي، ڇڏِ اِنهيءَ ۾ چام.
آيا ڏينهن اڏام جا؛

اٺ اٺ عرش اڏام تون، ڳاراٺن کي ڳام.
آيا ڏينهن اڏام جا؛

وڻ - لامن وڻ، رام تان، لوڪ، ميارون لام.
آيا ڏينهن اڏام جا؛

ور، ور موٽي واٽ تان، وڳر کي نه ورام
آيا ڏينهن اڏام جا؛

هو ڏس، پرتا پاڻ ۾، ماري ٻارهين ماهه،
آيا ڏينهن اڏام جا؛

هائيڪا

هيءَ جا تنهنجي سار
چڻ ڪي مرڪون ميت جون
چڻ ڪي ٻهڪريان پيار،

هي جا تنهنجي سار
چڻ ڪي ڏونئرا ڏيهہ ۾
چڻ ڪي لال ليار.

هي جا تنهنجي سار
مياڻيءَ جي ميدان ۾
هوشوءَ جي هاڪار.

هيءَ جا تنهنجي سار
ڪارونجهر جي ڪور تي
روپي جي تلوار

هي جا تنهنجي سار
سڏ، پڙاڏا سنڌ جا
وارو، وار وِلار

وَرَ وَرَ وجهي واجهہ
سنڌو تنهنجي سير تي
ٻيڙي آيا ٻاجهہ،

غزل

انتظاري آ تنهنجي اکڙين ۾
بيقراري آ تنهنجي اکڙين ۾

عام اکڙيون تہ ڏينهن روشن جيان،
سانجهہ ساري آ تنهنجي اکڙين ۾.

چنڊ چهري تي زلف پيا هوندا،
رات ڪاري آ تنهنجي اکڙين ۾.

ڪنهن کي ڪهڙي مجال نيڻ کڻي،
ڪاڪتاري آ تنهنجي اکڙين ۾.

ويا وڇوڙي جا ڏاغ ڌئي دلبر،
وصل واري آ تنهنجي اکڙين ۾.

اي سڄڻ تنهنجي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي،
سنڌ ساري آ تنهنجي اکڙين ۾،

نالو: فياض حسين ڪليري
ادبي نالو: فياض چنڊ
ڄمڻ تاريخ: 31 مئي 1972ع
لکڻ جي شروعات: 1985
تعليم: بي.اي (آنرس) بي. ايڊ،
ڌنڌو: صحافي
ڇپيل ڪتاب: دل - خانه بدوش (شاعري)
تنظيمي وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه، لبرل فورم آف پاڪستان
ڏس پتو: گهٽي نمبر 2، اي-17 تاج ڪالوني نواب شاهه (سنڌ)

نظم

مان اڪيلو ڀوڳي سمهان ٿو زندگي !

زندگيءَ جي شاهراهه،
ڏور تائين ياد جي بارش وسي ٿي،
تا تهوڪن موڙ تنهنجي پيار جا،
هيءَ اڪيلائي به جڻ ڪو مڌ آهي
مون کان منهنجا هوش جا سارا کسي ٿي،
آئون موتي ميڙيان ٿو سار جا،
رات مونکي روح جا سڀ گس ڏسي ٿي
ڏور جيڪي تا ستارا ٽم ٽمائن،
سي اکين منهنجين جا، ڳوڙها، ئي ته آهن.
آئون تنهنجي وجد ۾ تحليل ٿيان ٿو
هر گهڙي جڻ تو جيان آرس ڀڃي ٿي.
هو بندر ۾ جو سمندر رقص ۾ آ.
يار منهنجو قطري قطري عڪس ۾ آ.
۽ هو ڇوليون ڀاڪرن جو ويس آهن
هي اوجاڳيل ڀاڪرن جو ويس آهن
هي اوجاڳيل جي ڪبوترن جون اکيون هن
منهنجي ڀاڳل محبتن جو ديس آهن
هر طرف آ بي حسي بندوق تاڻي،
هر طرف کان گهاءَ ڪرليءَ جان اچي ٿو
ٿهڪ. ٽپ ٽپ ٽهڪندي بيهي رهي ٿو.
جو اچانڪ موت ڏوليءَ جان اچي ٿو.
مان اڪيون ڀوڳي سمها ن ٿو زندگي!
پيار، تنهنجو ماءُ جهوليءَ جان اچي ٿو.
موت هڪڙي منٽ جي تاثير آهي
پيار جي پر عمر جنهن کان وڏي آ.

پنهنجي اندر ڀتڪڙي جهوري اڏي آ،
تون زماني کان جاڏهن واندو ٿئين
پنهنجي دل جي صاف دسترخوان تي،
پيار جون ڪجهه ڳالهيون ۽ ڪنڊ رکجان،
هڪڙي هٿ ۾ سچ ٻئي ۾ چنڊ رکجان،

اي سي ٽڪ نہ لاهي سگهندي
دل جي ڪوري ٿانءَ ۾ ويهون
دنيا سان جو ريس ڪرين ٿو!
مايا موهہ مٺي آ پيارا!
ٻي طرفيءَ جون واڳون موڙ!
خاموشيءَ جو پيگ نہ ٽوڙ!

خاموشيءَ جو پيگ نہ ٽوڙ!

خاموشيءَ جو پيگ نہ ٽوڙ.
ٻيءَ ايجان ڪجهہ ٻيءَ پياڪ.
پنهنجو پاڻ سان ناتو جوڙ
ڪيڏو شور اندر ۾ آهي
رڳ رڳ ۾ هڪ ريل هلي ٿي
تارن جو آ رقص ڳڳن ۾.
۽ هت پاڳل دل جلي ٿي
دردن جو ڀر دان نہ آهي
ديوارن سان سور سليون ٿا.
آنت ڇو انسان نہ آهي؟
ڪيڏي پيهہ شهر ۾ آهي
پاڇولو ٻر ساٿي ناهي
دل دل خون جا ڳوڙها روئي
اڪ، اڪ خوني خنجر آهي
ڳالهين جاسپ ڳوٺ رکي ويا.
واريءَ واري جيون آهي
بوند. بوند لئہ ترسن اکڙيون
بادل دل جا گس ڀلي ويا
ڪيڏي، ناڪ منجهند آ، جاني!
آه! پير جي جانءِ ۾ ويهوز.

پيار کان دار ۽ ديس تائين!

شهرجا خاموش رستا
گهر جون ديوارون ٻيجن ٿيون
"ڳول پنهنجو پاڻ کي ڳولي سگهين!"
رول پنهنجو پاڻ کي رولي سگهين!"
اکون نيڻن جي سهاري،
خواب ڳاهن جا سوين ساحل لهان ٿو
مخملي ڪنواري جسم جا آبشار
۽ سوين ساهہ، اکڙيون بيقرار
شام - پينگهي ۾ لڏي سون ڏي نهارن
مَدَ اوتيل جيپ ڪئيني ڪيپ آيي
تا حجابن جا سوين پردا ۽ تائين.
دل ڀڄري پاڳل ميجي ۾ مڪانہ تي!
مان ٻرهہ جا تاڪ وهتل شام کي
تو ڇمان تنهنجي جنون جي دار کي
زندگيءَ جو خاضعدان!
دور تائين دلبريءَ جي ڦوڙ آڻندي!
۽ جواني مست گهوڙي جي جڻ تہ تاپولي
هئي
هر گهڙي، جنهن جي جڻ تہ ڪا ڳولي هئي
جنهن سوين پڙ جي ٻاڻين کي چنيو.

وقت ڇاڻيءَ جان خواب ڇاڻيندو رهيو
سڀ اشارا، سڀ نظارا
خاڪ جو حصو هيا
۽ هجر جا لڙڪ سارا،
ماڪ جو حصو هيا
وار، ڪنهنجا رات جو آنچل هيا
نهڪ ڪنهنجا ٻي ڇيا بادل هيا
سار ڪنهنجي دار جي ڏڙڪن هئي
پيار ڪنهنجو جوڳ جو حصو هيو
هيءَ حياتي، ڇٽِن ڇپڙن ڪان گهٽو اڳتي
هئي.
۽ رڳو محبوب مرڪز ڪين هئو،
ديس، ڌرتي ۽ هزارين الميا
دل جي دفتر جا اهم حصا هيا
هو وڇوڙا، واعدا، پرڇي پوڻ،
پنهنجي معصوم ننڍپڻ جا قصا هيا
دلجي منزل وار تائين هئي ڪٿي
ديس! تنهنجي پيار تائين هئي ڪٿي!

غزل

درد سان دوستي رکي ڏسجي،
داءَ تي زندگي رکي ڏسجي.

هڪڙي پاسي جهان جون خوشيون،
ٻئي طرف عاشقي رکي ڏسجي.

ڪنهنجي پيرن اڳيان جبين دل ۾،
روح جي بندگي رکي ڏسجي.

سمنڊ آهي جو هو، انهيءَ آڏو،
سام جي تشنگي رکي ڏسجي.

هوءَ لفظن مان ڪجهه نه ٿي سمجهي،
مَن اڳيان دل ڪڍي رکي ڏسجي.

هونءَ ته وڇڙي سدا رُنا آهيون،
اڄهان لڳ نمي رکي ڏسجي.

سفر جي واپسي ممڪن نہ آهي،
نظر جي واپسي ممڪن نہ آهي.

جو تنهنجي بن چپن جي چائنٺ تان گذريس،
پهر جي واپسي ممڪن نہ آهي.

مليو محبوب جهڙو ڳوٺ جيڪر،
شهر جي واپسي ممڪن نہ آهي.

گلن جهڙي جواني عشق ڳاري،
سڪر جي واپسي ممڪن نہ آهي.

شڪاري! ٻڌ متان سمجهين اهو تون،
ولر جي واپسي ممڪن نہ آهي.

جي تنهنجا پير هيڪر ٿي ڇهي ٿي،
لهر جي واپسي ممڪن نہ آهي.

غزل

پيار پرچي پوي تہ ڇا ڪهرجي،
يار پرچي پوي تہ ڇا ڪهرجي.

گل تہ معصوم بي زبان آهن،
خار پرچي پوي تہ ڇا ڪهرجي.

جيت جو جوش مون ڏٺو آهي
هار پرچي پوي تہ ڇا ڪهرجي.

عشق عرفان ٿي وڃي، هيڪر،
دار پرچي پوي تہ ڇا ڪهرجي.

لڙڪ چاهي تہ مان سمنڊ ٻڏجان،
سار پرچي پوي تہ ڇا ڪهرجي.

غزل

غزل

عشق عرفان ٿي ويو آهي،
درد حيران ٿي ويو آهي.

تنهنجي پيرن جي خاڪ ٿي جيئبو،
عهد و پيمان ٿي ويو آهي.

منهنجي بي ربط زندگيءَ کي ڏسي،
ڪو پريشان ٿي ويو آهي.

گهاءُ گهرا جڏهن به ٿيا آهن،
دوست درمان ٿي ويو آهي.

ڪنهنجون خوشيون ٿي خاڪ ويڇيون هن،
موت مهمان ٿي ويو آهي.

سونهن جا رنگ سئو هزار ڏسي،
نينهن نادان ٿي ويو آهي.

خواب سڀ خاڪ ٿي ويا آهن،
آگ انسان ٿي ويو آهي.

ڪالهه توکي ڪٿر جهان ٿي لڳو،
جان جي جان ٿي ويو آهي.

تنهنجو طلسم بدن ڏسي جانان!
چند حيران ٿي ويو آهي.



نالو: الھ بخش ولد محمد پريل خشڪ
ادبي نالو: بخشل باغي
جنم تاريخ: 19 اپريل، 1975ع
لکڻ جي شروعات: 1988ع کان
تعليم: بي. اي.
ڪرت: درس ۽ تدريس
ڇپيل ڪتاب: شعري مجموعو "سمنڊ جي من ٻار"، "مٽيءَ جي خوشبو" ۽ "سھڻو سنڌو ديش جو" (ڇپائيءَ ھيٺ)
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاھ
ڏس پتو: پنگوار ڪالوني نواب شاھ،
پوسٽ ڪوڊ: 67450

غزل

برف پوندڙ پربتن تي سوچجان،
تون خدا جي رحمتن تي سوچجان.

عيب منھنجا تون نظر ۾ رک ڀلي،
پر سندم ڪجھ محبتن تي سوچجان.

پير تنھنجا دل چمڻ تي چاھيان،
دل چريءَ جي حسرتن تي سوچجان.

گذرندي ٿي ھڪ نظر تن تي وجھي،
تون ڍنڍن ھِن ٿريتن تي سوچجان.

ڏار ڪان ڇنو واءُ توڙي ڌو ڇڏي،
پوپٽن تي ڪرندڙين تي سوچجان.

تون ڪڏھن تنھائي ۾ ٿي ڪي پڙھي،
پيار سان منھنجي خطن تي سوچجان.

پوءِ جو سودو ڪرڻ کان ڪجھ اڳي،
ٿورڙو پنھنجي وطن تي سوچجان.

جي مھارون موھ سان پڪڙي وڌيا،
تون آنھن سان تن جتن تي سوچجان.

چَميون چنڊ چمڪي چڳون ڪهڪشان جون،
ستارا، ستارا اکيون آسمان جون.

اهي چنڊ، نيڙو، ڪتيون، ڪهڪشائون،
لڳن ٻالهڙيون ٿيون سڄڻ سڀ اوهان جون.

مسافر پکيءَ جي اکين ۾ ها ڳوڙها،
جنين منجهه يادون هيون آشيان جون.

اچان تائين منهنجي ڳلن تي تيون جاڳن،
ڏنل پيار مان سڀ مٺيون سي امان جون.

ڇُهي هٿ تنهنجا نه پو ٻي سگهيس مان،
ڪيم ڪوششون ڪيتريون آجيان جون.

نه جهاتي هڻڻ وارو ڪوبي رهيو آ،
گليل پو به ڇا لئه دريون هن مڪان جون.

غزل

اسان جو هو سنسار ٻه چار پَل،
اوهان جو به هو پيار ٻه چار پل.

پن جيئڻ رهيو مَن پو چٽندو سدا،
هَيو روح گلزار ٻه چار پل.

اِها سونهن تنهنجي اکين ۾ اچا،
هُيو توڙِي ديدار ٻه چار پل.

سچو منهنجو جيون جُهڙالو اچا،
تو کوليا هٿا وار ٻه چار پل.

هي جيون جي تنهائي پوندي ڪٿي،
تون ڳڌجي اچي گهار ٻه چار پل.

لڏي پونءِ دبجي ڪتابن سان ويا،
اهي جي سگهيا پار ٻه چار پل.

اچان رنگ هُن جا منهنجي مک تي،
ڏلو هو فقط يار ٻه چار پل.

غزل

غزل

سونهن سُرهاڻ جو ڪوبہ سپنو نہ آ.
نينهن جي ٻي چپن تي ڪو نغمو نہ آ.

پير آهن مگر پَنڌ ڪيئن مان ڪيان؟
منهنجي اڳو ڪو منزل جو رستو نہ آ.

ڇا ٿيو؟ موت جهڙي هي مانار آ،
ٺهڪ، ڇڏ، ڪوبہ ڌرتيءَ تي سڏڪو نہ آ.

ڪَن ٻُڌن ٿيون جا ڪنائي رهيا هِن اڃا،
در تي ڪنهن جو مگر ڪوبہ کڙڪو نہ آ.

ٿا چون هُو نہ ڪنهن کي نظر ايندو آ،
مان ڏسان پيو سندس ڪوبہ پردو نہ آ.

اڄ پکين ري هوائون بہ آهن ٻُسيون،
چو امن جي ڪبوتر جو ڦڙڪو نہ آ.

گهر ماڻهن جي هوندي بہ قبرن جيان،
شهر ۾ ماٺ ايڏي جو چڻ ڪو نہ آ.

پاڻ کي مون ذرن سان آ جوڙيو وري،
مون کي توڙي سهيڙيو ڪڏهن تو نہ آ.

ٿا چون موت ڪو بي نہ ٿو درد ڏئي،
موت جو تنهن ڪري مون کي ڪو ڀو نہ آ.

غزل

ڪڏهن تو اِنهيءَ تي بہ سوچيو آ پيارا،
اِهي ڇا لئہ جاڳن پيا ايئن ستارا.

ستارن کان تنهنجو پتو مون پڇيو جو،
چيائون وئي وڃ اِها ڪير ڏارا.

عجب تو خوابن جي دنيا بسائي،
عجب حيرتن مان تو جوڙيا نظارا.

سمنڊ تي چرين جيان وئي شام ڀڄندي،
شفق جي رنگن ۾ هُئا ڪي اشارا.

مان هر پل ٿو چڪجي اڃان لوهہ وانگر،
چڪن ٿا جو چڪمڪ جيان تنهنجا چارا.

سمنڊ پاڪرن ۾ ڀري آجيان ڪئي،
مليا ڪين مون ساڻ ليڪن ڪنارا.

مَتَن کي اڃان ڏِکَ ڏي تون نہ موکي!
پريان پنڌ هُو ڏس! اچن پيا متارا.

سَڪل پنن جي ســـاز تي هوا نچي رهي هئي،
ندي بہ ســون جي پاڻيءَ جيان ڇچي رهي هئي.

ڪئـا زبان تي، ســـياري جي رات ۾ وچ تي،
پپـر جي هيٺ باھ، مـاٺ ٻرمـچي رهي هئي.

سندس اکين ۾ جڻ تہ شـام پئي وئي لهندي،
شفق سمان هو سمنڊ جي مٿان اڀي رهي هئا.

سُڪون ۾ سمـوري ڪائنات خواب پئي ڏٺا،
اُنهيءَ ســانت ۾ تخليق ڪا رچي رهي هئي.

سچ جي تاءُ جي تـنور ۾ ازل کـــان وٺي،
هي پـونہ مـانڙي جيـان سدا پچي رهي هئي.

سـيـئي ســتـارڙا ســرور ۾ ٻري رهيـا هئـا،
سموري رات، رات ڪنوار جيئن ڇچي رهي هئي.

غزل

۱۴٦

تـڏهن ٺـــا لڳن هُي ڏنل آرسيءَ ۾،
ســيئي عــڪس آهن، لڪل آرسيءَ ۾.

لڳو درد جو ســمنڊ ڇوليـون هڻي پيـو،
ڏسي نـيـڻ تـنهـنجا پـنل آرسيءَ ۾.

گهڙيءَ کن جي لئہ جڻ مان وڪري ويو هُئس،
ڏنـم پـاڻ کـي جو تـــنل آرســيءَ ۾.

ڏسي مـون ۾ ســو جنهن ڏنـو پاڻ ناهي،
هوا ســـان هُيـــو هي لڪيل آرسيءَ ۾.

غزل

سندس کي تنگي جڻ ســزا ڪنهن ڏني آ،
ڏسي پت مـــتـــان هُن لڳل آرسيءَ ۾.

وجڻ ويل توکي ڏنم غور ســـــان پئي،
ڏسـڻ ۾ پـئـي آگـين رُلـل آرسـيءَ ۾.

هونءَ هو آبد تنهنجي نيـــڻن ۾ ظاهر،
نظر آيو لـيـــڪن ازل آرسيءَ ۾.

غزل

سورج جڏهين تصور ۾ تبديل ٿي،
خيال ٻنهي جو موں اکيان ڊيل ٿي

خواب کي جاڳ جو ڪو نه ساحل مليو،
تنهنجي نيڻن پٺي ٻوڙيو سندس جهيل ٿي.

مان نه پاڻي سمنڊ جو هُئس بي رنگو،
تو ڳلي ڏٺي چڙهي آپ جي نيل ٿي.

تو ۾ پنڌجي هوا ۾ لغزش ٿي آڏان،
تون رهين مان ٿاڪي سندو ريل ٿي.

رنگ منهنجو نه منهنجو رهي جيئن پو،
ڪاش تو ۾ وڃان اهڙو تحليل ٿي.

تون هوا ٿي وسائي نه وڃجان علي،
انتظاري ۾ ٻرندس مان قنديل ٿي.

بي قياسي، مان احساس جو ٿو ڪهين،
تون نه انسان مان الهي قابيل ٿي.

سونهن تنهنجي جي ديدار جو دور ڪيان،
تون به نظرن ۾ رهه، پاڪ انجيل ٿي.

مان پکي ٻنهي اڏامو رهان تو مٿان،
تون رهين پيار جي پلڪندڙ جهيل ٿي.

غزل

بي نيشان ڪنهن ماڳ ڏي کهندي رهي،
زندگي بي رنگ ۾ رهندي رهي.

هيڪلائي هيڪلي رهجي وئي،
شام، سج سان سمنڊ ۾ لهندي رهي.

تيز ڪرڻا سج جا چاتيءَ مٿان،
آ ازل کان پونءِ هي سهندي رهي.

هُو هليو ويو واس ماٺي جسم جو،
هوءَ بيٺي پوئتان ڏهندي رهي.

مان ڪنارو ٿي سندس ڏسندو رهيس،
هجر جي وچ مان ندي وهندي رهي.

هوءَ پنهون جي ڪاڻ ٻنهي وڃي ٻنهون،
جهنگ، صحرا، ڪوهه جا کهندي رهي.

درد ڏهيندو رهيو موں کي مگر،
ذهن ۾ تخليق ڪا نهندي رهي.

هائيڪا

ايڻن ٻري پيئي،
ميڻ بتي جڻ واءُ سان،
راند ڪري پيئي.

پنڪ پڪيڙي ٿو،
پکي، اڏري واءُ ڪي،
جڻ تہ سهيڙي ٿو.

پوڙهي جي عينڪ،
مٽي ٿي وٺي واءُ ۾
تيز لڳي جو جهڪ

ڏنڌ پريان آهي
منظر هڪ ميرانجهڙو،
ڏِسَ عينڪ لاهي.

سپنن ۾ سانوڻ،
ٻاهر نيٽن جي پريان !
ٻن چڻ ٿي ٻن چڻ.

پوپٽ اڏري ويو.
رنگ سندس، هٿ تي سندم،
ليڪن رهجي ويو.

پٽ تان ڪبو تر،
پڙڪو ڏئي اڏري ويو،
رهجي ويو منظر.

بلب اُجهامي ويو،
جڻ تہ اکين جو اوچتو،
نُور اڏامي ويو.

ٽي وي ءِ تي ڊرامو،
هلندي وچ ۾ ٿي ويو،
شروع خبر نامو.

ڦِڪي ڦٽ جيان،
اوڻيهين جي رات آ،
وسميل وٽ جيان.

سڙندو رهيو سگريٽ،
ٻن آگرين جي وچ ۾،
ڦلا ٿي ويو نيٽ.

جنم ڏينهن سَمان،
پرندڙ آهن ميڻ بتيون،
ننڍڙي ڪيڪ مٿان.

پوڙهو هڪ نابين،
گاڏيءَ سان ٽڪرائيو،
ڊرامي جو هو سين.

جهيٽو بلب ٻريل،
ميري پاڻيءَ جو تلاءُ
جنهن ۾ ٻن چٽيل.

مسجد مان آذان،
آيري، ويئي ڦهلجي،
گونجي ويو دالان

غزل

ڪڪر جو جيئن گهونگهٽ ڪڍي چاندني ٿي،
ڇپر ۾ ليناڪا هڻي چاندني ٿي.

مان آڱڻ اڱڻ سان ڏسان پيو ڏڪاري،
ٻيَر مان ٻڻ جيئن چڙهي چاندني ٿي.

سنهري، سرد رات، ڪرڻن جي اُن سان،
اوجاڳن جو سوئيٽر اُٿي چاندني ٿي.

تڏهن ٻيونءِ لڳندي آهي اپسرا جيئن،
سندس ويس جڙهين ٻڌي چاندني ٿي.

ٽِل تنهنجي چوڙيءَ جو چڻ چنڊ ٽڪرو،
تڏهن سَون رنگي ولي چاندني ٿي.

ستارا ٻه چڻ رات جا گيت آهن،
هوا جي ڇڪن سان سٽي چاندني ٿي.

نالو: عبدالستار حضور بخش مري
ادبي نالو: ستار سنڌر
جنم تاريخ: 8، مارچ 1983ع
لکڻ جي شروعات: 1998ع کان
تعليم: انٽر،
ڪرت: شاگرد
اڻ ڇپيل ڪتاب: رنگ پنهنجي پيار جا.
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادب سنگت نواب شاهه
ڊس پتو: هائوس نمبر 53، سرفراز شاهه ڪالوني لڳ ايڪسائيز آفيس نواب شاهه
فون: 0241-61364

وائي

ڪيڏو آ سنسار،
آئون پو بہ اڪيلو آهيان.

وقت ٿيو آ ڪنهن نہ ڏٺو آ،
مُرڪي تون ٿي نهار،
آئون پو بہ اڪيلو آهيان.

آڌيء رات پهر جي وڻ مان،
چنڊ اُٿي پيو سار،
آئون پو بہ اڪيلو آهيان.

اڄ بہ سُهڻي ڪي ساري پيو،
منهنجو من ميهار،
آئون پو بہ اڪيلو آهيان.

ٽالهيء وڻ تان مونکي سڏي پئي،
ڪوئل جي ڪُو ڪار،
آئون پو بہ اڪيلو آهيان.

غزل

تنهنجي يادن جي اجا پولار ۾ پڙلاءَ پيو،
تون ڀي آهين پو ڀي ڇو سنسار ۾ پڙلاءَ پيو.

تون چڪوري ٿي آ تنهنجي انتظاريءَ ۾ اجا،
چنڊ ٿي آڪاس جي مان پار ۾ پڙلاءَ پيو.

مان سراپا ٿي ويس ناسور تنهنجي درد ۾،
زندگي جي ڏس اچي آزار ۾ پڙلاءَ پيو.

ساٿ تنهنجي، جي جدائيجي وئي آگر تڏهن،
ڪنهن وچايل پار جان بازار ۾ پڙلاءَ پيو.

تون خدا وانگر مون کي ڪڏهن نہ آئين سمجهہ ۾،
مان تڏهن تنهنجي انهيءَ اسرار ۾ پڙلاءَ پيو.

147

غزل

هڪ ڏينهن ٿيءُ وجبو مهمان منيءُ جو،
رکشو آ ڇو تہ مونکي يي مان منيءُ جو.

ٽڪرا ٿي توکي تنهنجا آئينا اِهي چَيندا،
مون وٽ تہ سارو آهي سامان منيءُ جو.

سڀ کي اکين ۾ پنهنجي هي جاهہ ڏئي ٿي مُرڪي،
ڪيڏو نہ آهي پَختو ايمان منيءُ جو.

ٻارن جيئان خدا يي منيءُ سان راند پئي ڪئي،
هي ڪيڏندي جڙيو ويو انسان منيءُ جو.

سُندر ملي منيءُ سان هرڪوئي مني ٿيندو،
ماڻهو ڀہ ڇو تہ آهي ڪو ڪيان منيءُ جو.

غزل

تون جو پنهنجا وار چوڙيءَ ۾ ٽي ٻڌين،
جڻ گلن، مهڪار چوڙيءَ ۾ ٻڌين.

مان پکي ٿي جنهن تي ويهندو هوس سا،
چو پڌر تان تار چوڙيءَ ۾ ٻڌين.

روز ٿي اڌ رات جاڳائي اچي،
سانوري چو سار چوڙيءَ ۾ ٻڌين.

پاڻکي ٽٽندو پيو محسوس ڪيان
تون جو ٻانهن هار چوڙيءَ ۾ ٻڌين.

روز ٿو ڦاسي سدا ڦٽڪي سندر،
تون اکين جا ڄار چوڙيءَ ۾ ٻڌين.

غزل

جهوپڙيءَ ۾ ٻري جو ٻتي رات جو،
اُن ۾ ٿي وئي ڦٽڪي روشني رات جو.

ڏينهن جا درد سيئي سهيڙي وئي،
روڊ تي جا لٿي خاموشي رات جو.

آسمان تان ٽڙيو مونکي ائين لڳو،
هڪ ستاري ڪئي خودڪشي رات جو.

پنهنجو چهرو سُڃاڻي سگهان ٿي نٿو،
مان ڏسان ٿو ڪيئن آرسي رات جو.

ڪير آ جيڪو هيڪل ڪري ويو اٿس،
جنهن جون راهون تڪي ٿي ڪهڻي رات جو.

آسمان جي ڏکن جي ڪهاڻي، ٻري،
چنڊ سان ٿي ستارن سلي رات جو.

ياد توکي پو ڏاڍو ڪير او پرين!
هير تڏڙي جيئن ٿي ڪهلي رات جو.

اڄ اڪيلو ٿو ٿِن پيچرن تي رلان،
توسان جن تي ڪئي آوارگي رات جو.

ٽه سٽا

ڪجهه خواب رُلن ٿا پيا،
ننڊ نيڻن ۾ اڄ تون،
توکي ئي سڏن ٿا پيا.

ها وار کُليل تنهنجا،
۽ منهنجي ياڪر ۾،
سنسار کُليل تنهنجا.

ڪنهن لاءِ تڪين ٿي پئي،
ڇا ڪو ئي اڇڻو ٿئي،
جنهن لاءِ تڪين ٿي پئي.

هُت ڪوته پُڪاري پيو،
تو آڻ وڃان اُن ڏي،
مون ڏانهن نهاري پيو.

هربار هائيڪو آ،
تون غور ڪري ڏسجان،
سنسار هائيڪو آ.

ڪا ڏانهن سڏي پئي،
تون مون سان گڏ ناهين،
هر راهه سڏي پئي.

اڄ سانجهه منجهي تو پيو،
تون ڏور وڃين پئي،
هي هانءُ ڇڄي تو پيو.

ايڏا نه ڪر نخرا،
ٿي ويندا هڪڙي ڏينهن،
هي وار اڇا تنهنجا.

ڏس ٻير ڇڻي پئي،
هُو پيار منجهان ميڙي،
پوتيءَ ۾ ڪٺي پئي.

تون نيڻ ڪٺي پوءِ
ٿي پلڪون هيٺ ڪرين،
ڪيڏو نه وڻين پوءِ.

هر ماڻهو ميلو آ،
من هيڏي دنيا ۾،
هُو پو به اڪيلو آ.

جڻ زرد پَن وانگر،
تو مون مان اٿين ڇڻي،
اڄ درد پَن وانگر.

پيا ياد تنهنجا جلوا،
مون ڏسندي ڇرڪ ڀريو،
اڄ وار اڇا تنهنجا.

جڻ هرڻ پِنيان چيتو،
هي موت به مون پويان،
تو اٿين ڪري پيڇو.

تون هاٿي ماٿا ڇڏ،
هڪ ڏينهن هليو ويندو،
هي رنج رساما ڇڏ.

اڄ سَرَ ويا نِسري،
ڏس چوڏهين چنڊ مٿان،
اُپري تو مارون ٿي.

هائيڪا

وڻن جهنجهيل راهہ،
مال چري پيو گاهہ ۾
پر ۾ وهندڙ واهہ.

ٽالهيءَ جا هُو وڻَ،
سامهون منهنجو ڳوٺڙو،
چرندڙ مال جو ڌڻ.

آهن چڻ تہ ٽَڪل،
ٽيڙ ڪائيندا ٿا وڃن،
اُڀ تي هُو بادل.

دريءَ مان جهاتي،
اُڀريءَ سُورج صبح جو،
اکين ۾ پاتي.

ڪٽجي ڪن پيا راند،
ڪٽي ڪٽيءَ جو ٻارڙا،
ٻڏن پيا پلاند.

پوڙهو ۽ پوڙهي،
جوين سنديون ڳالهڙيون،
پٽي برسان ٻاهہ ٻري.

ناهي ڪو ٻوڙو،
واريءَ تي ڦيرائيون،
ڪائي واچوڙو.

ڀونڪن پيا ڪتا،
ڪو بہ نہ پوئين پهر آ،
خالي سڀ رستا.

برف پهاڙن تي،
خُدا هاريو کير چڻ،
وڻن اڪهاڙن تي.

سيءَ ۾ سوڙهو،
رلهي ويڙهيو اسٽيشن تي،
ويٺو هو پوڙهو.

جهڙا کير ڪڪر،
اُڀ ڪي اوڍيل آ اڇو،
وڳو چڻ ڪو ير.

ڦٽيون سوئن ٽيون،
پريان مايون اڏ تي،
ڪپڙا ڌوئن ٽيون.

آهہ پٽن ۾ شور،
وڻ اڻين لڏن واءُ ۾،
نچن پيا چڻ مور.

ننڊ ۾ سارو ڳوٺ،
تون ۽ مان اڪيلڙا،
ويٺل پٽ جي اوٽ.

سُتل جهوپ ۾ ٻار،
ماءُ ٻڌل آ سوچ ۾،
مَن کي خبر نہ چار.

هوا جا جُهوٽا،
ڪيڏي خوشبو ٿا ڏين،
مهنديءَ جا ٻُوٽا.

موتيا ٿا لڏن،
تون اڃين پڻي تو مَٽان،
پوپٽ پيا اڏن.

ڪچيءَ جا مُو وڻ
هيٺن جيئن الله ڪان،
ڪجهہ گهرن ٿا چڻ.

ڪو ٻہ نہ آهي وَڻُ،
واءُ نچي پيو واريءَ تي،
چوڏس رڻ ئي رڻ.

ڪنهن جو آ روڳي،
اُپ ۾ چند پتڪي ائين،
جڻ نہ ڦبي جوڳي.

چانيل آهي ماٺ،
ماڻهو سڀ حراس ۾،
گوليِن جا ڪڙڪاٽ.

مَن جو ناڻ، نہ وٽ،
آڏري ايندڻي پيارجا،
چپن تي پوپٽ.

خاموشيءَ جو ساز،
رات ٻہ ٻڌندو گهر آيس،
جيتن جو آواز.

ڪڱهن ۾ بستا،
ڪيڏا سُهڻا ٿا لڳن،
ٻارن سان رستا.

ناز ٻُوء - ٻُوٽا،
پڌر وِيو آ واسجي،
واءُ ڪائي جهُوٽا.

چالئم پهلا گل،
مونکي ڏسي ياد پيا،
تنهنجا سُندر ڳل.

Soorih Mirani



نالو: سيد فهيم اقبال
ادبي نالو: فهيم شناس ڪاظمي
جنم تاريخ: 11، مئي 1965ع
لکڻ جي شروعات: 1982ع
تعليم: ايم.اي (اردو)،
ڪرت: درس ۽ تدريس
ڇپيل ڪتاب: سارا جهان آئينا هي
(شعري مجموعو)
تنظيم سان وابستگي: ارباب قلم،
سنڌي ادبي سنگت ۽ ميمبر پريس ڪلب
نواب شاهه
ڏس پتو: My Book House
دڪان نمبر 72 گول والا پلازه نواب شاهه

غزل

ڪيترو بي باڪ ڏس مان پيو ٿيان،
تنهنجي سامهون خاڪ ڏس مان پيو ٿيان.

مان نه عيسيٰ هان، نه ئي منصور هان،
روز پو چو چاڪ ڏس مان پيو ٿيان.

عشق ڪنهن جي هيءُ بخشيو آ شرف،
ڏور مان افلاڪ ڏس مان پيو ٿيان.

تون جو ناهين گهر وڃي پو ڇا ڪيان؟
تنهن ڪري رولاڪ ڏس مان پيو ٿيان.

هاڻ تون خوشبو جيان ڪجهه ڪل سهي،
ديرڪان غمناڪ ڏس مان پيو ٿيان.

ڪنهن جي ڪارڻ مون وساريو پاڻ کي،
ڪنهن جي دل جي هاڪ ڏس مان پيو ٿيان.

غزل

مان ڪسن جي خاڪ ٿيندو پيو وڃان،
ڏور مان افلاڪ ٿيندو پيو وڃان.

درد تنهنجو دل کي پيو ٽڪرا ڪري،
مان به هاڻي چاڪ ٿيندو پيو وڃان.

ڦريان سچ کي ڏسي سگهندو نه هوس،
هاڻ ڪجهه بي باڪ ٿيندو پيو وڃان.

غزل

حد کان انسان وڌندا ٿا وڃن،
درد جا سامان وڌندا ٿا وڃن.

شام چڙهندي پئي وڃي آڪاش تي،
رات جا امڪان وڌندا ٿا وڃن.

پاهران هڪ پيڙ وڌندي ٿي وڃي،
دل ۾ پر ميدان وڌندا ٿا وڃن.

گل ويا مُرجهائجي تاريءَ مٿان،
ڪمري ۾ گلدان وڌندا ٿا وڃن.

نيڻ سُرمئي بادلن جو ديس ٿيا،
مينهن جا اِمڪان وڌندا ٿا وڃن.

مان سفر کي جيترو چاهيان گهٽي،
پنڌ جا پر ٿان وڌندا ٿا وڃن.

آرسيءَ ۾ چانڊني رڳندي رهي،
عڪس ٻه، بي جان وڌندا ٿا وڃن.

گهٽ جيئڻ ٿي وڃي سيني اندر،
در، دريون، دالان وڌندا ٿا وڃن.

هر گهڙي ٿي درد جي شدت وڌي،
عشق جا امڪان وڌندا ٿا وڃن.

غزل

ڪو به پنهنجو پتو ملي ٿي نٿو،
جُستجو جو سفر ڪٽي ٿي نٿو.

زندگي پيٽڪندڙ هوا جهڙي،
جنهن کي خوشبوءِ جو ڪس ملي ٿي نٿو.

انتها پنهنجي ڪربلا ته نه آ،
پاڻ سان گڏ جو ڪو هلي ٿي نٿو.

سونهن ۾ آهي هو خدا وانگر،
هو منهنجي خيال ۾ اچي ٿي نٿو.

موت کي سڀ ٿا چون ته هوش ۾ رهه،
هُن کي ڪو پيو مگر چوي ٿي نٿو.

خط هُن جا ملن ٿا روز مگر،
منهنجي باري ۾ ڪجهه لکي ٿي نٿو.

غزل

روپ ۽ رنگ سارا ڪٽي ويٺي،
رات جا سڀ ستارا ڪٽي ويٺي.

هو جمالو ڪندي شام آئي،
ساڻ سڪ جا سهارا ڪٽي ويٺي.

هو لڙهي آهه اهڙو درياهه ۾،
ايئن لڙهي جو ڪنارا ڪٽي ويٺي.

پياس منهنجي اندر جي اجهائي،
دل جا منظر اجارا ڪٽي ويٺي،

ايندي ايندي بهارون نه آيون،
گل ٽڙڻ جا اشارا ڪٽي ويٺي.

تيز وحشي هوا ايئن آئي،
جو هو خوشبو جي ڌارا ڪٽي ويٺي.

غزل

عشق جي انتها ملي ڏسجي،
درد جي ديس کي گهمي ڏسجي.

ڪيئن منظر ٿين ٿا سڀ آلا،
ڪلندي ڪلندي ڪڏهن روئي ڏسجي.

آرسي ٿي ويئي آ دل پنهنجي،
پاڻ سان پاڻ به ملي ڏسجي.

هو سدائين ٿي لڳي گلابن جيان،
سنوڻهن هن جي ڪڏهن ڇهي ڏسجي.

هڪ انسان ٿئون جڙي پئي ڪو،
"شاهه" جي شاعري پڙهي ڏسجي.

سانجهه جي مٽ پريل فضائن ۾،
مين وانگر ڪڏهن جلي ڏسجي.

نظم

فقط توساڻ هلڻو آ.
ڪن مِن بي خواب لمحن ۾،
سَنهري ساڻ سپنن ۾،
ڪنهن مهڪار ميلي ۾
ڪنهين دل کي سهيڙيندڙ،
انهيءَ هڪ گيت ۾ توساڻ ملڻو آ.

مهڪندڙ مِن بهارن ۾،
گلابن جي ديارن ۾،
سِرابن ۽ حصارن ۾
فقط تو ساڻ ملڻو آ.

مهڪندڙ من هوائن ۾
انهن رقصان صدائن ۾
ڪڏهن دل جي گفائن ۾
ڪنهن اجڙيل خلائن ۾
ڪڏهن اندر صبائن ۾
ڪڏهن اڻجهيل دشائن ۾
ڏنڪ رنگي فضائن ۾
فقط تو ساڻ هلڻو آ،
ڪڏهن تو ساڻ هلڻو آ؟

نظم

"تو"
مرڪندڙ هڪ سفر،
چاڻ جي حد کان
خواب، سرحد تائين
ڏوڙ جي شهر کان،
هڪ صحرا تائين
واٽس جو آ سفر
فڪر جو آ سفر.
پنهنجي اندر جي هڪ روشنيءَ جو سفر،
آرسي پٺيءَ جتان جو لڳو هر ذرو
سو سفر خواب کان خواب تائين لڳو
واه، جهونگاريندڙ
۽ هوا مَرڪندڙ
ڏيک جيڪو ٻه هو،
اُجرو، اُجرو هو سو
هڪ خمار اکين ۾ کهلڻ هو لڳو
جڻ ته ڪو روح جو در کلڻ هو لڳو
شام جو هو شفق
سانت کهري هئي
هر طرف
ريت سان هو هوائن جون سرگوشيون،
اجنبي هئي فضا پر لڳي آشنا
جڻ ته ڳڏريل جنم جي هئي ڪا دِشا
گيان ۾ پنهنجي گم
مندرن جو سمان
پنهنجي مٽڻ جا ملڻ لڳا ها نيشان
تن نيشانن ۾ صدين جا
افسانا ها
ڪيڏا پنهنجا لڳا جيڪي
بيگانا ها
لمحي، لمحي ۾ صدين جي تاريخ هئي
ٿر جي ملهارَ ۾ جڻ ته ڪا چيخ هئي.

نالو: سيد انوار حُسين نقوي

ادبي نالو: انجم نقوي

جنم تاريخ: 11، جنوري 1966ع

لکڻ جي شروعات: 1978

تعليم: انٽر.

ڪرت: سرڪاري ملازم

ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڪيتري ڇپيل شاعري

تنظيم سان وابستگي: پريزيڊنٽ (ارباب قلم نواب شاهه)

ڏس پتو: My Book House

دُڪان نمبر72 گول والا ڪامپليڪس،

ڪچهري روڊ نوابشاهه

غزل

آشائن جا ديپ جلائي سوچان ٿو،
هُن کي دلجي ڳالهه ٻڌائي سوچان ٿو.

اڄ ڪَن رَس ۾ هَن جا ٽانا آواز پون،
يادن جا ڪي گل مهڪائي سوچان ٿو.

ڇوليئون ٿي ٿو جذبن جو درياهه اٿي،
مان لفظن جا بند ٻڌائي سوچان ٿو.

ڪيئن ٻڏس مان ذات جي گهري ساگر ۾،
مان پيڙهه کي آڳ لڳائي سوچان ٿو.

ڏسان ته هاڻي بازي هيءَ ٿو ڪير کٽي،
انجم ڏن سان تن ملائي سوچان ٿو.

چهرو، چهرو آرسيءَ ۾ آهي ششدر سوچجان!
پنهنجي قسمت ۾ لکيل هو، هي به منظر سوچجان!

مڪڙي دنيا آرسيءَ جي ذات ۾ موجود آ،
جيڪڏهن موقعو ملئي، تون پنهنجو اندر سوچجان!

دل جو ڪعبو اڄ ۾ جڻ ڪو "ابرابهه" جي زَد ۾ آ،
جاڻ برسيا آسمانن مان ڪي پٿر سوچجان!

دوستن سان جي ملڻ جو توکي انجم خيال ٿئي،
تون لکل پردي ۾ تِن جي پهرين خنجر سوچجان!

غزل

مون کي شعور ذات جي بينائي ڏئي ويو،
هڪ شخص مون کي فڪر جي گهرائي ڏئي ويو.

هو ويو ته دل جو شهر ٿي ويران ٿي ويو،
ماڻهن جي هِن هجوم ۾ تنهائي ڏئي ويو.

هُن جي اکين ۾ عڪس ها يا گل ٽڙي پيا،
ڪا آئين جي اهڙي ته رعنائي ڏئي ويو.

لفظ وفا مون ساڻ سڃاڻپ ڪئي هئي جنهن،
منهنجي زبان کي قوت گويائي ڏئي ويو.

هي شعر منهنجا باغ ۾ جڻ گل ٽڙي پيا،
ڪيڏي نه مونکي ذات جي گهرائي ڏئي ويو.

انجم منهنجي رقيب جي قسمت اها ڪتي،
مون کي جو عشق ههڙي آ رسوائي ڏئي ويو.

غزل

غزل

گوتم جي صورت مون کي نروان ملي،
منهنجا مولا، مون کي آتم گيان ملي.

آگون پيل - وڻ هيٺ هان ويٺل صدين کان،
ڪاش اڃي مون کي ڪوئي پڳوان ملي.

پاپ ۽ پُنَ جو راز آ ڪهڙو ڄاڻان مان،
منهنجا مالڪ مون کي ڪو وجدان ملي.

وستي، وستي نگري نگري ڀٽڪيو هان،
منهنجا مولا هاڻ ته ڪو انسان ملي.

مون حالات کان ڪڏهن سکيو آهه جُهڪڻ؟
قدم، قدم تي جو نه ڀلي طوفان ملي.

انجم منهنجي يار جا پٿر نيڻن تي،
مون نه ڪڏهن چاهيو هو ڪو مرجان ملي.

غزل

خواب، ڳليون ۽ پيار اسان کان وسري ويو
مَن - مندر جو يار اسان کان وسري ويو.

خوابن جي شهزادي جڻ ڪا گر ٿي وئي،
نازڪ، ٻانهن - هار، اسان کان وسري ويو.

هوريان، هوريان، هُن جون ڳالهيون ياد رهيون،
چُپ هُن جو اسرار، اسان کان وسري ويو.

جن لمحن ها خواب سجايا نيڻن تي،
تن لمحن جو پيار، اسان کان وسري ويو.

گلڙن جهڙِن چهرن تي جو وقت ڪليو،
سو تحريري خار، اسان کان وسري ويو.

ڪنهن جي خاطر جوڳ وٺم ڪجهه ياد نه آ،
پنهنجو خيال، ويچار، اسان کان وسري ويو.

جنهن اجڙيل مندر تي ديپ جلايا مون،
سو جارو اي يار اسان کان وسري ويو.

نالو: منور علي سولنگي،
ادبي نالو: مُنور سراج
جنم تاريخ: 23 مئي 1969ع
لکڻ جي شروعات: 1995ع
تعليم: ايم. اي.
ڪرت: سرڪاري ملازم
ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڪوڙ سارو مواد
تنظيم ســان وابســتگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه
ڏس پتو: سُٺي گنس آفيس، موهني بازار نواب شاهه سنڌ!

نظم

تون ڪارونجهر جو مور ميان !

ساڪي اوپر ساڪي اولهه،
تون ئي دودو تون ئي دولهه
تون راڻوتون ئي روپلو
تون ئي ننگر. تون ئي ڏيپلو
تون ڇاڇرو، تون ئي ڇور ميان
تون ڪارو نجهر جو مور ميان!
تون ڪارونجهر جو مور ميان!
تر ڪان سا رات وسري ناهي
تر ڪان سا بات وسري ناهي
ڇڪي ونيءَ جي ڀاڪر مان
ڇني اِندرا جي آڳر مان
ڪنهن توکي آڏيءَ اُٽاريو هو
۽ قنداقن سانت جو سينو ڏاريو هئو
تہ ڪيڏو پارڪر پڪاريو هو
۽ ڏيل کوڪاريو هئو
پر تو هانءُ نہ هاريوهو
۽ ترم ياترا جي هر پٽي ۾
پنهنجي هر سپني ۾،
تو سنڌ کي ساريو هو
تو جنڊ کي ساريو هو
اڄ ڀي تون سندرتا جو سنديس آن منهنجو
دراوڙ ديس آن
اڄ بہ چندرما جيئن
تون هر پوتيءَ جو پور ميان
تون ڪارونجهر جو مور ميان
تون ڪارونجهر جو مورميان!
تون هن ڏي ڇو ڏيان ڏرين ٿو
۽ ڳاراٽي منجهه ڳرين ٿو

جو تو تي ٻيئو ٻاهي ٿو
الٽي ڇا چاهي ٿو،
جو ست رنگو ساندو آ
۽ شيطان جو آندو آ
جو ور ور رنگ مٽائي ٿو
۽ آٽر بدلائي ٿو
هو نوريٽڙو آ، الٽي نور ميان
تون ڪارونجهر جو مور ميان،
تون ڪارونجهر جو مور ميان؟
اڄ جو تون پير پسارين ٿو
۽ پنهنجا وچن وسارين ٿو
ڪو ٻارڻ نہ ٻارين ٿو
چونٽري جي اڱڻ ۾ ليٽي جڏهن
چنڊ ڏي نهارين ٿو
ڇڻ پوء ڇا سوچين ٿو
ڇا سارين ٿو
ڇا رڪو لڙڪ لاريندين
۽ اڪيلو کهاريندين
ڪهڙي منڊ ڪهڙو ....؟
اٿ سنڌ سموري توسان آهي
ڪينجهر توسان نوري تو سان آهي
ڪيتي توسان ڪشمور ۾ توسان آهي
چنڊ بہ توسان چڪور آ بہ تو سان آهي
ڳوٺ جي سانت ۾ توسان
شهرجو شور بہ تو سان آهي
هي ٿئون دور ۾ توسان آهي
اٿ ٻاٻيها ٻول تون پنڪ کول تون
۽ پنهنجا چپ چور ميان!
تون ڪارونجهر جو مور ميان!
تون ڪارونجهر ....!

نظم

او باميان جا بت شڪن!

او باميان جا بت شڪن
ڇا تون چاٿين ٿو، سمجهين سچاٿين ٿو
ماڻهو ڇا هوندو آ ماڻ ڇا هوندو آ
گوتم ڇا هوندو آ گيان ڇا هوندو آ
بت ڇا هوندو آ ايمان ڇاهوندو آ
تو تير تفنگ هٿي بت تہ برابر ٽوڙيو آ
پر ڇا تو رب سان رشتو جوڙيو آ
تون تاريخ جو رستو ابتو موڙين ٿو
واٽ اجائي وُوڙين ٿو
تون ۽ گوتم جو بت ٽوڙين ٿو
ڇا تون چاٿين ٿو، سمجهين سچاٿين ٿو
آرٽ ڇا هوندو آ آڳ ڇا هوندي آ
جا راٿو ريجهائي سا رمز ڇا هوندي راز ڇا
هوندو آ
السٽي آواز ڇا هوندو آ
ڪرو ڇا هوندو آ ڪوتو ڇا هوندو آ
جو، من جا گهرا گهاء ڀريندو آهي
سو ڏاڪو ڇا هوندو آ ٽوپو ڇا هوندو آ
هو، مندر مٿان تارن جو جهنڊ چاهي
ڪليسا تي جهڪيل چنڊ چاهي
ديول جي دروازي تي گهنڊ چاهي
۽ هو هوا ۾ اڇو گنبذ چاهي
تو وٽ نگاهہ ناهي تہ ڇا ڪجي
تو وٽ ويساهہ ناهي تہ ڇا ڪجي
اڪيون پوري غار ۾ ڊوڙين ٿو
هي پنهنجو ڪيتو لوڙين ٿو
گوتم جو بت ٽوڙين ٿو
گوتم جو ....

ڇا تون ڇائين ٿو، سمجهين سچائين ٿو
گوتم جو گيان ڇاهي
هن جو سنمان ڇا هي
جنهن هڪ سوال جي ڳولا ۾
پنهنجي پاڻ جي ڳولا ۾
تن، ڌن تياڳيو هو
بن بن ڀٽڪيو هو
راتيون جاڳيو هو
سرتيءَ جو سنگ ڇڏي هر چارو ۽ چنگ ڇڏي
جهر جهنگ جهاڳيو هو.
۽ اهو اسرار ڄاتو هو.
هر رنگ ۾ ذات هڪ ئي هوندي آ
پکي پکڻ ۾ لات هڪ ئي هوندي آ
گهنڊ، چڙيءَ ۽ بانسري ۾ بات هڪ ئي هوندي آ
ڪنڊ، جهڳي ۾ تسبيح جي مڻڪي ۾ تات هڪ ئي هوندي آ
جا دلجا دوار کوليندي آ
سا ذات هڪ ئي هوندي آ
وڻ ۾ تاريءَ ۾ صحراجي واٽي ۾ ۽
سورج مکيءَ جي پاريءَ ۾
جهات هڪ ئي هوندي آ
تون وحشي وچ پنهنجا رت ۾ ٻوڙين ٿو
امڙ جي اک ۾ خنجر کوڙين ٿو
گوتم جو بت ٽوڙين ٿو
گوتم جو بت ٽوڙين
او بابا ميان جا بت شڪن!

نظم

آج جا اڇا ڪنگڻ پيا جرڪندا...!

رات ڪيڏي ڀي ڪٽي ڪاري هجي
زندگي تي ڇو نه ساپاڙي هجي
کهنگ ٻوليندو پيو
ڪونجڙيون ڪرلائينديون،
۽ ٽانڊاٽا پيا ٽم ٽم ڪندا
آس ڪيڏي ڀي تکي ڇونه هجي،
ڪرمي ڪيڏي ڀي ڇتي ڇونه هجي،
گيت ڳائيندي پئي ڪوئل سدا
مور ڀي پيو نچندو
۽ گلن تي پوئنر ڀي پرڻدا پيا
ڪلي، ڪلي تي ڦرندا پيا
سرحدن تي باهه ٻريل ڇو نه هجي
هر سپاهي مٿي ڦريل ڇو نه هجي
پار تہ رهندا سدائين مرڪندا
خط محبوبائون لکنديون پيون
ڇوڪريون پيون پرت پرينديون
۽ سندن اکيون پيون خواب ڏسنديون
سکيون پيون خواب ڏسنديون
تہ ۾ ڪارو ڏڪار ڪيڏو ڀہ هجي
گاهہ سپ سڙي وڃن
وڻ سکي ڇڃي وڃن
ٻک ۾ ٻور سپ مري وڃن
ها مگر ڪارونجهر جا پٿر پيا چمڪندا،
۽ ٿريائين جي ٻانهن ۾
آج جا اڇا ڪنگڻ پيا جرڪندا
آج جا اڇا ڪنگڻ پيا جرڪندا.

نظم

لولي ڇا چائي.......!!
ڪنهن کي ماريندي
ڪنهن کي ڪاريندي
ڪنهن جو سينو ڏاريندي
پوڙهي جو يا ٻالڪ جو؟
نوڪر جو يا مالڪ جو؟
گولي ڇا چائي
ڪنهن کي ٻوڙيندي
ڪنهن کي تاريندي
ڪنهنَ ڪنهن کي ساريندي؟
ناءُ پاڻ وهٽيءَ کي
يامهاڻي جي ٻيڙيءَ کي
ڇولي ڇا چائي.

قيدي ڪيڏو ويو سويرو
نہ هن جو پتو نہ هن جو پيرو
ماڻهو آ يا آهي ڳيرو
ڦاسي گهاٽ جو ڦيرو
گولي ڇا چائي.

ڪهڙو ٻالڪ سک ڏسندو
ڪهڙو ڏسندو ڏک؟
ٿڌي ڇانو ڪنهن لاءِ
ڪنهن لاءِ ڪوسي لڪ !
لولي ڇا چائين
اولي ڇا چائين.

نالو: روشن ڪلهوڙو

ادبي نالو: روشن ڪلهوڙو

جنم تاريخ: 22 جنوري 1955ع

لکڻ جي شروعات: 1979ع

تعليم: ميٽرڪ.

ڪرت: سرڪاري ملازم

ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڪيتري ئي شاعري.

تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت شاخ نواب شاهه جو سينيئر ميمبر.

ڏس پتو: مستقل: دولت ڪالوني نواب شاهه ويجهو شهيد فهيم عباسي چوڪ عارضي ڏس پتو: NBP برانچ شاهپورچاڪر

نظم

ڏٺوسين ته حلاج سنگسار ٿي ويو - هو منصور
قاسيءَ جو ، سنگار ٿي ويو.
ڏٺو سين بلاول ـُـ پيڙي چڙهيائون - ۽ تبريز
جو چم چيري چڙهيائون
ڏٺاسين عنايت ستان وار ٿيـ ـ، - پنائيءَ جي
بيتن ۾ اظهار ٿيندي
آنا جو انوکو اهو ڍنگ آهي - انهيءَ جو اسان
تي اجهان رنگ آهي.
ڏسي ڏاڍ ڏاڍو ڏکڻ ٺيڪ ناهي،
"ستمگر جي آڏو جهڪڻ ٺيڪ ناهي"
اسان مان عنايت جا اظهار ٿيندا - اسان مان
بلاول جا ويچار ٿيندا
اسان مان ئي ڌرتي جا مُختار ٿيندا - اسان مان
پنائيءَ جا ڪردار ٿيندا.
اسان مان ئي تواريخ جا باب ٿيندا - اسان جا
به پورا ڪڏهن خواب ٿيندا.
اسان منجهه آهي خُودِي ۾ خدايي - اسان جي
نرالي سدائين سدا ۾
سريو ساز سرندو لِکڻ ٺيڪ ناهي.
ستمگر جي آڏو جهڪڻ ٺيڪ ناهي.
اجهان رهگذر ۾ رکو رڃ ناهي - سَئو سـڌ
"روشن" صفا سچ ناهي
اجهان جوء پنهنجي ۾ آلاپ آهن - پنائيءَ جي
وائين جا ورلاپ آهن
اجهان سَچ سچوءِ سندو ڳائجي پيو - اجا ڏينهن
۾ ليئهن ڦهلائجي پيو
ڪَنهي ڦهر جن ڪان اسان ئي ته آهيون، ڪري
پي سگهون تا اسان جو به چاهيون
اٿين سنڌڙيءَ جو سُکڻ ٺيڪ ناهي،
"ستمگر جي آڏو جهڪڻ ٺيڪ ناهي"

ٻڪيون نظرون ٻڪاريون ٿي جهڪائين زيادتي ڇٿبي،
اُچين ڪي آب تي آڻي سڪائين زيادتي ڇٿبي.

اکين ڪيئن اشارا عيش جون ڇڻ دعوتون مليون،
اُياري جوش جذبن ۾ تتائين زيادتي ڇٿبي.

هوا جي هير چانڊوڪي اڪيلا پاڻ ٻئي آهيون،
حسين جوبن لٽڻ ۾ تون لڪائين زيادتي ڇٿبي.

وَهيءَ ڪي ويجهڙو آڻي بدن پورو چمڻ چاهيم،
اَلا - ان وقت تي ڇرڪي ڇڏائين زيادتي ڇٿبي.

اگڻ "روشن" ٻٽيو جنت وڪوڙيو حور پانهن ۾،
ڦٽي ڪانهي پرهه تون موڪلائين زيادتي ڇٿبي.

غزل

هُن دور ۾ حياتي ٻوري ضرور ڇٿبي،
پر پيار لئه او سائين ٿوري ضرور ڇٿبي.

هيءَ ڪائنات ساري هڪ عڪس خيال جو آ؟
ٿا نانگ مان ٻڌائن نوڙي ضرور ڇٿبي.

هن جيل سينٽرل ۾ هن قيد جي نه پرواهه،
توريءَ جا عيد گذري گهوري ضرور ڇٿبي.

غزل

گنڙن ۾ بوءِ تنهنجي تارن ۾ عڪس تنهنجو،
تنهنجي وَهي او ناري نوري ضرور ڇٿبي.

ڪلهه رات خواب ۾ مون اڄ ڏينهن خيال ۾ مون،
توڪي چُمي وتو هئو چوري ضرور ڇٿبي.

"روشن" حسين جوبن تشبيهه ڏيان مان ڪهڙي،
بس حور جنتي ڪا ڇوري ضرور ڇٿبي.

غزل

ڇو سونهن کي ٿا سمجهو ڪنهن خواب جي نموني،
آ حُسن فلسفي جي ڪنهن باب جي نموني.

ٻل شوق ڪن هزارين پر عشق ڪو نہ ڇڏيو،
عاشق ڇمن وڃن کي شباب جي نموني.

پونرا ڇمن گلن کي پتنگن جي ريت ٻي آ،
مچ تي نچن پچن ٿا ڪباب جي نموني.

هن سونهن مان ڏنو پيئي امرت سبيل وانگر،
مون پيار خوب پلتيو سيلاب جي نموني.

لوهي درن ۾ واڙي پهرا پلي وڏايو،
دل ۾ رهي ٿو دلبر نواب جي نموني.

اڏ رات ٻات اونده پهتو پرين اڃان مَسَ،
ڪَرَ جي نظر کپي وئي عقاب جي نموني.

منهن باک جهڙو روشن، ڇپ شام جي شفق جان،
مهڪيو بدن پرينءَ جو گلاب جي نموني.

آزاد نظم

منهنجو چاهہ تہ چانڊوڪيءَ جيان،
تنهنجا ڳل چمي ويندو آ
توسان گڏ سمهي ويندو آ
چاهہ ڀريو هي چهرو تنهنجو
خيالن منجهہ گهمي ويندو آ
سوچن منجهہ جمي ويندو آ
منهنجو پيار هوائن سان گڏ
تنهنجو سارو جسم ڇهي ٿو
تنهنجي انگ انگ منجهہ لهي ٿو
رنگ گلابي تنهنجو انگ انگ
منهنجن نيڻن منجهہ رهي ٿو
نظرن جي ڇيڇاڙ سهي ٿو
تون تہ اجايو ٿي شرمائين،
پردي پويان پاڻ لڪائين.

نالو: مولا بخش لرا.

ادبي نالو: بادل لرا

جنم تاريخ: 1، جنوري 1963ع

لکڻ جي شروعات: 1980ع

تعليم: ايم اي. (آئي.آر) ايم. اي (ايڪناميڪس)

ڪرت: سرڪاري ملازم

اڻ ڇپيل ڪتاب: بادل برسڻ آئيو (ڇپائي هيٺ)

تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه، سينيئر وائيس پريزيڊنٽ (نيشنل بئنڪ آف پاڪستان (سنڌ) سي.بي.اي/پريزيڊنٽ پيپلز ليبر بيورو تعلقه نواب شاهه

ڏس پتو: نيشنل بئنڪ آف پاڪستان برانچ موهني بازار نواب شاهه

فون: 70493

گيت

لڳي هير ٿڌڙي، پريڻ ۾ سار آئي،
پرن ڪي پکيڙي پکين لات لائي!

وري وڏ ڦڙي سان وٺا مينهن ٿر ۾،
ڦٽا ڦوڳ ساوا، ٿي ساوڪ پڊر ۾،
سڄي ٿر جي ڇاتي لڳي پيٽي سائي،

ٽهوڪيا پٽن جي مٿان مور آهن،
پريڻ ۾ جا اسان ڪي پيا پور آهن،
نہ ڪنهن ڪي ڏني سون مگر ڪل ڪائي.

ڦٽا گاهہ ڪيٽي، پٽن جي پٽن تي،
پيا مال چارين، مارو گهٽن تي،
ڪو ميهار ڳائي پيو شاهہ - وائي.

وٺي برند "بادل" ٿي بر ۾ بهاري،
اسان ڳالهہ پنهنجي سڄڻ جي سنڀاري،
اِئين پريت پنهنجي اسان آ نڀائي.

سنڌوءَ جي ڪنارن تي هنج هاڻ ڪونهن،
سَچا يـــاڻ آهن، پرين پاڻ ڪونـهن.

ٻڪلي، ڳوٺ، ساڳيو، نمون، انب ساڳيا،
مگر هاءِ! مون سان سڄڻ ساڻ ڪونهن.

اڪيلو وياڪل ويڳاڻو وتان تـــو،
مـحبت جا ساڳيـا رهيا مـاڻ ڪونهن.

ويٺين يار ڪاڏي ڪٿي؟ تـــو رهين تون!
ڪٿي پي تہ تنهنجا ڪي اهڃاڻ ڪَرنهن.

ڳلي تي مليـاسين، رَسي جي پيـاسين،
ي هـاڻ "بـادل" ڳڻـنِ ڳاڻ ڪـونـهـن.

غزل

غزل

مَن ۾ پور پچارون مـــنـــڙا!
دردن جو تُون دارون مـــنـــڙا !

آءُ هلي تون هيـڪـر سـائين!
تنهنجون سـاهہ سنيـارون منـڙا !

هاءِ! هجر ۾ هانءُ ڏري تـــو،
ڦـتـجي دل تي، ڦـارون منـڙا !

موسم مـنـجي وئي آ پيـارا!
لڙجن ٿيون پيون ساريون منـڙا !

مـرضيءَ جو تون مـالڪ، توکي،
ڏيندو ڪير ميـارون مـنـڙا !

"بادل" ديس مـتـان ڏس آيون،
رم جهم پوند بهـارون مـنـڙا !

بيت

ورهه ڪئين گذري ويا، روئي روئي رات،
هر هر من جي بات، هُري آئي بيت ۾.

ڦُرَ ڦُرَ، ڦُرَ ڦُرَ مينهڙا، ڪنوڻين ڪيا ڪيل،
آءُ تہ ڪريون ميل، بادل پنل! منڊ ۾.

آهي عمر - ڪوٽ ۾، جڻ ڪا بندياڻي،
منهنجي ڪهاڻي، ائين پرينءَ ريءَ آ.

توڏي پڪي پريم جو، اَڏاريو مون آهہ،
بادل جو آ چاهہ، سانول توسان هر گهڙي.

"بادل" آهن بند ۾، ڪٽيا ڪيئي سال،
جرُ وهائي جال، واهڙ جڻ تہ وهائيا.

نيڻ وڇائي واٽ تي، جام وهايان جرُ،
تولئہ تڪي در، مون سان تنهنجيءَ ياد ۾.

آدم جي ايجاد جي، چو ڏس آ چانڊاڻ،
۾ چو منهنجو پاڻ، سڄو ساڳيو سنڌڙي.

ڪافي

مون کي ايذا ڏي نہ عذاب پرين!
لاهہ پنهنجي مک تان نقاب پرين!

ڪر حڪم تہ آءٌ حاضر ٿيان،
تنهنجو ٻانهو هان، تنهنجو نوڪر هان،
ڇڏ ليکا، ڪر نہ حساب پرين!

ڪر معاف خطا من! ٻرچي پوءِ،
مان آهيان سڪايل سرچي پوءِ،
رک مون کي ڏي نہ جواب پرين!

تنهنجي سونهن سراپا پاڪ پرين،
تنهنجي حسن جي هرجا هاڪ پرين،
تون نيهن جو آهين ثواب پرين!

جهڙ "بادل" سارا رکجي ويا،
ڪي غازي ٿيا، ڪي ڪُسجي ويا،
اهڙو تنهنجي حسن جو تاب پرين!

نلو: منظور حسين راڄپر

ادبي نالو: مير منظور راڄپر

جنم تاريخ: 5، فيبروري 1970ع

لکڻ جي شروعات: 1988ع

تعليم: انٽر.

ڪرت: اُستاد

اڻ ڇپيل ڪتاب: "منظر حُسين"

تنظيم سان وابستگي: صدر ينگ فڪري فورم نواب شاهه سنڌ.

ڏس پتو: پنرا دائر ڊرائيڪلينرز ريگل چوڪ نواب شاهه

وائي

تڙپي ٿو انسان !
سوچن جي طوفان ۾.

شايد آهي ڪين ڪي، دردن جو درمان !
سوچن جي طوفان ۾.

ڪنهن کان وکري آ ويو، سکن جو سامان !
سوچن جي طوفان ۾.

ماڻهو - ماڻهوءَ کان پري، ڇو ٿي ڪي گهر ويران !
سوچن جي طوفان ۾.

مان ٿو پاڻهان مون جهان، هوندو ٻيو پڪوان !
سوچن جي طوفان ۾.

"مير" لڳي پيو اوچتو، جيون جو گلدان !
سوچن جي طوفان ۾.

وائي

رات انڌاريءَ جو، تارا جاڳن ٿا !
مون وانگر ڪنهن سوچ ۾.

درد ڀريا انسان، سارا جاڳن ٿا !
مون وانگر ڪنهن سوچ ۾.

آس اوهان جيءَ ۾، چارا جاڳن ٿا !
مون وانگر ڪنهن سوچ ۾.

جوڳين جا هر پل، ڍارا جاڳن ٿا !
مون وانگر ڪنهن سوچ ۾.

ڏيئا اُجهامي ويا، جارا جاڳن ٿا !
مون وانگر ڪنهن سوچ ۾.

وائي

هيڪل ڪمري ۾، يادن جي ڳولا!
ڏاڍي هوندي آ.

راتين جو سَندر، سپنن جي ڳولا!
ڏاڍي هوندي آ.

شاعر کي اڪثر، لفظن جي ڳولا!
ڏاڍي هوندي آ.

مايوسيءَ ۾ چو، ٿهڪن جي ڳولا!
ڏاڍي هوندي آ.

ڏارين ماڻهن ۾، پنهنجن جي ڳولا!
ڏاڍي هوندي آ.

وائي

سهڻو سندو گهر،
ڏاڍو وڻندو آ.

آخر مونکي ڇو پيا، سڄڻي تنهنجو در!،
ڏاڍو وڻندو آ.

ڪاريون ڪاريون راتيون، تارن جو منظر،
ڏاڍو وڻندو آ.

تون ته ڇڏي ويو آن، تنهنجو پوءِ به شهر،
ڏاڍو وڻندو آ.

سڪر سنڌوءَ ڪپ تي، ڪيتي ڪارونجهر،
ڏاڍو وڻندو آ.

شاعر مالهوءَ کي، پيڙا جو آڌر،
ڏاڍو وڻندو آ.

وائي

پيئندس جام پري!
ويهي مسجد ۾ مِنا!

من ۾ تون ئي تون وسين،منهنجي ڪيئن سري؟
ويهي مسجد ۾ مِنا!!

آهي تسبيح هٿ ۾، هر ڪو پيار پڙهي.
ويهي مسجد ۾ مِنا!!

ٿيندي نيت نماز جي، توکي ياد ڪري.
ويهي مسجد ۾ مِنا!!

ٻڌجي هالي "ميمڻ" جي، وائي ڏيان ڌري.
ويهي مسجد ۾ مِنا!!

نالو: جاويد نواز بروهي

ادبي نالو: جاويد نواز "جاويد"

جنم تاريخ: 17، جون 1978ع

لکڻ جي شروعات: 1995ع کان

تعليم: بي.اي.

ڪرت: پرائيويٽ نوڪري

ڇنڊ/اڻ ڇنڊ: ڪوڙ شاعري

تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نوابشاهه

ڏس پتو: (نواز پي.سي.او) هائوسنگ سوسائٽي نواب شاهه

غزل

عمر گذري وفا کي ڳوليندي،
پٿرن ۾ خدا کي ڳوليندي،

هر قدم تي جبين جهڪائي اٿم،
يار جي نقش، پا کي ڳوليندي.

هڪ مسيحا مري ويو آخر!
زندگيءَ جي دوا کي ڳوليندي.

ڪيترا ٿي گناهه ويا مونکان،
راهه ۾ پارسا کي ڳوليندي.

شهر پنهنجي ۾ اجنبي آهيان،
سال ٿيا، آشنا کي ڳوليندي.

واس ڪيلو آ اوهانجي سارَ ۾
واسجي ويو آ اگڻ مهڪار ۾.

ڳالھہ جو نڪتي وفا ۽ پيار جي،
نيڻ پُهچي ويا پرينءَ جي پار ۾.

ڏيان پنهنجو هن سهيڙي هو ڇڏيو،
ڇا ڏِٺو هو نيٺ هن اخبار ۾.

من کو موتي ملي، ان آس تي،
آءُ لهندو ٿو وڃان پاتار ۾.

جنهن کي ڳوليو پئي سِتارن رات جو
چنڊ تنهن کي مون ڏِٺو بازار ۾.

غزل

پل آپل ۾ ٿئان، جڙان ٿو مان،
تو پڇاڻان ائين جٺان ٿو مان.

رات ڏاڍي طويل ٿي وئي آ،
رات سان ٻرَ آڃان وڙهان ٿو مان.

تو تہ ايئن ٿي چيو هيو "ايندَس"
راھہ تنهنجي اڃان ڏسان ٿو مان.

روز ٿو درد نئون ملي دِل کي،
روز کو شعر نئون لکان ٿو مان.

ڇَپَ آهن رکيل هتي ٿنهنجا،
هَٿَ پنهنجا تڏهن چمان ٿو مان.

توکي ڪلَ ٿي نہ ٿي پوي جانان
نيڻ تنهنجا پڙهي وڃان ٿو مان.

غزل

حادثا پيِ راهبر هوندا آهن،
زندگيءَ جا همسفر هوندا ٿيا.

تون نہ لڙڪن ۾ پڌي جانان وڃين،
نيڻ آلا هر پهر هوندا ٿئي.

دل جو شيشو ڪٿ نہ ٽڪرا ٿي وڃي،
دَرد يادن جا پٿر هوندا ٿئي.

جا وڃايو ٿئي اتي "جاويد" جو،
روز مورو جا جهڪر هوندا ٿئي.

غزل

غزل

پنڌ ڏسجان نہ پيچرا ڏسجان،
چاهتن ۾ نہ فاصلا ڏسجان.

مکو بہ پارڻ اگر ڏيئو چاهين،
ڪيتري آ اتي هوا ڏسجان.

تو ڪان وچڙي بہ تهڪ ڏيندا سين،
تون پنهنجا بہ حوصلہ ڏسجان.

موءِ زخمن تي چپ رکي ٿي چئي،
هاڻ مَن جا بہ ذائقا ڏسجان.

هڪ قدم ٿي وڌائجان ۽ پوءِ،
پيار منهنجي جي انتها ڏسجان.

نالو: رضوان احمد
ادبي نالو: رضوان ميمڻ
جنم تاريخ: 5 جون 1963ع
لکڻ جي شروعات: 1980ع کان
تعليم: ايم. اي (پوليٽيڪل سائنس) ايل ايل.بي
ڪرت: ايڊووڪيٽ
اڻ ڇپيل: ڪوڙ سارو مواد
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه/ ملير لٽرري اڪيڊمي نواب شاهه.
ڏس پتو: هائوس نمبر B-452 موهني بازار نواب شاهه
فون: 0241-60935

نظم

خوشي ٿيندي جي مرنداسين،
نياڻي سنڌراڻيءَ سان.
اسان جا زخم ڌوئيندو،
سنڌو درياهه پاڻيءَ سان.
ذاهي فطرت جو ٿيون قيدي،
اسان جي خون ۾ تيزي.
جي وڙهندين تون، ته وڙهنداسين
سيڻي سنڌي جواڻيءَ سان.
ڏندن تي تو وڏا پهرا،
مهاڻيون ڪيئن چون سهرا؟
ڪپن جو نينهن تئي ظالم !
اتان جي هر مهاڻيءَ سان.
وري "رضوان" تون چمجان،
پٽاڻي پٽ ڏٺي ميجان.
رهي جيئڻ واسطو تنهنجو،
سباجهي سنڌياڻيءَ سان.

نالو: ميرمحمد پريو.

ادبي نالو: بيتاب

جنم تاريخ: 30، مارچ 1980ع

لکڻ جي شروعات: 1998ع

تعليم: انٽر "ڪامرس"،

ڪرت: شاگرد

چهيل/اڻ ڇپيل : ڪوڙ شاعري

تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت شاخ نوابشاهه

ڏس پتو: معرفت پريو هائوس بچيري روڊ تاج ڪالوني نواب شاهه سنڌ

غزل

اڄ ٻڌي قصا ٿرين جي پياس جا،
ٿيڻ پيو رجي آڳيا آڪاس جا.

منهنجي جيون سان سين پي راند ڪئي،
زندگي پي چڻ پتا هئي تاس جا.

نيٺ هڪ ڏينهن پاڻ ملنداسين وري،
مون نه ڀوڳيا دوار آهن آس جا.

ڪوڻ آ "بيتاب" کو سگهيو هتي،
پير روڪي وقت جي راڪاس جا.

غزل

صبح جي ٻڪن ۾ لڪي رات آهي
ٻڪين جي شروع ٿي مٺي لات آهي،

جڏهن پي ڏنا مون ٻڪي گڏ ٻه آهن،
اڪيلائي محسوس ٿي ڪات آهي.

ڏسي راهه تنهنجي رڳا نيڻ تولڻ،
انهن کي اوهانجي پرين تات آهي.

اماسيو، آ جيون پرين تو ڇاتان،
ڦٽي ڪا سکن جي نه پرڀات آهي.

وري ڪوڪ ڪوئل ڪري ٿي آ ماندي،
سندس ڪنهن سٽي ڪين ڪا بات آهي.

غزل

نہ ساڳيا پکي ۽ نہ ساڳي شام آهي،
وڻن جي تڏهن هر ڏکي لام آهي.

پنل رات چانڊوڪي سنڌو ڪناري،
اڏورو سوا تو پرين جام آهي.

تون اڄجان اسانجي پرين پت رکجانء،
اسان تو اڃڻ جي هنئي هام آهي.

ڏکن جي هوا اهڙي آهي گهلي جو،
پريشان هت خاص ۽ عام آهي.

لکن ۾ لهڻ سچ جو ڪيڏو حسين آ،
پو "بيتاب" چو هي ڏکي شام آهي.

غزل

جڏهن ياد منهنجي سيناري تو هوندي،
گهڙي سا اداسيءَ ۾ گهاري تو هوندي.

ڪئي ياد هونديءِ ڦٽي آڱرين جي،
جڏهن سينڌ پنهنجي سنواري تو هوندي.

ڏسي ماڳ ڏي ڪنهن مسافر کي ورندي،
پرين راهہ منهنجي نهاري تو هوندي.

وري شام جو اڄ اداسي آ ڇانئي،
صنم سار ڪائي اڏاري تو هوندي.

اجهاٽيل رهيا ديپ گهر جا سندم پر،
ملهائي خوشين سان ڏياري تو هوندي.

غزل

رات اڄ شبنمي آ صنم،
بس اوهانجي ڪمي آ صنم.

شل وسي ٿر مٿان هيل پڻ،
مَند جا آڪمي آ صنم.

تنهنجي نيڻن سندو نور آ،
هر گهڙي پونمي آ صنم.

تو سوا نيڻ بي نور ها،
تو ڏني روشني آ صنم.



نالو: انجنيئر مسعود احمد جمالي
ادبي نالو: مسعوڌ جمالي
جنم تاريخ: 14، نومبر 1968ع
لکڻ جي شروعات: 1985ع
تعليم: بي.اِي (سول) انجنيئرنگ)
ڪرت: شعبي سان وابستگي
ڇپيل ڪتاب: الهامي آواز (ترجمو)
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نوابشاه
ڏس پتو: پوسٽ آفيس محمود جمالي نواب شاهہ سنڌ.

ٽيڙو

سهڻا سونا سَنگ،
ڪڻڪن جي هن کيت ۾،
فطرت ڀريا رنگ.

تنهنجا ڳاڙها ڳل،
ٽڙيا چڻ ڪي باغَ ۾،
سَرَها سَرَها گل.

ننڍڙو نيٽو ٻارَ،
ڪمَ آ گهريءَ سوچَ ۾،
بابس آ بيمار.

سِنڌَ جي سُهڻي نارِ،
لوڏي ويٺي پيار سان،
پنهنجو ننڍڙو ٻارَ.

سـات تنهنجو سـاڻ رهيـو سـات ۾ جي سـاڻ سـاٿي،
ڏور ناهي پوء منـزل جهٽ پڳاسـون جاڻ سـاٿي.

روهه رتيون چو نہ ٿيندو ڪيسين رهندو سامهون پنهنجي،
ڳاٽ اوچو رک تون پنهنجو هاري آ سـرواڻ سـاٿي.

تون بہ باغي، مـان بہ باغي، باغي سـيـڪـو آهه باغي،
وک وڌايون واٽ نـاهيـون ڪا، هلي اچ پاڻ سـاٿي.

غزل

روز مـاٺـو مـرن پنهنجا ڇا اها ئي آهه قـسـمت،
ڪانہ قسمت اهڙي گهرجي جنهن ۾ ٿيون رت ڇاڻ ساٿي.

جسم چچريل لاش سـڙيل پيل روڊن تي تـا ڏسـجن،
ڪـو هجي جو زخم ڌوئـي اکين جي آلاڻ سـاٿـي.

مـاڻ "مـسـعـود" ڪو نہ رهبو ڊوهہ ڊاهي نيڻ ڇڏبو،
پاڻ ڪريون چونہ پنهنجي ڌار سنڌڙي هاڻ سـاٿي.

"اوهانجي اکين ۾ حـجابن جي دَنيـا،
هي سُو سـئـو سُوالن جوابن جي دنيـا،
رکو پيـارَ بس پيـارَ سـمـجهـو عـبـادتَ،
ڇڏي ڏيو گناهن ثوابن جي دَنيـا".

چوسٽا

اوهانجي شـوخ نظرن جي اِشـارن تي لڳي پيـاسين،
ڦـرائي دل هي فـرقت ۾ ديوانا ٿي رلـي وياسين،
صنم خاني کي سمجهي قبلو سجدا ٿي ڪياسون يي،
مِلي مـحبت نہ دلبـر جي عـبـادت ۾ رلي وياسين.

جيـئڻ آهہ جُوکـو مـرڻ کونہ مـهـو،
آئي ۽ اجهي لئہ پيـو سـپ کي سـهـڻـو،
ذلت کـان ڀلو مـوت آهي عـزت جو،
اهوئي اٿـو يارَ ڏاهن جو کـهـڻـو.

غزل

غضب جون هي نظرون عجب هي ادائون،
صفا سنڌ جي ڪنهن ڪويءَ جون ڪوتائون.

ڪو طوفان سيني ۾ هن جي اچي ويو،
ڪناري تي پهچي پو سگهندس نه آئون.

وسي وڏ ڦڙو هوندمنهنجي چپن تي،
ستي لوڪ ناريءَ جون آهن صدائون.

مٺي، ڏيپليءَ ننگر پار ڪر ڪان،
سلامن سان دلبر مڪيون هن دعائون.

ڀنل نيڻ، ياڪرءِ گيسو به وکريل،
ليٽا گهر جي در مان پرينءَ جون پڇائون.

سوا لک منيون ۾ سوا سئو ها ياڪر،
وڇوڙي جون مونکي سڪيءَ ڪان سزائون.

نه "مسعود" وينگس سندا وار وڪرن،
ڪٽان مينهن گهاٽو پو وسائن گهٽائون.

غزل

عجب جي اوچتو ابتدا تي وٺي،
او ٻڌو، بيوفا مان وفا تي وٺي.

ٻڌو مڪڙي ٽڙي سوچ جي آ پٺي،
ساڪ سچ جي وري جا بجا تي وٺي.

چير جي چور چپ ڪجهه چئو اي پرين،
نا منجهان ها به بي ساختا تي وٺي.

تير هن نظر جو جڻ هلايو تڪي،
هن ڏنومنون ڏنو بس خطا تي وٺي.

ديد هن جي ملي ديد سان اج وري،
ديد ئي ديد ۾ ڳالهه ڪا تي وٺي.

لوڪ ۾ ٽوڪ ڪهان تون پلي مل لڪي،
چاڻ آ لوڪ کي پر منا تي وٺي.

يار "مسعود" کي ڪجهه ته سمجهائجي،
دل چري آ سندس چو صفا تي وٺي.

نالو: نور الله مهر
ادبي نالو: مهر ڏهائي
جنم تاريخ: 3، نومبر 1968ع
لکڻ جي شروعات: 1980ع (ستين درجي کان)
تعليم: بي.اي. ،
ڪرت: سرڪاري ملازم
اڻ ڇپيل: ۽ ڪيتري ڳائل شاعري
تنظيم سان وابستگي: سنڌ ساهت سنگيت ست نواب شاهه
ڏس پتو: ڏهائي مهر، قاضي احمد. يا گولي مار، ڪامورا ڪالوني نواب شاهه سنڌ.

وائي

رات چانڊاڻ هئي،
لڙڪ ها، مان هُئس.

ياد اهڙي وري، دل صفا پئي جُهري،
مون ۾ مانڊاڻ هئي،
لڙڪ ها، مان هُئس.

رات ڏاڍي ڏريل، من ۾ باهيون ٻريل،
ماٺ مهراڻ هئي،
لڙڪ ها، مان هُئس.

ڊائري جو پڙهيم، بس وفائون ۽
من جي واڪاڻ هُئي،
لڙڪ ها، مان هُئس.

هُوءَ وٺي پئي پري کان، بيٺي ڏٺم
خواب ۾ پاڻ هئي،
لڙڪ ها، مان هُئس.

وطن مشڪل وري موٽان، وڃان پيو پر وڃڻ جي لئہ،
پُراڻا خط، ٻہ ٽي فوٽو کنيا آهن روئڻ جي لئہ.

اهي گهرڙا، اهي گهٽيون، اهي وڻ ٽڻ اهي ماڻهون،
سيئي ٽيا اوپرا مون لئہ، بچيو ڇاهي رهڻ جي لئہ.

هُو چلهہ جي پاسڙي ويهي، اُيارڻ سڄ ڪچهريءَ ۾،
ڪندا ضد ڪيئن هاسين هڪ ٻئي اجرڪ ۾ لڪڻ جي لئہ.

ڊٻائي مان چريو ماڻهو، سياڻن جي شهر ڇائس،
ڪهڙيون باسون وري باسيون هيون منهنجي ڇمڻ جي لئہ.

غزل

ڪي درد مليا اهڙا، جيڪي نہ سلڻ جهڙا،
جيئون تہ دنيا ۾ پيا پر ناهيون جيئڻ جهڙا.

جنهن ڳوٺ ۾ ڇاواسين تنهن ڇائي سور ڏنا،
اڇ ڳوٺ اباڻي مان، ٽي وياسين لڏڻ جهڙا.

مخمور نگاهن آ، ايڏو تہ پياريو جو،
اي زاهد! اڇ ناهيون مسجد ۾ وڃڻ جهڙا.

حالات جي مجبورن، آبند زبان ڪيئي،
ٿيون ڪُڇڻ سان ڪافر ٽا، تڏهن ناهيون ڪڇڻ جهڙا.

تون ڇو آيو آهين، ڇيو سڄڻ ڏسي مون ڏي،
تنهن وقت تہ محفل ۾ ٺپ ٽياسين ٻڏڻ جهڙا.

هِن مهر ڊٻائيءَ ڪي، پنهنجا تہ ڇڏي سڀ ويا،
پر سي بہ جُدا ٽي ويا، جي هانءُ ڇڇڻ جهڙا.

غزل

غزل

تون حڪم تہ ڏي ڪيمان سِر قربان ڪلندي ڪلندي،
اسان ڪوڙ ڪائي ڇڏيا، نقصان ڪلندي ڪلندي.

پيئندو ڪڏهن بہ ناهيان، هَن پر اکين سان آچيو،
مومن جو ائين لڙهي ويو، ايمان ڪلندي ڪلندي.

ڪِل پَل منهنجي رکڻ تي، پر سوچ ڪر سيَاڻي،
ڪڏهن روئي پوندو آهي، انسان ڪلندي ڪلندي.

مون ڪان منهنجي صبر جي ڪهڙي پُڇين حقيقت،
پاڻ ٿي ڪٺا مون پنهنجا اُرمان ڪلندي ڪلندي.

مان ڇا ڪيان ڏہائي مون ڪان رُنو نٿو ٿئي،
شل، تي وڃي دنيا مان گذران ڪلندي ڪلندي.

غزل

اجنبي زندگي تو سوا،
اوپري، اوپري، هر خوشي تو سوا.

بيقراري رهي ٿي رهي دل مٿان،
خوش گذاري نہ هڪڙي گهڙي تو سوا.

تون جي گڏ هُئين تہ احساس ٿي ڪونہ هو،
ٿيندي ايڏي حياتي ڏکي تو سوا.

ساڻ تنهنجي تتل ڏينهن پي ٿي وڻيو،
اڄ ٿيو ڇانورو، ڏر تتي تو سوا.

توڙي مون کي مُيسر آ هر چيز پر،
نا مڪمل حياتي لڳي تو سوا.

زندگي نيٺ گذري تہ ويندي مٺا،
پر ائين جيئڻ ماني، ڦِڪي تو سوا.

هر جڳهہ، هر وقت مان ڏہائي مهر،
ڪا نہ رب ڪان دُعا، پي گهري تو سوا.

نالو: زاهد علي سومرو
ادبي نالو: زاهد سومرو
جنم تاريخ: 15، مارچ 1963ع
لکڻ جي شروعات: 1981ع
تعليم: بي اي، ايل ايل. بي،
ڪرت: سرڪاري ملازم
اڻ ڇھيل: ڪيتري ئي شاعري.
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه/ملير لٽرري اڪيڊمي نواب شاهه.
ڏس پتو: A/1250 غريب آباد نواب شاهه، فون: 0241-63319

غزل

ڏور رهي پل منزل ماڻ،
مان تہ جيان ٿو تنهنجي ڪاڻ!

تون رسي وئين ڇا ٿي پيو،
آءُ نہ ڪيندس تنهنجي ڪاڻ.

ايڏو ڏور وڃين ٿو ڇو؟
آءُ تہ ڪريون روح رهاڻ!

پنهنجا جذبا هڪ جهڙا،
پوءِ بہ واٽون ڇا جي ڪاڻ.

زاهد پنهنجو حال ڏسي،
تو وٽ آيو پاٿهي پاڻ.

غزل

تو ڪيو نروار هو يا، مـون چيئـ نروار ڪر،
تو ڪيو اقـرار هو يا مـون چيئـ اقـرار ڪر.

پيار ڪيو تو پاڻ هو يا مـون چيئـ تون پيار ڪر،
توئي چيو هو، تنهنجو آهيان، يا مون چيئـ اظهار ڪر.

ڏوهه مون ڏي ٿو ڪرين، منهنجا مٺا ڪجهه خوف ڪر!
تو ڪيو تڪرار هو يا مـون چيئـ تڪرار ڪر!

مـون چيو توکي هيـو، آ نينهن جي منزل ڏکي،
تو چيو تاريخ جي ورقن کي وچ هوشيـار ڪر.

جو ٿـو فـتـوائون ڏي تبون مـون تي، زاهد ايتـريون،
بس پڙو سـيني هائي وڏ نـ تون بيـزار ڪر.

2

غزل

قـيد ڪٽن ٿـا يار سچارَ،
ملڪ تي مـڙهجي رايا مـردار.

اڄان نـ تو آ سمجهيو ساٿي،
ڪيـر سـڄڻ ۽ ڪيـر غدار.

سوچي سمجهي پيار ڪجان تون،
پيـار تي پهـرا آهن يار.

پنهنجي ٻولي، پيـاري ٻولي،
تنهن سـان آهي پنهنجو پيـار.

زاهد زنـده جيـسين آهين،
هـجي هـر دم وائـي وار.

غزل

تنهنجو ظالم ظلم نہ هلندو،
ماڳ اسان کي ضرور ملندو.

ڀل ڪر سئو سئو وار اسان تي،
لاش اسان جو سوليءَ جھُلندو.

لڳل زبان تي آهي تالو،
هل هنگامن سان ئي کُلندو.

ديس هي پنهنجو، پنهنجو رهندو،
ڌاريو آخر ڌاريو رهندو.

سچ سنڌي اڄ راهہ ملي وئي،
زاهد هاڻي ڪڏهن نہ ڀُلندو.

وائي

پيار ڀريو آ چهرو تنهنجو،
اکيون ڪجليون ڪاريون،
گھاوَ ڏين تلواريون

نيڻ ملائي ڏس تون مون سان،
گڏجي جيون گهاريون،،
گھاوَ ڏين تلواريون

ياد پون ٿيون چانڊوڪيءَ جون،
راتيون پياريون پياريون،،
گھاوَ ڏين تلواريون

اڄان تہ آهن ڪيئي قيدي،
ڪوٽن منجهہ ڪنواريون،
گھاوَ ڏين تلواريون

زاهد قيامت ڪڙڪي جيسين،
آءٌ تہ هارڻ هاريون،
گھاوَ ڏين تلواريون

نالو: محمد عابد مگسي
ادبي نالو: عابد مگسي
جنم جي تاريخ: 19، جون 1959ع
لکڻ جي شروعات: 1993ع
تعليم: انٽر،
ڪرت: پرائمري استاد.
ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڪوڙ شاعري
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نوابشاه سنڌ
ڏس پتو: گورنمينٽ پرائمري اسڪول غلام حيدر شاه ڪالوني نواب شاه

غزل

راهہ تي تون جي ايندين هلي،
ماڳ پنهنجي ڪيل ڪي ويندو ملي.

پيار مون جهڙو نہ ملندئي ڪٿان،
توکي ڪيڏو کو چاهي پلي.

ياد جي درد بي چين ڪيو،
پيار ڪان دل نہ پنهنجي پلي.

واءُ تي زلف تنهنجا ڇهان،
هير جيان مان صبح جو گهلي.

شام سنگيت بڻجي وئي،
هوءَ جهڪائي نظر جو ڪلي.

*

ملڻ جو مرڪي فضا سموري بهار تي وئي،
نهار ساڳي وري اسان لئہ خمار تي وئي.

رچي مهڪ ياد جي وئي آ وجود اندر،
هُري رهي آ هانوَ تي جا سار تي وئي.

سوين ڏوراپا هئا نظر هڪ ڪئين پرين جو،
پيار واري نهار ڇو اڄ ميار تي وئي؟

پيار جو سلسلو ٽٽل هو وري جڙي پيو،
ملي حياتي نئين وڏي آ ڄمار تي وئي.

پيار ماضي تيو دفن هن پر درد پنهنجا،
تيا مجاور خواب دل هي مزار تي وئي.

تنهنجي غم جو نشو نيڻن ۾ رچي ويو آهي.
هاڻ بيچين دل کي چين اچي ويو آهي.

تو نہ چاتو تہ جدائي جي درد ۾ ڪيئن،
ياد توکي ڪندي ڪوئي پڇي ويو آهي.

پيار تنهنجو آهي ورنہ جهان ۾ جيئڻ ڪان،
هاڻ هي روح ڪچي هاء، سچي ويو آهي.

مان تہ تنهنجي ڳليءَ مان نيٺ هليو ويندس پر،
منهنجي ديوانگيءَ جو شور مچي ويو آهي.

ياد تنهنجيءَ جو سمنڊ پل بہ نہ ٿو مانو ٿئي،
درد ۾ لڙهندي پي "عابد" بچي ويو آهي.

غزل

تورڙي اَج پنهنجي اُجهائي ڇڏيان،
آءَ توکي اکين ۾ سمائي ڇڏيان.

تنهنجي نيڻن ۾ مون آ خدا کي ڏٺو،
تنهنجي سجدي ۾ اکيون جهڪائي ڇڏيان.

توکي هر پل تلاشي تلاشي، پرين،
ڪاش مان پاڻ کي ائين وڃائي ڇڏيان.

دل ڏياري جي ڏيئي جيان، تنهنجي لئہ،
تيل ڳوڙها ڪري مان جلائي ڇڏيان.

زندگي هيءَ آهي الئي ڪيتري؟
پيار جاڳيت عابد مان ڳائي ڇڏيان.

غزل

غزل

تنهنجي پيار جي تي جي پريات پوندي.
ڪٿي منهنجي غم جي پرين رات پوندي.

لهي سور دل جا سيئي پل ۾ ويندا،
اوهان سان اگر تي ملاقات پوندي.

تون هيڪر هلي آءُ دل جي اڱڻ تي،
ڏکن جي حياتيءَ ۾ تي مات پوندي.

يقين پورو آ پنهنجي محبت تي مونکي،
ڪڏهن بيوفا تي نه تنهنجي ذات پوندي.

هي دل مرڪ تنهنجي جو مرهم تي چاهي،
ڪڏهن تنهنجي مرڪن جي برسات پوندي.



نالو: محمد اسلم پنهيرو

ادبي نالو: مقبول پنهيرو

جنم تاريخ: 6 مئي 1968ع

لکڻ جي شروعات: 1989ع

تعليم: بي ايس سي، ايم اي، ايم ايڊ

ڪرت: هاءِ اسڪول ٽيچر.

اڻ ڇپيل: ڪوڙ ساري شاعري

تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت شاخ نواب شاهه.

ڏس پتو: (١) گهر نمبر 4 دولت ڪالوني نواب شاهه فون: 64061

(2) گورنمينٽ هاءِ اسڪول لائن پار، پراڻو نواب شاهه فون: 61310

غزل

آئي سپرينءَ سارَ اسانکي،
ڪالهه ڪيو جنهن ڏار اسانکي.

ڪيئن وساري ويٺو آهي،
ويڙهي ويا ويچار اسان کي.

ساهن منجهه سمايل آهيو،
چو ٿا سمجهو؟ ڌار اسان کي.

ڪڏهن تہ ويندا ڏينهن خزان جا،
ايندي راس بهار اسان کي.

محفل ۾ بس گهرجي مئڙا،
تنهنجي نيڻ نهار اسان کي.

پاتي شايد پايل تو آ،
موهيو آ جهنڪار اسان کي.

روز پيو "مقبول" پڪاري،
ورنايوهڪ وار اسان کي.

آزاد نظم
”حادثو“

اڄ جو توکي ڏٺم
اوچتو اي سڄڻ !
منهنجي اکڙين ۾ ڪيئن لڙڪ اٽڪي پيا،
سڀ زمانا وري دل تي اُکري پيا.
ڌار ٿيندا نه هئاسين،
ڪا هڪڙي گهڙي !
ٽهڪ ڏيندو هئين، مان به کلندو هئس !
لڙڪ لاڙيا جي تو مان به روئندو هئس !
”گڏ جيئڻو اسان کي ۽ مرڻو به آ“
وچن تو هٺا ڪيا،
وچن مون هٺا ڪيا،
مان نه راتيون هئس ڪاريون ڪاريون
چنڊ مون لاءِ چوڏهينءَ جو هئين تون سڄڻ !
پوءِ زماني جي ريتن جي ها ور چڙهي،
ڌار تون ٿي وئين !
ڌار مان ٿي ويس !
ڏور مون کان ٿي وئين،
هاءِ ! اڪيلو ٿيس !
منهنجون سوچون ۽ جذبا پيي پور ٿيا،
ڄڻ نه واريءَ سندا سمنڊ تي گهر هيا.
وير اهڙي وري !
سيئي لوڙهي وئي !
مونکي پوري وئي !
جيءُ جهوري وئي !
ها انهيءَ حاثي کي ڪيئن سال ٿيا !
ها انهيءَ حادثي کي ڪيئن سال ٿيا !
اڄ جو توکي ڏٺم !
اوچتو اي سڄڻ !
منهنجي اکڙين ۾ ڪيئن لڙڪ اٽڪي پيا !
سي زمانا وري دل تي اُکري پيا........!
سي زمانا وري دل تي اُکري پيا....!

ساهن منجهہ سمايل سائين! چاچي لاءِ پلايو اٿئي !
ڪهڙو ديس وسايو اٿئي؟

ڪندا ناهيان راهن جا جو، مونکان پاند ڇڏايو اٿئي!
ڪهڙو ديس وسايو اٿئي؟

يادن منجهہ اچين ٿو روز، دل جو درد وڌايو اٿئي
ڪهڙو ديس وسايو اٿئي؟

وائي

دل ڌرتي ٿي ٿاندا وٺي آ، اهڙو جيءُ جلايو اٿئي،
ڪهڙو ديس وسايو اٿئي؟

صلو پيار جو سُنو مليو آ، راهن منجهہ رلايو اٿئي
ڪهڙو ديس وسايو اٿئي؟

نينهن کي سمجهي ناٽڪ وينين، ڪنهن تہ اهو سمجهايو اٿئي
ڪهڙو ديس وسايو اٿئي؟

چاڻ تہ رات ڪٽي !
ٿيندو ٿيندو سوجهرو !

پهتا آهيون پرھ تي، هلبو ڪيئن هٽي !
ٿيندو ٿيندو سوجهرو !

ايندي نيٺ بهارءِ، پوندا گلَ ڦٽي،
ٿيندو ٿيندو سوجهرو !

وائي

تن سان هاڻ حساب آ، ڌرتي جن بہ لٽي،
ٿيندو ٿيندو سوجهرو !

ڪيسين سهندي سُورَ الا ! پوندي سند اٽي
ٿيندو ٿيندو سوجهرو !

جوڙ آٽي "مقبول" تون، جا،جا دل ٽٽي
ـ ٿيندو ٿيندو سوجهرو !
مومل پل واجهاءِ ! راٺو چاڻ تہ ورٺو آ !
راٺو چاڻ تہ ورٺو آ !

هنڌن، رندن، پنڌن تان تون، ڪوڙين ڪانگ اُڏاءِ !
راڻو چاڻ تہ ورڻو آ !

ساريون ساريون راتيون جاڳي،جڳ سڄو جاڳاءِ!
راڻو چاڻ تہ ورڻو آ !

نڪر پتر جا ڏينا ڇا هن؟ پنهنجو جيءُ جلاءِ !
راڻو چاڻ تہ ورڻو آ !

وائي

ڪاڪ ڪناري وات نهاري، ڳاءِ سريلو ڳاءِ !
راڻو چاڻ تہ ورڻو آ !

ساري جڳ جي خوشبو ميڙي، ڪاڪ سڄي مهڪاءِ !
راڻو چاڻ تہ ورڻو آ !

راڻو توکان رات رُٺو ڇو، تون ئي سچ ٻڌاءِ!
راڻو چاڻ تہ ورڻو آ !

نالو: هدايت علي ڪوڪر

ادبي نالو: هدايت ڪوڪر

جنم تاريخ: 11، مئي 1981ع

لکڻ جي شروعات: 1995ع کان

تعليم: انٽر.

ڪرت: درزي

پسند/ناپسند: ڪوڙ شاعري

تنظيم سان وابستگي: ميمبر سنڌي ادبي سنگت شاخ نواب شاھ

ڏس پتو: سنسيشن ٽيلرنگ نزد شفيق ميڊيڪيئر سينٽر ، غريب آباد نواب شاھ سنڌ.

غزل

جوش، جذبو، ولولو پيدا ڪجي!
پاڻ ۾ پر حوصلو، پيدا ڪجي!

جو جيئون چُپ ۾ مرون خاموش ٿي،
زندگيءَ ۾ زلزلو، پيدا ڪجي!

وقت کي روڪيو، ڪٿي آ مون ڇيو!
وقت ۾ پر ٽرٽلو، پيدا ڪجي!

پنهنجي زندھ رهڻ جو ڏيو ڪو ثبوت،
موت جو چو معاملو، پيدا ڪجي!

نيٺ منزل تي به، پُهچو آ مگر،
قربتن جو قافلو، پيدا ڪجي!

اچ وساري سُور سارا اچ کِلون،
چاھ ڪوئي چلولو، پيدا ڪجي!

چئوسٽا

چاهه تنهنجو چاندني جهڙو لڳو،
سچ تہ مونکي زندگي جهڙو لڳو،
پيار تنهنجي ڪانسواءِ پاڻ، پنهنجو،
مونکي آ ڪنهن اجنبي جهڙو لڳو.

*

شاعري جو سچ اُيريو آ يتائي
پوءِ سچل، شيام، سامي ۽ بخاري،
سنڌ کي آ ناز توتي اي "اياز"
ڪِٿ اُجهائي لاٽ جيڪا تو آ ٻاري!

*

بيوفائي بيوفا تنهنجي،
پسڻ لئہ التجا منهنجي.
الائي تون ڪڏهن ايندين!
حياتي بي بقا منهنجي.

*

وفائون ڪريان ٿو جفا هو بہ ڏي ٿو،
وفائن جي بدلي وفا لازمي تہ ناهي!
پرين کي پسڻ لئہ دعائون گهران ٿو،
اگهامي وڃي ڪا دُعا لازمي تہ ناهي!

*

سوچون ساريون ساڙي ڇڏجان،
منهنجا خط بہ ڦاڙي ڇڏجان.
جيڪر ياد اچان مان توکي،
لڙڪ اکين مان لاڙي ڇڏجان.

غزل

رات اڪيلي، سُرمئي يادون.
سونهن سهيلي، سُرمئي يادون.

ڪيڏو تنها آهيان توبن،
دل درديلي، سُرمئي يادون.

حسن گلابي، عشق ڪشوري،
چاهه چنبيلي، سُرمئي يادون.

تنهنجي يار جدائي ۾ ٿو،
تڙپان ڊيلي، سُرمئي يادون.

چنڊ ۽ تارن جي وچ ۾،
راهه رنگيلي، سُرمئي يادون.

تون ڇو آئي آهين موڏي؟
ياد اويلي، سُرمئي يادون.

پيار حجابي منهنجو هڪ پيو،
هوءَ شرميلي، سُرمئي يادون.

ٽيڙو

ڏوري جو احساس،
ويو آ ڪائي اڏوهي وانگي،
منهنجو سارو ماس.

وقت خوشي ۽ ساٿي،
ڪن پل جا مهمان اٿئي،
ٿوري هاء حياتي!

سور ڏئي تڙپاء نہ تون،
عيد ملي آ غيرن سان پل،
مونکي سيني لاء نہ تون.

چانڊوڪي ۾ چُور،
چاهي ٿو ڪو چنڊ کي،
توڙي جو آ ڏُور.

زندگي آ ساز ڪوئي،
سڀ لڳيون اُجهيل تندون،
مون وڄايو آهي روئي.

سوچون آهون سڏ ڪا،
سوچيندي ٿي رات وڪوڙي،
مونکي ويا سئو اُلڪا.

سياري جي آ رات،
تنهنجي آهہ وڇوڙي اربي،
سُورن جي سوغات.

چاهہ چرچو ناهي ڪو،
عشق آ آفت وڏي،
تون ٿئين اڻڄاڻ ڇو؟

نالو: محمد صديق مڱسي
ادبي نالو: صديق بسمل
جنم تاريخ: 1، ڊسمبر 1961ع
لکڻ جي شروعات: 1982ع
تعليم: ايم.اي (پوليٽيڪل سائنس)
ڪرت: فوڊ انسپيڪٽر (زميندار)
اڻ ڇپيل: ڪوڙ سارو مواد
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه
ڏس پتو: ڳوٺ غلام علي خان مڱسي ديهه 29 داد نواب شاهه سنڌ

غزل

نازڪ مزاج دلبر آ، پٿر جو ٿي پيو،
هاءِ! وفا جو پيڪر آ، پٿر جوٿي پيو.

اک مان ڪا بوند ٽپڪي هاٿي پلا ڪتان،
پاٿي سندو هي گهر آ، پٿر جو ٿي پيو.

بي سود عاجزي پي منهنجي لڳي پئي،
محبوب جو جگر آ، پٿر جو ٿي پيو.

فرياد جي صدا ٿي گونجي گلي گلي ۾،
شايد سڄو شهر آ، پٿر جو ٿي پيو.

ماڻهن جي ميڙ ۾ تو ناراض ٿي هنيو جو،
آن قول جو اثر آ، پٿر جو ٿي پيو.

جنهن ديس ۾ پيار هر پل ٿي اڻ ميو مليو،
اڄ چو اهو نگر آ، پٿر جو ٿي پيو.

منهنجي مزار جو اڄ ڪتبو ڏسي چيائين،
"بسمل" جو هي حشر آ، پٿر جو ٿي پيو.

غزل

ڏهاڙي اوهانکي، ڏسڻ دل گهري ٿي،
۽ پاڙي اوهانجي، وسڻ، دل گهري ٿي.

نرم ٻانهن تي ڪو پهر ڏيڻ پيارا،
سڪي ننڊ ساڳي سمهڻ، دل گهري ٿي.

مچائي ويچوڙو حياتي ۾ هلچل،
تڏهن تنهنجي ويجهو اچڻ، دل گهري ٿي.

مزو لار ماڪي منجهان ڪين ايندو،
تڏهن چپ تنهنجا چمڻ، دل گهري ٿي.

نگاهون ڪٺو پر اسان ڏي سنياڻي،
وڏي حادثي کان بچڻ، دل گهري ٿي.

ٻاڪر ۾ "بسمل" اوهانجي جواني
اڻين زندگاني ڪٽڻ دل گهري ٿي.

غزل

وئي شام الڙي پر هي رات ڪير روڪي.
طوفان جان اٿي، ٿي سا تات ڪير روڪي.

چو ڳالهه تون ننڍي کي ايڏو وزن وڌائي،
پوندو رُسي جي آهين جذبات ڪير روڪي.

تون جي خفا رهين پو آرام آ نه ممڪن،
دردن جي آ کٽي ٿي بارات ڪير روڪي.

سانوڻ سمورو آ مون اوتي وڏو اکين ۾،
تنهنجي فيراق ۾ پو برسات ڪير روڪي.

آهن اداس شامون منهنجي حصي ۾ آيون،
منهنجي خوشي جا ويڙهو حالات ڪير روڪي؟

پيو درد کائي دل جون پاڙون اڏوهي وانگر،
جيون وڃي ٿو ڳرندو، فڪرات ڪير روڪي.

"بسمل" ٿيو تونگر دل دان ۾ ڏني جنهن،
ٿئي حسن جي سوالي خيرات ڪير روڪي.

غزل

مان تنهنجي باري ويهان ٿو سوچڻ،
دماغ جون ڇڻ رڳون ٿيون ڦاٽن.

جڏهن اوهانجي شهر اچڻ ٿئي،
روح ڪائي سٽون ملڻ لئي.

ٻڌي ٿي دل، دم لڳي ٿو گهٽجڻ،
دماغ جون ڇڻ رڳون ٿيون ڦاٽن.

وڌي وڃي ٿي اداسي اڻ ٿڻ
دماغ جون ڇڻ رڳون ٿيون ڦاٽن.

مون زور لاتو آ نهن ڇوڻي جو،
مگر ملايو خدا نه شايد.

توسان ٻڪجڻ حادثو هو،
يا توکان وڇڙڻ حادثو ڇئون،

ڏبي ها ڌرتي ٿئي ما گڏجڻ،
دماغ جون ڇڻ رڳون ٿيون ڦاٽن.

ٻنهي تي سوچڻ آ پاڻ ساڙڻ.
دماغ جون ڇڻ رڳون ٿيون ڦاٽن.

ڪو چنڊ چهرو هيو ٻکن ۾،
سو وقت نڪري ويو هٿن مان.

وڃي پيو هي سال مٽيو،
نه خيال مٽيو ۽ نه خال گهٽيو.

سي ڏينهن ساري اچي ٿو روئڻ
دماغ جون ڇڻ رڳون ٿيون ڦاٽن.

نه ٿي ته دل جو گهٽيو آ تڙپڻ،
دماغ جون ڇڻ رڳون ٿيون ڦاٽن.

اٿن ٿا اڏمان اندر مان امڙا،
خير ماريان يا پاڻ ماريان.

مڙئي جيئون پيا ڪري ته تل سل،
اچي جي سر تي ويو آ بسمل.

پئي ته ڪلهه ۾ وڏيڪ جيئڻ،
دماغ جون ڇڻ رڳون ٿيون ڦاٽن.

زندگي جو عذاب ڀوڳڻ،
دماغ جون ڇڻ رڳون ٿيون ڦاٽن.

ڪافي

قـــاتل نگاهه تنهنجي ڪيـــڏا اثر رکي ٿي.
دل دام ۾ ڪرڻ جا جملي هنر رکي ٿي.

ها نانگ جو ڏنگيل ٻي اکثر بچي پوي ٿـو،
جنهن تي نگاهه پيرين ٿي سو روئي پوي ٿو.
اثرات ديد تنهنجي اهڙا مـــضـــر رکي ٿي.

آ سيني اکين جو محور تنهنجو حسين چهرو،
نڪرين پلا ڇو گهر مان بنجي ايڏو اُڀرو،
هر هر حـــريص دنيـــا توتي نظر رکي ٿي.

هن سونهن جو نه "بسمل" ڪنهن رنگ ڇهه ماپيو،
۽ نـــاهڻ وارو الائي نـــاهي اڃان به ڇاپيـــو،
پر سونهن تنهنجي ساجن ڪل ڪان ڪثر رکي ٿي.



نالو: سخاوت علي ٽُنڊ
ادبي نالو: سخاوت "سخي"
جنم تاريخ: 2، مارچ 1973ع
لکڻ جي شروعات: 1989ع
تعليم. بي. اي.
ڪرت: پرائمري استاد
چيڙ/اڻ چيڙ: ڪوڙ شاعري
تنظيم سان وابستگي:
ڏس پتو: "ٽُنڊ هائوس" 4/164-557
حُسيني روڊ نواب شاهه،
فون: 0241-60742

غزل

آسون سڀ اُتپوريون آهن،
ايڏيون ڇو مجبوريون آهن.

ڪيئن وساريئه ڳالهيون مون جي؟ !
دل جون ترسنان اوريون آهن.

ڪوڙ ڪروڙ تي واهه واهه آهي،
سچ لئه هِت ڇو سُوريون آهن.

ڪائڻ لئه ڪِت دائو ناهي،
هاريل ڪِٽ ڪِٽ ٻُوريون آهن.

پيار بنايو بيوس پُتلو،
تو هٿ ساريون ڏوريون آهن.

آهه سخاوت سڪ لڳي آ،
جوين راتيون توريون آهن.

غزل

ملي نہ محبت عذاب مليا،
تنل سمورا خواب مليا.

پيار جو ڪو پنو نہ مليو،
ڏکن جا ڪيئي ڪتاب مليا.

حصي ۾ منهنجي ڪنڊا ڏنائين،
سدا ٻين کي گلاب مليا.

اسان کي آسون ڳلي لڳڻ جون،
ڪري هو ويتر حجاب مليا.

اهو پلا ڇا ديدار ڇُٻبو،
ڏٺي جومنهن تي نقاب مليا.

سوال منهنجي تہ زندگيءَ جو،
مري وڃڻ جا جواب مليا.

سخي تہ چريو ديوانو پاڳل،
نہ پُڇ تہ ڪهڙا خطاب مليا.

غزل

سڄي پيو تو پاڳل ماڻهو،
تنهنجي سُونهن جو سائل ماڻهو.

تنهنجا خط ۽ فوٽو تحفا،
سيني سان آ لاتل ماڻهو.

توبن ايئن پيو ڳوڙها ڳاڙي،
بريل جيئن ڪو بادل ماڻهو.

آهون ٿي تہ پريندو هوندو،
تنهنجي گهور جو گهايل ماڻهو.

سپناڪنهن جا ٽوڙين ڇو ٿو؟ !
احساسن جا قاتل ماڻهو.

ڪيڏو ڪن تا ويل خدايا !
ڪهڙا تنهنجا ناهيل ماڻهو.

ناحق جيڪي قهر پيا ڪن،
سي ڪيئن ٿيا عادل ماڻهو.

توسان ساري دنيا آهي،
مان هان هيڪل وياڪل ماڻهو.

اڄ تہ سخاوت ڪرڪا ساجن!
آس ڪٿي مان آيل ماڻهو.

غزل

ڏاڍا پيـــــــاڳن وارا آهـن،
جيـــڪي توکي پيـــارا آهن.

توبن منهنجي من جا ساجن،
ويران، سُنسَـــــان، ڇارا آهن.

ساري رات سنيارون سڏ ڪا،
شـــاهد، چنڊ، ســتـــارا آهن.

نينهن نڊين جا توريءَ ساجن،
بند ٽٽي پيـــــا ســـارا آهن.

تــڪجي پيـا پر آئين نـہ تون،
راهه تــڪـــينـدي تـارا آهن.

پيـار پرين اڄ جامِ محـبت،
چپ هي مـنـهـنـجا اُڃارا آهـن.

ڪنهن سان سلجن سور پرين،
مــاڻهـو مـحـبت مــارا آهـن.

آءُ ســـــخيءَ ڏي هاڻ تـہ آ،
آءُ اڄڻ جا وارا آهـــــــــن.

غزل

نـانءُ تـنـهنجي هي زندگي آهي،
ڇا ڪيـان توسـان دل لڳي آهي.

تنهنجي پوڄا ثواب تو سمجهان،
مــون ڪئي تنهنجي بندگي آهي.

مونکي سنڌڙيءَ جيان سا پياري آ،
تنهنجي گهرجي جيڪا ڳلي آهي.

تورو نادان مان ۽ ڪجهه تنهنجي،
قـوم جوانيءَ جي هي هَشي آهي.

پاڻ ايندين پرين، اڃان تو ڏي؟ !
جيئن مناسب لڳي صحيح آهي.

جڻ تـہ صديون ڪئي سال تي آئي،
رات تـو بن جا مـــون ڪٽي آهي.

اي ســـتـــــارو پڌائجو هُن کي،
رات ڏاڍو رنُو ســـــخي آهي.

نالو: غلام حسن شاهاڻي
ادبي نالو: حسرت شاهاڻي
جنم تاريخ: 1، اپريل 1970ع
لکڻ جي شروعات: مارچ 1995
تعليم: ايم. اي (ايڪنامڪس)
ڪرت: سرڪاري ملازم
چيڀل/اڻ چيڀل: ڪوڙ شاعري
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه.
ڏس پتو: حسرت شاهاڻي پوسٽ آفيس چڪ نمبر 3 سهيلو تعلقو و ضلعو نواب شاهه سنڌ

نظم

توسان ٺاهه نه هاڻي ٿيندو

پاڻي ڏي تون پاڻي ڏي تون
اڄ جو اڄ ۽ هاڻي ڏي تون.

پاڻي پاڻي پاڻي ٿيندو،
توسان ٺاهه نه هاڻي ٿيندو
چاهي چاڙهي ٽاڻي ڏي تون.

حق آ پنهنجو وٺنداسين،
بندوق ڪهاڙي ڪنداسين،
توڙي کهلي کهاڻي ڏي تون.

ڇڏ جابر جهيڙا جهيڙي ڪي،
ڏي پاڻي پورو ويڙهي ڪي،
توهر پوهر لاڻي ڏي تون.

پاڻي ڏي تون پاڻي ڏي تون،
اڄ جو اڄ ۽ هاڻي ڏي تون.

وائي

من سنڌ ساريءَ ۾،
تون روشني آهين.

ٿو چنڊ ڏيان نالو،
رات ڪاريءَ ۾،
تون روشني آهين.

ڇڻ گل گلابي آ،
ٿر جي واريءَ ۾،
تون روشني آهين.

هر پل حياتي جي،
يادگاريءَ ۾،
تون روشني آهين.

حسرت ڏسان ٿو مان،
سنگت ساريءَ،
تون روشني آهين.

غزل

آ سَور منهنجي شاعري،
آ پُور منهنجي شاعري.

پيو ڇا ڏسيان مان دوستو،
آ گهور منهنجي شاعري.

اي ڪاش تون سمجهي سگهين،
آ نور منهنجي شاعري.

موسيٰ نہ ٻڌي مان سگهيس،
آ طور منهنجي شاعري.

ڪهڙي ڪٿا ڪاتب ڪندين،
آ دور منهنجي شاعري.

حسرت نہ جنت جي رهي،
آ حور منهنجي شاعري.

Soorih Mirani

غزل

آس پــــاس ۾ تــــون آهــين،
وشــــــواس ۾ تون آهين.

چنڊ دنيــــا ســــاريءَ جو،
آڪـــــاس ۾ تــــون آهــين.

ڪٿ ظاهر، ڪٿ باطن،
بــــنـــواس ۾ تــــون آهــين.

تون مـــــاڪي، مکڻ ســــان
هــــر چاس ۾ تــــون آهــين.

پيو "حسرت" ڏسجي ٿو،
عــــــام خاص ۾ تون آهين.

غزل

ڪُوڙا ســــــارا رشــــتـــا آهن،
مــــاڻهــو دل شــڪــســتــا آهن.

وشواس نہ ڪيڏو ماريو ويو آ،
روڳ اســـــانجا رشــــتـــا آهن.

پوءِ بہ الٹِ جو گهر گهر جهيڙا،
ڳالهيون سڀ گذشتہ آهن.

ايئن نہ "حسرت" آدم سارو،
مــــاڻهـو ڪي تہ فرشــتـا آهن.



نالو: سڪندر آفتاب خضر
ادبي نالو: پريتم قاضي
جنم تاريخ: 18 ڊسمبر 1974ع
لکڻ جي شروعات: اپريل 1988ع
تعليم: بي.اي (سِول)،
ڪرت: درس و تدريس
اڻ ڇپيل: ڪوڙ ساري شاعري
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه
ڏس پتو: سڪندر آرٽ گئلري ھائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه

غزل

اڻ وڻيو اظهار، ظاهر ٿي پيو،
پيار جو ميار، ظاهر ٿي پيو.

پيار تہ پوڄڻ لاءِ هوندو آهي پر،
پيار جو پر ڪار، ظاهر ٿي پيو.

ڪنهن ڪي پرکڻ آ ڏکيو، ڪيڏو ڏکيو!
سونهن جو سنسار، ظاهر ٿي پيو.

لوڪ جي آڏو ڏسو هي دوستو!
صاحبِ ڪردار، ظاهر ٿي پيو.

بيهہ تي سنڌ ڪا پري پٽي سويا،
وحشتن جو وار، ظاهر ٿي پيو.

ڪنهن کي ارپيان پنهنجو جيون دوستو!
پٿرن جو پيار، ظاهر ٿي پيو.

ڪالهہ پريتم جي هيو دل جو ڏٺي،
اڄ اهو دلدار ظاهر ٿي پيو

غزل

سياري جون ڪجهہ سرد هوائون،
ڪيڏيون سي بي درد هوائون.

موسم پيني برساتي پر،
پکيڙن ٿيون ڇو گرد هوائون.

ڪاشيگر جي رنگن وانگي،
ڳاڙهيون،نيريون، زرد هوائون.

حُسن هميشہ ناهي رهندو،
آڌري ويندون جلد هوائون.

تو ۾ آئون سمايل آهيان،
ويري ٿيون ڇوگرد هوائون.

محبت ڪڏهن جهڪي ناهي،
پل تہ گهلن پُر درد هوائون.

پريتم پيار امر رهندو آ،
ڪيڏيون رهنديون ورد هوائون.

غزل

چنڊ ٿو تڪيان پيو،
روز ٿو سوچان پيو.

گر ٿي ڪاڏي وڃين؟
توکي ٿو ساريان پيو.

رات ڏاڍي آ وڏي،
تو کي ٿو ساريان پيو.

توکي ڏاڍو چاهيو ٿم،
اڄ بہ ٿي چاهيان پيو.

شايد، دل جي ڪُنڊ ۾،
مان ڪٿي آهيان پيو.

مان اڪيلو رڻ منجهہ،
پاڻ کي روليان پيو.

گيت جي اٿپور اسي،
تو سوا جوڙيان پيو.

غزل

سور سهندو رهان،
پو به جيئندو رهان.

باهه غم جي ٻري،
مان تو جلندو رهان.

انتظاريون ڪٽي،
دل ۾ ڏکندو رهان.

درد، فرقت ۽ غم،
ساڻ هلندو رهان.

پيار تنهنجو امر،
پريت پُڄندو رهان.

دور تو کان رهي،
آءُ لڇندو رهان.

گيت پريتم لکي،
توڏي مُجهندو رهان.

غزل

زهر غمن جو پيئڻو پوندو،
تو بن ساجن جيئڻو پوندو.

گهايل آهيان آئون گهڻو پر،
گهاءُ اڃان پيي سهڻو پوندو.

توسان وابسته يادن کي،
ذهن تان ڪرچي ڪڍڻو پوندو.

خوشبو، سونهن، سچائي سنڌڙي!
سچ پچ، سجدو ڪرڻو پوندو.

تنهنجو پيارو، پيارو نانءُ،
ورد بڻائي وڻڻو پوندو.

يَدَ مسچائڻ خاطر پريتم،
هر هر توکي اچڻو پوندو.



نالو: ارشاد علي چانڊيو

ادبي نالو: ارشاد علي

جنم تاريخ: 1-11-1977

لکڻ جي شروعات: 1992ع

تعليم: انٽر

ڪرت: شاگرد

ڇپيل ڪتاب: ذڪر محمد صلي الله عليه وسلم (نعت تي)

تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت شاخ نواب شاهه.

ڏس پتو: شاليمار ڊرائي ڪلينرز سوسائٽي چونڪ نوابشاهه

غزل

جوانـــي ڇٽـــي رهـــي آهـــي،
ڪـڻ ڪـڻ وسـي رهـي آهـي!

هـوءَ زلـف پـٽـي سـنـواري،
هـن هـٿ ڦـٽـي رهـي آهـي!

اڄ ڇو سـڄي هيءَ دنـيـا،
مــونـڪـي وٽـي رهـي آهـي!

تنهنجي حسـن تي ڏس هيءَ،
شــاعــري بٽي رهـي آهـي!

ڪيچ تي مـنـڪـي بدران،
هيءَ دلـو ڪـٽـي رهـي آهـي!

مـونـسـان وفـا ڪـرڻ لـئـہ،
دل هـوءَ هـٽـي رهـي آهـي!

غزل

هيءَ اڪيلائي متان ماري وجهي،
درد تنهائي متان ماري وجهي!

ڏپ ٿئي ٿو مونکي منڙي ماءُ جي،
هيءَ جدائي متان ماري وجهي!

ديس پنهنجو آ مگر ڌارين سندي،
ياد ٻيائي متان ماري وجهي!

سادگي ۾ ڪهار ڏاڍو آ سنو،
توکي وڏائي متان ماري وجهي!

خوبصورت ٿي لڳي "ارشاد" جا،
چوڪري سائي متان ماري وجهي!

غزل

مرڪ تنهنجي مني مونکي ڏاڍو وڻي،
هاءِ! روح ۾ رچي هاءِ! رڳ ۾ رچي!

سونهن توکي ڏنيءَ سرس آهي ڏني،
ٻي وري چيلهه چوڪي ٻه آهي سنهي !

پيار پوتر گهٽو آهي بارش جيان،
پاءِ پايل مني تورو ڏس تون نچي !

پنهنجي ڪوتا لکي گنگنائي پيو،
عڪس هر شعر ۾ جڻ نظر ويو اچي !

ڪين مايوس ٿي زندگي ڪان ائين،
نيٺ ملندو پرين پنهنجو تعبير ٿي !

غزل

جانان نه جدا ٿي هان،
دردن جي دوا ٿي هان!

توري ته هئي رنجش،
مونکان نه خفا ٿي هان!

ڪلا مونکي اڏارين ها،
اهڙي ڪا هوا ٿي هان!

مون کي نه سزا ڏين ها،
مون لاءِ دعا ٿي هان!

چو گيت نتا سرجن
سرجڻ جي صدا ٿي هان!

غزل

اکين منجهه انداري آهي،
اجان ٻي رات ڪاري آهي !

ڪاري ڪري جا ماري وئي آ،
سا هڪ بيوس ناري آهي !

روئندي روئندي هيءَ حياتي،
ڏکڙن ۾ مون گهاري آهي !

سونهن اٿس ياڪا نه اٿس،
پوءِ به مونکي پياري آهي !

مان ته تو پنهنجو مجانس،
پر لڳي تو ڌاري آهي !

نالو: رسول بخش ڏاهري
ادبي نالو: رضا ڏاهري
جنم تاريخ: 3، فيبروري 1971ع
لکڻ جي شروعات: 1993ع
تعليم: بي.اي.
ڪرت: ٽيچر
ڇپيل ڪتاب: ستارن جا رستا
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت
ڏس پتو: معرفت اسير ڏاهري جهولي لال
ايڪسري مسجد روڊ نواب شاهه سنڌ

چوسٽا

مون کان سواءِ ڪيئن گهاريو هوندئي،
ڏکن ۾ ڪيئن گذاريو هوندئي.
رات جڏهن پر ڪوليا هوندا
ته ياڪر ،مهنجو ساريو هوندئي.

ڪنهن سان ڪبن وفائون ڪنهنکي ڏجن مياروں.
اي دوست هي زمانو مطلب پرست آهي
هر ڪوئي سير آهي هڪ ۾ پاءُ ناهي
هر ڪو ٽڙي لنگهي تو اهڙو ٿيو وقت آهي

تهمتون مون تي، توکي چاهڻ جون.
تو کي ٿمڪون پري گذارڻ جون.
ڪهڙو ويري سماج آهي رضا.
ڳالهيون سمجهي نه جيڻ جيارڻ جون:

دل سدا بيقرار آمنهنجي
تو وٽ منهنجي قرار جي موسم
منهنجو ڪهڙو ڪهمڻ ڦرڻ سائين
ٿيون اکيون انتظار جي موسم.

غزل

هر روز آ تنهنجي ياد سڄڻ،
آهين دل ۾ تون آباد سڄڻ.

ڏي پيار جي عيوض پيار سڄڻ،
ڪر شادَ ۽ رهه تون شاد سڄڻ.

تون ڀِٽي جو مور نہ تيشو آن،
مون کي توتي آ اعتماد سڄڻ.

ڪو هن جو ديس ڪٿي آهي،
هي روح تہ آ آزاد سڄڻ.

رنگين رضا جي دنيا کي،
ڇا ملندي ڪري برباد سڄڻ.

غزل

اڄ بهارن ۾ هجين ها.
تون نظارن ۾ هجين ها.

ساٿ تو ڇالاءِ ڇڳو آ،
گڏ تون سهارن ۾ هجين ها.

ڇو پري جو چنڊ آهين،
پنهنجي پيارن ۾ هجين ها.

ڪيڏي اڄ آ مست موسم،
ڪليل وارن ۾ هجين ها.

ياد جي ڪينجهر ڪپن تي،
مئہ تي يارن ۾ هجين ها.

ڇو رضا رستو ڀلي ها،
چنڊ تارن ۾ هجين ها.

غزل

هئي رات خاموش ۽ چنڊ ستل،
هئا نيڻ منهنجا تو ڪارڻ پنل.

وڃي تو وري آ ورڻ جي نہ ڪئي،
وساري ڇڏيو اٿئي چا مئل.

سوا تو هي پل پل پهر ٿا لڳن،
آهي زندگي ڄڻ تہ منهنجي اجل.

ڪٿي زندگيءَ ۾ ٿا وسري سگهن،
رکي تو جي چپ ها چپن تي ڪليل.

رضا ڪي اچي اوري ڳل سان لڳاءِ،
نہ ڪر دور پنهنجو تون چهرو ڪنول.

هائيڪا

وارن جو الجهڻ
ڄڻ جهڙالي منڊ ۾
ڪڪرن جو پٽڪڻ.

منهنجي هر هڪ سٽ،
مونکي لڳي ٿي ايئن،
چولي تي ڄڻ چٽ.

پڃري ۾ پکي،
منهنجي دل تو سان،
قاتل ايئن سکي.

لهي انتظار،
شال مون سان تون ڪرين،
سنڌو جهڙو پيار.



نالو:امداد علي رند
ادبي نالو: امداد رند
جنم تاريخ: 28-5-1970
لکڻ جي شروعات: 1992ع کان
تعليم: انٽر
ڪرت: (سرڪاري ملازم)
اڻ ڇپيل: ڪوڙ شاعري
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت شاخ پڊعيدن
ڏس پتو: سيشن ڪورٽ نواب شاهه.

غزل

هيءَ جڳن جي جنگ آهي دوستو،
هيءَ پراڻي جنگ آهي دوست.

هاڻ رهڻو ناهي ڪنهن بہ غير سان،
جن ڪيو بس تنگ آهي دوستو.

هڪڙو ڪلمو، هڪ نبي، ۽ هڪ ڪتاب ،
هي قرآن جو ڍنگ آهي دوستو.

ڪو بہ هت قانون ناهي ڪنهن جي لاءِ،
هي تہ ڪوئي جهنگ آهي دوستو.

ڳالهہ ڪا امداد سچي ٿو ڪري،
جڻ هنن لئہ ڏنگ آهي دوستو.

غزل

ڪوليءَ سان ڪولو بنائڻ ٿو چاهين،
فقيرن جو ٻولو بنائڻ ٿو چاهين،

ڪري بند پاڻي تون پاپي اسان جو،
حياتي کي اولو بنائڻ ٿو چاهين،

برابر آهيان مان باغي ۽ غدار آهيان،
تون چورن جو ٽولو بنائڻ ٿو چاهين،

سڄي سون ڌرتي، سيئي ماڻهو هيرا،
جلائي تون ڪوئلو بنائڻ ٿو چاهين.

واڻي

مارو مالا مال،
ٿيندا سڀ خوشحال،
سائي ٿيندي سنڌڙي ،
ڪو به نڳن جو ناهه نه هلندو،
ڪا به نه چورن چال.
سائي ٿيندي سنڌڙي ،

ڪيت سمورا ساوا ٿيندا،
ڌرتي ڪندي ڀال.
سائي ٿيندي سنڌڙي ،

ڪو به نه ڪارو ڪاري رهندو،
مٽبا سنڌ جا حال.
سائي ٿيندي سنڌڙي ،

واڻي

ساز پيو روئي،
ڏياچ نه ڏسجي ڏيهه ۾.
ڪوڙا ڪڏي آلاپ ٿو،
راڳ پيو لوئي،
ڏياچ نه ڏسجي ڏيهه ۾.

سُر نه چاڻي ساهه جو،
مال پيو ڊوئي،
ڏياچ نه ڏسجي ڏيهه ۾.

قومي گيت

ڪيڏو ڪهاڙيءَ وارو پرچم حسين آهي،
آڀ تائين مان جهولايان منهنجي دل اهو ٿي چاهي،
آڪاش تان آ آيو قدرت آ هن کي ناهيو.
قدرت جو هيءُ تحفو رکجو سڄڻ سنڀاري،
عظمت عجيب تنهنجي حشمت عجيب تنهنجي،
دهشت عجيب تنهنجي دشمن کي ٿي ڏڪائي،
توکي ٿي هاڻ ڪٺندا توکي ٿي هاٿي چمندا،
تنهنجي ڪري او سهڻا، سورهيه ٿو سر ڪٽائي،
آزاد سنڌ ٿيندي آزاد جند ٿيندي،

نالو: خان محمد ڏاهري

ادبي نالو: اسير ڏاهري

جنم تاريخ: 29، آگسٽ 1969ع

لکڻ جي شروعات: 18-3-1987

تعليم: مئٽرڪ.

ڪرت: ريڊيو گرافر (پي.ايم.سي.ايچ)

ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڪوڙ ساري شاعري

تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت

ڏس پتو: نيو ڊاڪٽرس ڪالوني سڪرنڊ روڊ نواب شاهه فليٽ نمبر ايف -19

نثري نظم

او سکي !
مون کي معيار نہ ڏي
مون ڏٺو آهي
جيون جي اِتهاسَ ۾
پريت جي راهه ۾
گلن جي بدلي
تو ڪنڊن جي برسات ڪئي
دل ۾ ڪاري جيان
تنهنجي پنهنجائپ ڪي ڏسي
منهنجا وشواس
ڪچڙو ڌاڳو ٿي پيا
او سکي !
مون کي معيار نہ ڏي
مون کي تہ ميهار
تيئن گهربو هو،
اِفسوس !
خدا مون کي سهڻيءَ
جو روپ ڏئي ڇڏيو
وچ درياهه ۾ زندگي جي
ڪشتي، وحمن ۽ وسن
جي ڪَن،
ور چڙهي وئي آهي
هوند ڪو بچائڻ لاءِ اچي،
اکين ۾ اميد جي روشني ڪئي
مان ڪنارا ڏسي رهيو آهيان.

نثري نظم

چئه سنڌو!
اهڙي ڪهڙي غفلت ٿي وئي آ،
ڇا اسان جي ڪاري سوچ جي عمل جو
هيءُ تو تي اثر ٿيو آ؟
جو اڄ تو تي
خزان جي موسم تاري آ،
جڏهن تون موج مستيءَ ۾ هوندو آهين تہ
هر طرف
ٿيندي بهاري آ،
چئه سنڌوءَ !
اهڙي ڪهڙي غفلت ٿي وئي آ،
جو قوم سڄي وڪري وئي آ،
تاريخ جي ٽوٽيءَ سان
اسان جي مانُ مرتبي جو
مَنهَن بيٺل هيو،
سارو ڪک پن ٿي ويو آ،
اڄ ننڍن ڪان وڏن تائين
ڳڀي جي ڳولا ۾، سڄو قافلو
ڪُونجن روپ ٿي وڃي رهيو آ،
۽ تو سان ناتو ڇني رهيو آ،
چئه سنڌوءَ!
اهڙي ڪهڙي غفلت ٿي وئي آ،
صدين ڪان جنين کي جيءَ ۾ جايون ڏنئي
پنهنجو پوتر پاڻي پيارئي
۽ پالي نپائي
جيجل جهڙي آٿت ڏنيئي
اڄ تن ڪان منهڙو موڙي
پاڻ پلين ٿو،
چئه سنڌوءَ !
اهڙي ڪهڙي غفلت ٿي وئي آ،

وائي

برهہ ڪيو بيوس
وڃڻ واجب مون ٿيو!

جتن جوڙيو مسئلو جي،
سو نہ پنهونءَ جي وس.
وڃڻ واجب مون ٿيو!

هڪ چاهت ڪيو چريو،
بيو تائن ڪي ترس.
وڃڻ واجب مون ٿيو!

متيون مونکي ٿيون ڏين،
جيڏين ناهي جس.
وڃڻ واجب مون ٿيو!

لکئي جي ليکي اسير،
جيڪر هئين مَٽيس،
وڃڻ واجب مون ٿيو!

وائي

يـــاد جي بــــازار ۾
آءُ وڃائجي ويس.

چنڊ چڻ تـارن ۾ هـو
عــڪس ۽ ســار ۾
آءُ وڃائجي ويس.

خزان کـان جڏهن پوءِ،
آيس بـهــــار ۾،
آءُ وڃائجي ويس.

جيـون ٻـٽيـو ٻت هو،
سڪيءَ جي نـهـــار ۾،
آءُ وڃائجي ويس.

اکيون عڪس ٿي پيون،
اسـيـــر انتظار ۾،
آءُ وڃائجي ويس.

غزل

ڏسي اڄ گهـٽائون تنهنجي ياد آئي،
ڪليـون اُتر هوائون تنهنجي ياد آئي.

چاهت جي سلسلن کي ملي تازگي،
برسي پيون نگاهون تنهنجي ياد آئي.

چٽا عڪس اکين ۾ گفتگو ٿي گونجي،
رُلندي ماضيءَ راهون تنهنجي ياد آئي.

پکين جي موسيقي ٻنين ۾ ۽ تن تي،
صبح رنگين فضائون تنهنجي ياد آئي.

پي لفظن جا جرڪا جڙيا چڻ اسـيـــر
سوچيندي صلاحون تنهنجي ياد آئي.

غزل

مـحـبت جي لُپ هوا ٿي وئي آ،
خزائون خزائون فِضـــا ٿي وئي آ.

نہ جيون ۾ امرت ڪٿي ڪو رهيو آ،
زندگي خوشبـو سـوا ٿي وئي آ.

ڪري روز ڪينو وڏي وڻ ٿـيـو آ،
مـحبت ڇٽي چڻ پتـا ٿي وئي آ.

حسد ساڙ نفرت پئي هٿ تہ پلجي،
برابر سـچائي خطا ٿي وئي آ.

مرڪ موڪلايو اسان کان اسير،
رڳو مـحـرومين جي وبا ٿي وئي آ.

نالو: رستم علي مگسي

ادبي نالو: جانب مگسي

جنم تاريخ: 09-09-1978

لکڻ جي شروعات: 1994ع

تعليم: بي، اي.

ڪرت: زمينداري

اڻ ڇپيل: ڪوڙ ساري شاعري

تنظيم سان وابستگي: سنڌ ترقي پسند اسٽوڊنٽ فيڊريشن صدر نواب شاهه

ڏس پتو: جانب مگسي المتاز سپر مارڪيٽ دُڪان نمبر 6,7 ڪچهري روڊ نواب شاهه سنڌ

غزل

هو ڪِنو ڪوجهو ڪارو آ،
تہ بہ پنهنجي ماءُ کي پيارو آ.

جڳ کي واقع ڪين نہ وڻين ٿو،
پر ڪنهنجي اک جو تارو آ.

هيمون، دودا سولي چڙهيا،
هاڻي پنهنجو، وارو آ.

ڏاڍ اڳيا اڄ سنڌي ماڻهون،
ڪيڻ نہ ٿيو، ويچارو آ.

توسان پيار سڪي آ ايڏو،
جنهن جو، ڪو نہ ڪنارو آ.

جانب آهيان پيارو ان کي،
۽ هو مونکي پيارو آ.

نظم

جيئي سنڌي، جيئي ٻولي،
ٻولي جيڪا، منهنجي لولي.

پنهنجي هيءَ، روايت جيئي،
پنهنجي هيءَ، ثقافت جيئي،
اچي نہ ڪنهن تي، ويل ڪا اولي.

تحڪو جيئي، ٻوتي جيئي،
اجرڪ جيئي، ٽوپي جيئي،
ٿئي مثال هر ڪنهن، جي سولي،

پرڀت جيئي، ماڙي جيئي،
هن ڌرتيءَ جي، ناري جيئي،
ڀرجي سڀ جي، خوشين جهولي.

مورنہ ماٺي، ڌاريو رهندو،
جيڪو ايندو، ماريو ويندو،
ڦيرڏي وڌندي، منهنجي ڳولي.

نظم

ڏسي حال منهنجا، چنڊ ڀڄڻ لڳو،
جا مجبوري اٿئي، چنڊ ڀڄڻ لڳو.

جيئن ترتي چڪور تو، عاشق ٿئي،
محبوب جي لئہ اڻين، دل تڪي،
هي حال ڏڏي، هو روئڻ لڳو.
ڏسي حال منهنجا چنڊ ڀڄڻ لڳو.

تي حيراني جهڙ، برسي پيو،
ڪر رم جهم تي، پتو ڪونہ رهيو،
تي اونداهي،چنڊ منجهڻ لڳو.
ڏسي حال منهنجا چنڊ ڀڄڻ لڳو.

جڏهن عشق جي، ڪو تو آهہ ڪري،
تو جانب مڪسي جڻ تہ ٻري،
آ درد اڳي ڪان، وڌڻ لڳو.

غزل

اڄ سڪن جو واءُ اســـان ڏي ،
هر ڪو ڪهرو ڪهاءُ، اسان ڏي.

جيـون پيو هت، سڌجي ڦنجي،
وار خوشين جو ساءُ! اسان ڏي.

حيـــجل توکي اشڪ اکين ۾،
ويجهي اکجهہ، ماءُ اسان ڏي.

جانب جيـون، جيل آ ســارو،
هر ڏک جو آ، داءُ، اســـان ڏي.

شـرابن ڪبـا بن ڪـان، آهيـان مـان باغي،
پيـــاري، اســـانکي ڪيـــو چو تـــا داغي.

گهڻو وقت اڳ، ڪنهن امڙ کي هو ٽوڪيو،
اڙي پٽ تـنهنجو، ٿـــيـــو آ شــــرابي

ڇوان جيئي سنڌڙي، ڇوان جيئي جيجل،
اڙي يـار ان ۾ آ، ڪهـــــــــڙي خرابـي.

غزل

اسين يار جهـڙا تهـڙا ۽ پيـرين اڳـهـاڙا،
اسين مـــاٺهـــون ســـادا، نـہ ڄاڻو نوابي،

مندر ۽ مـــسجد، مـــولئـہ ڳالهـہ ســاڳي،
اسين ڪو نـہ ڄاڻون، شـــيـعـــہ، ۽ وهابي.

اسين پاڻ سـهـڻـا، ۽ سـهـڻن جا ســاٿي.
گناهن ڪـــان پاســـو، رکي ڪم ثوابي.

نالو: محمد شريف ميراڻي
ادبي نالو: شريف ميراڻي
جنم تاريخ: 17، جنوري 1977ع
لکڻ جي شروعات: 1998ع کان
تعليم: انٽر آرٽ،
ڪرت: درزي
ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڪوڙ شاعري
تنظيم سان وابستگي: جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان.
ڏس پتو: خوشبو ٽيلرز لکياري بلڊنگ نرد شهباز پلازه موهني بازار نواب شاهه "سنڌ"

غزل

چنڊ تنهنجن نگاهن ۾ ڪيم ٿي وڃان،
بند ڪر اک پناهن ۾ گم ٿي وڃان.

دل چوي ٿي ثوابن ڪي هٽ سا ڏڪي،
پيار جهڙن گناهن ۾ گم ٿي وڃان.

اک شرابي نگاهون گلابي ڪٽي،
ميڪدي جي درياهن ۾ گم ٿي وڃان.

تات تنهنجي عمر ڀر رهي ڪڏ مون سان،
پاڻ ويران راهن ۾ گم ٿي وڃان.

تن سدا پيو جلي ٻر وڇوڙن اندر،
ڇو نہ مان پو اوڙاهن ۾ گم ٿي وڃان،

غم الم من اندر رقص ڪن پيا "شريف"
ناچڻي جي نگاهن ۾ گم ٿي وڃان.

غزل

لي خدا من زندگي جو عـكس تي ويو آهيـان مـان،
عشق، تنهنجي بندگي جو عكس تي ويو آهيان مان.

نفرتن سـان هر گـهڙي جنهن کي ڏنم اک، جو ڪٿي،
هاڻ ڇو ان آرسي جوعـــكس تي ويو آهيـــان مـــان.

ياڻ کي هر روز غم ســـاري پرين تـــو من اندر،
ڇپ ڇرن تا ڇڻ خوشي جوعكس تي ويو آهيان مان.

تيڻ پنهنجا تـــا رهن مـــدهوش ســـپن وانگيـــان،
ڇڻ ڇپن جي تشنگي جو عـكس تي ويو آهيان مـان.

دل ۾ هائي ڪا رهي ناهي وفـــــا جي روشني،
بي وفـا ڇڻ چاندني جو عـكس تي ويو آهيان مـان.

ڇا ٿـــيـــو جي رات آ تاريک راهن ۾ "شـــريف"
رهه مـسـافـر روشني جوعـكس تي ويو آهيـان مـان.

غزل

سـجي رات جگنو تي اکـڙيون رلن پيـون گـهـٽي ۾.
ويڃڻ تنهنجي ڪانپوءِ هي اکڙيون جلن پيون گهٽي ۾.

مون اکڙين جا سـڀ در ڇڏيا کولي آهن پرينءَ لئه،
اميدون ملڻ جون صدا جيئن گهلن پيون گهٽي ۾.

نقـــابن جي اوڙهي تو چادر اکين جي اڳيـــان آ،
ايجان توکي آتيون ڪي اکڙيون ڳولن پيون گهٽي ۾.

مـــون لڙڪن کي روشن ڪيـــو آ چراغن ۾ يارو،
تي چانڊاڻ دريا کي لهرون ڇلن پيـون گـهـٽي ۾.

هزارين ڏسـان رنگ مـان تـو مـثـان درسني جي،
ڪري پدمـٽيون روپ رنگين هلن پيـون گـهـٽي ۾.

مـان بي چين لمحن مـان گـذران تـو جانان جڏهن يي،
ڪڏهن ڪـان ڪندڙ انتظاريون سلن پيـون گـهـٽي ۾.

غزل

هو ايندي وري اڄ هوا رقص ۾ آ،
کهلي تنهنجي خوشبو ادا رقص ۾ آ.

پکين وانگي دلڙي پڪاري ٿي تڙپي،
مي بي چين ڪيڏي صدا رقص ۾ آ.

گلن کان ٿي خوشبو وري ڌار آهي،
لڳي ٿو ته پن ڇڻ خزان رقص ۾ آ.

ڏکيو ڏينهن شل تون نه ڏسندين عمر ۾،
امڙ جي ڏنل مي دعا رقص ۾ آ.

پڙهڻ وقت محبت جون جانان نمازون،
ڏنم سر جهڪائي خدا رقص ۾ آ.

هنئي عشق جي مون آ ميندي "شريف"
اڃان تائين هٿ جي حنا رقص ۾ آ.

غزل

هتا ڪالهه جيڪي ڪٺا ديس خاطر،
حياتي پنهنجي کان رٺا ديس خاطر.

وهي لڙڪ نيڻن مان نڪتا ها، جنهن دم،
اره چوڪرين جا ڪپيا ديس خاطر.

هنئي اڄ ته جوڌن لهو جي ميندي آ،
مون ريتاڪي لاشا ڏٺا ديس خاطر.

هزارين نشان ها بدن تي ڪوڙن جا،
ڪيڏا درد دودن سٺا ديس خاطر.

سي سولي سينگاري لهو ساڻ ويندا،
جي جوڌا ٿي چڙهندا ڪٺا ديس خاطر.

سيد جو فڪر ٿو ٻڌائي ته هڪ ڏينهن،
رقيبن جا ٿهندا ٻنا ديس خاطر.

نالو: غضنفر علي جوڻيجو
ادبي نالو: سڄڻ جوڻيجو
جنم تاريخ: 1، جنوري 1980ع
لکڻ جي شروعات: 1998ع
تعليم: F.A
ڪرت: شاگرد
اڻ ڇپيل: ڪوڙ ساري شاعري
تنظيم سان وابستگي:
ڏس پتو: گهر نمبر بي-1 قائد عوام يونيورسٽي ڪالوني نواب شاهه.

غزل

نہ تون ئي ملئين ۽ نہ سپنا سچا ٿيا،
وڏي درد ويا، دل جا اُلڪا پڪا ٿيا.

خبر ناهي ڪهڙي خطا ٿي ڪا مون کان،
جو محبوب مون کان اچي اڄ خفا ٿيا.

ڇڏي ساري دنيا مون ٻَو جيو هو جنهن کي،
آ افسوس ان جا نہ واعدا وفا ٿيا.

نہ ڳڻ منهنجا ڳائيہ، رسي وئين تون مون کان،
روئي نيڻ منهنجا سُکي ڪربلا ٿيا.

خدا کي ڪيا مون ها سجدا سچا سڀ،
ڇوان پنهنجي سجدن جي لئہ مان تہ ڇا ٿيا.

مسئي ٻي نہ شيءِ ڪا لڳي زندگيءَ ۾،
"سڄڻ" لئہ رڳو محبت، ماڻا مِنا ٿيا.

غزل

سانوريءَ جي سونهن تي مان ڇا لکان !
دل چوي ٿي پيار جا نغما لکان !

خواب هو يا هئي حقيقت ڇا خبر؟
آءُ دل جا ٿو رکو جذبا لکان !

اوچتو هوءَ مرڪندي آئي اڳيان،
گل ٽڙي پيا مون اڳيان، ڪيڏا لکان؟

يا خدا ! جو حُسن ۾ آهي ڪشش؟
حسن ڪي مان ڪهڙا ڏوراپا لکان !

پيار جا پيغام هُن ڏي موڪلي،
مون ڪيا جي سونهن کي سجدا لکان !

قرب واري هئي ڪشش ڪيڏي "سڄڻ"
جا تہ نيڻن جا هئا ناتا لکان؟

غزل

دل جا جذبا جيارڻا آهن،
ڏک جا ڏونگر بہ ڏارڻا آهن.

صبر جي زوردار جادوءَ سان،
نانگ ڪاوڙ جا مارڻا آهن.

موت ! نام خدا جي وچ موٽي،
قول دلبر سان پارڻا آهن.

ظلمتِ شب ۾ روشنين جا چراغ،
دل جي رت سان ٻارڻا آهن.

باغ الفت جي صحن ۾ اي "سڄڻ"
گل نئين سر لڳائڻا آهن.

نظم

ڪڪائن گهرن ۾ هي غمگين چهرا،
لکن ۾ اجهاڻل اباڻا ڏسان ٿو،
وڏي ڪار بنگلو ۽ نوڪر درن تي،
پراون جا سنڌ ۾ ٺڪاڻا ڏسان ٿو.

چتين ساڻ چپل ۽ تن تي نہ ڪپڙو،
وطن منجهہ مارو نماڻا ڏسان ٿو،
هيءَ حالت ڏسان ٿو، جهران ٿو لکان ٿو،
انهيءَ ۾ جبل ٽاڻا ڏسان ٿو.

غريب مٿان ظلم ٿئي ٿو اصل ڪان،
سڄڻ سنڌ جا ڦٽ پُراڻا ڏسان ٿو،
ڪڪائن گهرن ۾ هي غمگين چهرا،
لکن ۾ اجهاڻل اباڻا ڏسان ٿو.

نالو: عرفان احمد سمون

ادبي نالو: عرفان سمون

جنم تاريخ: 06-02-1978

لکڻ جي شروعات: 1994

تعليم: بي.اي.

ڪرت: پرائيويٽ (جاب)

ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڪوڙ ساري شاعري

تنظيم سان وابستگي: سيڪريٽري شيخ اياز ادبي فورم نواب شاهه

ڏس پتو: پلاٽ نمبر 85 اعظم ڪالوني نواب شاهه. يا
ساگر هوٽل اينڊ سارنگ ريسٽورنٽ،
پريس ڪلب روڊ نواب شاهه.

نظم

مان تنها ٿي تنهائي کي ٿو سوچيان،
لهندڙ سج کي ڏسي وڃندڙ پاڇن کي ٿو سوچيان.
مان تنها ٿي تنهائي کي ٿو سوچيان،
زمين ۽ آسمان کي ڏسي مان خدا کي ٿو سوچيان.
مان تنها ٿي تنهائي کي ٿو سوچيان
رات ۽ ڏينهن کي ڏسي مان صبح کي ٿو سوچيان.
مان تنها ٿي تنهائي کي ٿو سوچيان
سچل ۽ سامي کي ڏسي مان يڪتائي کي ٿو سوچيان.
مان تنها ٿي تنهائي کي ٿو سوچيان
امير ۽ غريب کي ڏسي "عرفان" کي ٿو سوچيان.
مان تنها ٿي تنهائي کي ٿو سوچيان.

نالو: نور نبي سيال
ادبي نالو: نُور سيال
جنم تاريخ: 15. اپريل 1980ع
لکڻ جي شروعات: 1995ع
تعليم: ايم.بي.بي.ايس (چوٿون سال).
ڪرت: شاگرد
اڻ ڇپيل ڪتاب: عشق جون آيتون.
تنظيم سان وابستگي: مرڪزي جنرل سيڪريٽري سنڌ رائٽرس فورم سنڌ!
ڏس پتو: گهر نمبر 86 سرفراز شاهه ڪالوني ويجهو ايڪسائيز آفيس نواب شاهه سنڌ.

E_mail: noorsiyal@yahoo.com

آزاد نظم

جڏهن ٻي ڄامشوري تي،
گهٽائن جا سفر ٿيندا،
اسان جي ساهه ۾ الڪا
تنهنجا ئي بي خبر ٿيندا
جڏهن خوابن جا سارا رخ
ٻئي ڪنهن در وڃي مٽبا
تڏهن تون مون جهڙو ڇهرو
پيو ڪئمپس ۾ ڳوليندين
جڏهن ميوزيم ۾ چاهت جا
سوين ڪي سلسلا ٿيندا
اسان جي سار جا دل ۾
اوهانجي زلزلا ٿيندا
تنهائي جو ڳرو پٿر
ڪٿي جڏ، ڪين تون سگهندين
تڏهن تون مون جهڙو ڇهرو
پيو ڪئمپس ۾ ڳوليندين
تنهنجي جيون ۾ سپنن جا
اڪر جي باب ڀيا کلندا
اسان جا نيڻ ئي تن کي
نوان ڪي رنگ ڀيا ڏيندا!
تون گهري ننڊ مان گذري
جڏهن ڪنهن جڳ ۾ ايندين
تڏهن تون مون جهڙو ڇهرو
پيو ڪئمپس ۾ ڳوليندين
جڏهن ٻي ڄامشوري تي
گهٽائن جا سفر ٿيندا
تڏهن تون مون جهڙو ڇهرو
پيو ڪئمپس ۾ ڳوليندين.

نئون نظم

”حرام“

جيسين لڙڪ
منهنجي ياد ۾
تنهنجي ڳلن کي
نہ ٿا ڇهن
تيسين
مون لئہ
تنهنجا ڳل
حرام آهن.

”شڪ“

تون
حقيقت ۾
هجين يا نہ !
پر
منهنجي سوچ ۽
جستجو ۾ آهين
ڇا ايان بہ
تنهنجي وجود ۾
شڪ هجي ! ؟

”راز“

تون
جڏهن منهنجو
ڳل
چمين ٿي
تہ خدا جي
تخليق جو
هڪ راز
فاش ٿيندي ڏسان ٿو.

”مٽيءَ هاڻا ماڻهو“

ڀڇيائين
زندگيءَ جا رنگ
ميرا
ڇو ٿيندا آهن
چيم
ماڻهو مٽيءَ جا جو ٺهيل هوندا آهن
ڇيائين
ماڻهو مٽي جا
ڇو ٺهيل هوندا آهن
چيم
ڇو جو
پرندا ڏاڍو جلدي هن.

نالو: نديم الڪريم پٽي

ادبي نالو: نديم الڪريم پٽي

جنم تاريخ: 16-03-1975

لکڻ جي شروعات: 1992ع

تعليم: بي. اي (سول)،

ڪرت: "بي" روز "گاري"

اڻ ڇپيل: ڪوڙ سارو مواد

تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نوابشاهه

ڏس پتو: نزد موتيه مسجد غريب آباد نواب شاهه سنڌ.

نظم — گل جواني جا مند ۾

زندگي جي گذرندڙ سمهُ تي ايئن نہ ويچار
زندگي تہ آهي ٻہ ڏينهن يا چار
سوچي سوچي پاڻ کي
ائين نہ ميسار
اُٿ وٺ هلي
هر ڪنهن سان
پنهنجو پيار
گذرندڙ سمهُ تي
ائين نہ ويچار
موت تہ مرڻو ناهي
وقت ويو سو ورڻو ناهي
۽ موت تہ ڪو مهڻو ناهي
سوچي سوچي پاڻ کي
ڪر نہ لاچار
موت تي کهڙي ميار
موت تہ اچڻو آ
اوچتو
پلي بند هجي
در و ديوار
گذرندڙ سمهُ تي
ائين نہ ويچار
گل جواني جا مند ۾
چني وٺ يار
ڪر نہ هڻ جي
پڄڻ جو انتظار
پوڪ، تون پيار جي
پوکي وٺ
زندگي تہ آهہ
ٻہ ڏينهن يا چار

نظم بي خبري جي موسم ۾

هو ڏس!
پيار جو پنڇي
اڏريو آ
من جي وشال
آڪاش تي
هن جو پڙڪو
چرڪائي تو وجي
ها مونکي
جاڳائي تو وجي
ٻاراڻي ننڊ مان !
هو ڏس!
پيار جو پنڇي
يادن جي گهاٽي وڻ ۾
ڪنهن خوبصورت لمحي جي ٽاري تي
ڇهڇائيندو تو رهي،
ڪو پيار جو سُر آلاپيندو تو رهي
پر! تنهنجي سوچ جي ڪڙڪي تہ
کلي ئي ناهي
۽ تنهنجي من جي اڱڻ تي
محبت جي هوا گهلي ئي ناهي
تون بي خبري جي موسم ۾
ڪٿي گم آهين !
۽ هتي موسم
بدلجي تي
تون اُتين جو نٿي؟
تون ڏسين چونہ ٿي؟
هو ڏِس، هو ڏس!
پيار جو پنڇي
اڏريو آ
من جي وشال
آڪاش تي.

نوريون نيل ڪنول

نالو: عصمت ڏاهري
ادبي نالو: عصمت ڏاهري
جنم تاريخ: 7-4-47
لکڻ جي شروعات: ننڍي عمر کان
تعليم: بي اي،
ڪرت: گهرو عورت
ڇپيل ڪتاب: "خواب ميري دونهان دونهان"، "سُر ملي نئي نئي"
تنظيم سان وابستگي: خدمتِ ادب.
ڏس پتو: عصمت ڏاهري پيلس، ڪچهري روڊ نواب شاهه

نظم

پن ڇڻ رت جي موسم

پن ڇڻ رت جي موسم ۾،
وڻ، وڻ!
پن، پن!
گل، گل!
سيئي سُڪي ويا،
هوريان، هوريان،
هڪ هڪ ٿي سڀ ڇڻي ويا.
هي انسان به
وڻ وانگر
۽ گل وانگر آ
ڪالهه اهو جو ٻالڪ هو،
اڄ سو جوان جماڻ لڳي ٿو.
هاڻ سو هوريان هوريان
پوڙهو ٿي ويندو
پن ڇڻ رُت جيئن
ڪنهن ڪمزور
ٽُنل ٽاريءَ تان
وقت کان اڳ ۾
ڇڻي ئي پوندو
ڪيس سهارو ڪوبه نه ڏيندو
هن انسان کان
ميوي دار ته وڻ بهتر آ!

غزل

خاموش جي آ شهر پريشان نہ ٿي،
اي دل چري هِن دشت ۾ حيران نہ ٿي.

محبوب آهين اي منا، هِن جان کان ويجهو،
آدم جي اڳيان تون اچي شيطان نہ ٿي.

اوير جو ڪنارو تون، مان اولهہ جو ڪنارو،
پو پاڻ پنهي وچ ۾ طوفان نہ ٿي.

آئون بہ متيءَ جو ٺپ لهيل آهيان اي دوست !
مون کي ڏکن ۾ هيٺن ڏسي حيران نہ ٿي.

جي تون اچين تہ عُمر سڄي ساٿ ۾ رهجان،
هڪ رات لاءِ گهر ۾ تون مهمان نہ ٿي.

مان گل ڏسان تہ ياد اچي تنهنجي ٿي هر هر،
خالي گلن کان هاڻ ڪو گلدان نہ ٿي.

عصمت نظر اچن پيا اميد جا ڪرڻا،
تو جاڻ ٿئي صبح پريشان نہ ٿي.

غزل

گونگو شهر اٿئي اي جانان،
اُن ۾ دل جي ڪٿ سان پڌجان.

وقت آ ٿورو پل پل سوچي،
فڪر جا موتي ميڙي وڻجان.

ڪنهن وستيءَ ۾ باهہ لڳي آ،
اُن جي تَوَ سان جلندو رهجان.

ڪير ٿو ڪنهن جو ساٿي بڻجي،
پنهنجي درد، ڪهاڻي لکجان.

ياد اچئي جي بادل بڻجي،
موتي موتي ڳوڙها بڻجان.

منهنجي دل، گهر تنهنجو آهي،
ايندو رهجان، ويندو رهجان.

اُس هجي يا رڻ جو رستو،
خوشبوءِ وانگر وکري ويجان.

عصمت پنهنجي عادت ڪرتون،
ڏک ۾ غم ۾ کلندي رهجان.

نظم

(عنوان ڪانسواءِ)

ٻيڙيون؟
ٻيڙيون تہ ڪڏهوڪيون جلي چڪيون،
دونهون آهستي، آهستي،
فضائن ۾ تحليل ٿي چڪو
ٽانڊا، ٻري، ٻري
رک ٿي ويا
۽ رک کي زماني جون تيز هوائون
خبر ناهي ڪيڏانهن کڻي ويون
ڌرتيءَ تي
ڪارو نيشان بہ باقي نہ رهيو
مٿان تہ ساوڪ اُڀري آئي آ
ها، زمين جو سينو چيري
ڏسي سگهجي ٿو
اندر ايحان بہ ڪا ڪارٽ سڙي رهي آهي
ڇا تو وساري ڇڏيو طارق!
تو ئي تہ چيو هو.
ٻيڙيون جلائي ڇڏيو؟
هاڻ اسين واپس نہ وينداسين
پنهنجي سرواڻ جو چوڻ تہ
ميٺو ئي پوندو آهي.

نظم

هُن ويندي ويندي
خدا حافظ چيو،
۽ هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو
منهنجي مُٺِ ۾ ڏيئي ڇڏيو
جنهن تي تحرير هو،
"منهنجي لاءِ دُعا ڪجانءِ"
مون پڙهي هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو
۽ منهنجي نيڻن مان
لڙڪن جي برسات شروع ٿي وئي
هُن کي ڪهڙي خبر
تہ سندس سفر جي رفتار سان
گڏ، گڏ
منهنجو روح بہ ويڙهجي ويو آهي
مان تہ هڪ جسم آهيان،
بي جان، بي ذهن ۽ بي سوچ
ڇا، دعا جو محتاج ڪا دُعا
ڪري سگهندو آهي؟

نالو: صغرا گل
ادبي نالو: صغرا گل
جنم تاريخ: 1963ع
لکڻ جي شروعات: 1983ع کان
تعليم: مئٽرڪ.
ڪرت: ملازمت
ڇپيل ڪتاب: درد نگر ۾
ڏس پتو: سميرا ڪالوني، نيو هائوسنگ سوسائٽي نواب شاهه.

غزل

منهنجي نيڻن ۾ وسڻ وارا ڪٿي؟
روح ۾ آهن رهڻ وارا ڪٿي؟

جي نه مون کان هڪ به پل پرتي رهيا،
راهه تي گڏجي هلڻ وارا ڪٿي...؟

جن سدا مون کي سڏيو هو پيار مان
سِڪَ مان سي سڏ ڏيڻ وارا ڪِٿي؟

اڄ بہ صغرا گل پئي سوچي اهو،
واعدي موجب اچڻ وارا ڪٿي؟

غزل

منهنجا نيڻ نهارن ٿا،
تنهنجي واٽ ٻهارن ٿا.

تنهنجي ئي اوسيئڙي ۾
گهر، گهٽيون سينگارن ٿا.

ڪير انهن جو ڏيندو ڏس،
جيڪي جيون وارين ٿا.

ڪهڙا ماڻهو حيرت مان،
صغرا گل پڪارين ٿا.

غزل

سور سيني ۾ پئي ساندي وتان
حال دل جو مان پلا ڪنهن سان ڪريان؟

تو سوا آرام هڪڙو پل نہ آ،
ڪيئن لڪي مان لوڪ ڪان توڏي اچان.

تون ڪڏهن ايندين نہ ايندين ڇا خبر؟
بيقراريءَ ۾ پئي راهون ڏسان.

تو سوا تي لڙڪ "صغرا گل" وئي
ڪيئن پلا مان سيج تي مرڪي سمهان.

غزل

مون کي تنهنجا ناز وڻن ٿا،
ناز وڻن انداز وڻن ٿا.

تو ڪان ڏار هجان يا ساڻ،
چاهت جا آواز وڻن ٿا.

پاڪر پائي اُپريا جيڪي،
دل جا تڏڙا ساز وڻن ٿا.

جيڪي صغرا گل پئي ڳولي
دل جا سي سڀ راز وڻن ٿا.

غزل

ڪيئن گذاريان تنها گهر ۾
تون بہ تہ آهين درد سفر ۾

تنهنجي صورت منهنجي دل ۾
تو ئي آهين نيڻ نظر ۾

توکي ساري روئندي آهيان
وسندو آهين جان جگر ۾

توڪان پوءِ اسان جو پيارا،
ڪو بہ نہ آهي درد نگر ۾

صغرا گل جي سار نہ توکي
تولئہ ڪاٽيان رات هجر ۾.

نالو: رخسانہ چنڙ
ادبي نالو: رخسانہ ”پريت“ چنڙ
جنم تاريخ: 23 آگسٽ
لکڻ جي شروعات: 1991ع
تعليم: ايم.بي.بي.ايس،
ڪرت: ميڊيڪل آفيسر
ڇپيل ڪتاب: هڪ شاعري جومجموعو
”پياسي ساييان جل ٿل خواب“
تنظيم سان وابستگي: ڪنهن سان بہ نہ.
ڏس پتو: ويجهو موتيہ مسجد، غريب آباد
نواب شاھ، هائوس نمبر: 25 پنگوار
ڪالوني نوابشاھ.

غزل

قصا دل چريءَ جا ٻڌڻ ٿا گهرو،
اوهان ييي تہ چا چا ٻڌڻ ٿا گهرو.

آهي ڏاڍي جيون ڪهاڻي ڏکي،
ٻڌايو ڪٿان ڪان ٻڌڻ ٿا گهرو.

جتي ٻولي گوليءَ جي ٻڌجي اتي،
آهيو ڪير؟ نغما ٻڌڻ ٿا گهرو.

ڪنهن مان ڪيو دير ڪجهہ اڳريون،
اگر لوڪ واڪا ٻڌڻ ٿا گهرو.

سيئي سور پلجي اچي پهچبو،
اگر ڪجهہ دلاسا ٻڌڻ ٿا گهرو.

پيڙ پاڻا آهيو، نہ ماڻهو اوهين،
آ حيرت ٿي ڪوڙا ٻڌڻ ٿا گهرو.

ويا سارا چوري ٿي تاريخ مان،
اوهان جيڪي صفحا ٻڌڻ ٿا گهرو.

غزل

ڏسو ڪجهہ ڪٽي ھي خوشيون ٿيو رهن،
اسان کان تہ هر دم رُٺيون ٿيون رهن.

هوائن جا جن کي مليو ويا مزاج،
اهي قيدبہ ڪجهہ ڏکيون ٿيون رهن.

پلا يادون ڪڏ ڪڏ رهن ٿيون ڪٽي،
اهي روح ۾ جڻ رچيون ٿيون رهن.

اهي خيال سان تاڪ ڪجهہ ٻيڪڙيو،
اسان جون انهن ۾ اکيون ٿيون رهن.

گلابي گلن جا سنيها مليا،
ڪٽي هاٿي پوتڙيون لڪيون ٿيون رهن.

لڳي ساريون اکنيون اجهامي ويون.
اسان جي ٿي دل ۾ دکيون ٿيون رهن.

وائي

منهن جو ناز، چپن تي آلي،
هر هر هو ورجائيندو،
مون کي ڪير ٻڌائيندو؟

هو جي چنڊ کي چاهہ مان،
مون جيان رات جاڳائيندو،
مون کي ڪير ٻڌائيندو؟

سُر جيڙيندو پوتڙ نئون،
گل پي تنهن سان ڳائيندو،
مون کي ڪير ٻڌائيندو؟

نينهن نگر ۾ ڪو ير اچي،
پيار پتو پڇرائيندو،
مون کي ڪير ٻڌائيندو؟

هو جو اکهندو لڙڪ آ،
پنهنجا لڙڪ لڪائيندو،
مون کي ڪير ٻڌائيندو؟

سار سندو ڪو اولڙو،
من کي جي جاڳائيندو،
مون کي ڪير ٻڌائيندو؟

"پريت" سندا ھي گيت جي،
پنهن جي منهن ڪو ڳائيندو،
مون کي ڪير ٻڌائيندو؟

غزل

سارا ڏسن تيون منظر پو يي رهن اجياريون،
پتو نہ پئي تہ اکڙيون کهڙيون اسان ٻہ ڏاريون.

اڄن نہ سمجهہ ۾ تا دستور دل سندا هي،
کوئي اسان کي ساري ڪنهن کي اسان تا ساريون.

هي ڪوئي خيال سهڻو تہ اوبرو لڳي هت،
اکڙيون ڪيون ڇا ڪاريون وارن کي ڇا سنواريون.

تاريڪيون نہ رستا هن ديس نہ پڇائن،
احساس ۽ کي جذبا ٻارڻ ڪري پيا ٻاريون.

جيون ۽ جڻائي، جا تي ايمان تڻي پنهن جو،
پٽرائجون اتي، يا خود ميڻ جيان پيا ڳاريون.

دنيا سبق سمورا ڪيئن پيار جا پڙهي وئي،
اسان اڃان تہ پيا تا پهريون اکر اچاريون.

نثراڻو نظم

نالو: شهناز لاکو.
ادبي نالو: ڪنول
جنم تاريخ: 01-11-1971
لکڻ جي شروعات: 1987.
تعليم ايم. اي. (سنڌي)،
ڪرت: درس و تدريس.
ڇپيل/اڻ ڇپيل ڪتاب:............
تنظيم سان وابستگي ڪا به نه.
ڏس پتو: معرفت نورالدين لاکو، عظيم ڪالوني، سڪرنڊروڊ نواب شاهه

ڪي اڻ لکيون حقيقتون،
ڪي اڻ لکا احساس،
ڪيڏو روح تڙپائين ٿا.
رام جيان بن ۾،
پر!
نه ڪٽنداڙ مدي لاءِ،
انسان کي پٺرائين راهن تي،
ٻاٻري ڪنڊن تي،
هلڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا.
جتي،
هڪ اڪٽ سلسلو،
لازوال غم جو شريڪ بڻجي،
انسان کي،
اميد ۽ نا اميدي جي،
ٽياس تي ٽنگي ٿو،
هميشه لاءِ،
هڪ غيرت ڪدو،
صنم ڪدو،
۽ حيرت ڪدو،
بنائي ٿو.
جتي،
هو ڀهر جيئڻ لاءِ مري ٿو
اها !
انسان جي مجبوري آهي
جو،
نئين صبح ڏسڻ لاءِ
آس ۾،

مڪمل طور تي
مرڻ نہ ٿي ڏي.
۽
نا اميدي،
جيئڻ نہ ٿي ڏي،
پر،
وري بہ،
ايرندي سج
۽
چانڊوڪي کي،
انسان
تڪي ٿو.
تڪي ٿو.

وائي

هر سيڪنڊ ۾ تنهنجو نانءُ، هر موسم وٽ تنهنجي بات،
سڀ سمجهن ٿا، مان نہ اڪيلي!

روح ۾ رمندي گهرَ ڪرين، ازل ابد کان تنهنجي تات،
سڀ سمجهن ٿا، مان نہ اڪيلي!

مورک ويرانين ۾ گولن، شهہ رڳ ويجهو تنهنجي ذات،
سڀ سمجهن ٿا، مان نہ اڪيلي!

مينهن ڦڙيون ٿيون توکي ڳائن، بادلُ ٿي برسي ٿي ڏات،
سڀ سمجهن ٿا، مان نہ اڪيلي!

دنيا جو هر ڪدريل پل پل، آهي تنهنجي جڻ تہ صفات،
سڀ سمجهن ٿ، مان نہ اڪيلي!

نظم

چير ۾ چمڪو خوابن جو.
چمڪيو رخ مهتابن جو.

پريت جي ريت ڏکاري آ،
پنهنجا ڳوڙها پاڻ ئي اگهه،
ڪونهي ڇيهه حسابن جو.
چمڪيو رخ مهتابن جو.

صحرائن جي خاڪ اندر،
وجود ذروئي هو ليڪن،
ڏس مليو ٿي نخلستانن جو.
چمڪيو رخ مهتابن جو.

هر اکر ڪوڙ ئي لکيوهو پر،
ڪو ڪِليو، ڪو رنو ڀي ته هو،
ڪنهن ته ڳس لڌو ڱلستانن جو،
چمڪيو رخ مهتابن جو.

ڌرتيءَ پنهنجا پير ڇنڊيا
مان اڏريس ڪڪ پن وانگر
منهنجو گهر هو هوائن جو.
چمڪيو رخ مهتابن جو.

نظم

منهنجو جيون آهي جهاڳ،
تنهنجو جيون مرڪن ماڳ.

منهنجو جيون ڀر تون،
تنهنجو جيون قدرتون.

منهنجو جيون اماس رات،
تنهنجو جيون روشن رات.

منهنجو جيون آهي اويلو،
تنهنجو جيون نئون نويلو.

منهنجو جيون ڪليل ڪتاب،
تنهنجو جيون آ بند باب.

منهنجو جيون آ آلاپ،
تنهنجو جيون ديپڪ راڳ.

منهنجو جيون ڳس اجايا،
تنهنجو جيون سانگ سجايا.

آءُ اڌوري جڻ ته ڪهاڻي،
تنهنجي دنيا رنگن هاڻي.

منهنجو جيون لڏندڙ پتو،
تو آهين آڪاش جو رستو.

غزل

پر ڪٽيل پنڇيءَ جا خواب،
زخمي ڪنهن هرڻيءَ جا خواب.

رستي تان ڪنڌا ميڙي،
مون پوکيا موتئي جا خواب.

ڪنهن هيڻن ڪونج ڏٺا هوندا،
ريشم جي ڏوريءَ جا خواب.

خوابن ۾ انسان رچي ويو،
هاڻ ڏسي مرتئي جا خواب.

روپ بہ هوءَ ٻهروپ بہ هوءَ،
ڳوڙهامين ٻتيءَ جا خواب.

پاڻ مٽيءَ جا ماڻهون، سو
ڪيئن ڏِسون شيشي جا خواب

نيٺ تہ خوشبو لهرون ٿيندي،
"ڪنول" ڏٺا مکڙيءَ جا خواب.

نالو: وينگس راڄپ

ادبي نالو: وينگس سومرو

جنم تاريخ: 23 فيبروري 1985ع

لکڻ جي شروعات 2000ع

تعليم: فرسٽ ايئر.

ڪرت: تعليم حاصل ڪرڻ

ڏس پتو: عظيم ڪالوني نواب شاهه

"منهنجو گهر"

پنهنجي گهر ۾
پنهنجي بابا ۽ امان جا
پنج گل آهيون اسين
منهنجي گهر ۾
ٻڙ جيان ڏاڏي آ منهنجي
منهنجو ڏاڏو
آ پکيڙي جيان اڏامي ويو اتهيءَ تان.
منهنجي گهر جو هي سفر
پير ڪٽندو خير سان اڳتي وڌي
شال منهنجي گهر مٿان
ڪين ڪي جهولو لڳي
شال منهنجي ڀاءُ جي ٽهڪن جيان
مُرڪندو هي گهر رهي.

شڪ

مان نہ موم،
۽ نہ منهنجي پرينءَ سُوم.

مان نہ سوم
۽ نہ منهنجي پرينءَ موم

پر جڏهن ٻئي ٻهڙون،
صبح جو ڪڪر جي انون ٿيون،
پر الائي؟

منهنجي ننڍڙي ذهن ۾
ٿو سُوال جاڳي،
ڪا ته سومل آ اسان ۾
ڪا ته مومل آ اسان ۾.

ڇوڪري

هيءَ بابا جو ڪمرو به ڄڻ
آهي ڪا ڪائنات
منجهس ڏيهه پرڏيهه جون،
روز ڳالهيون ٿين ٿيون.
سون ليکڪن بجا ٿين ميڙ ٿا،
مگر سنڌ جي ڪنڊ جي،
آهي هيءَ ڪائنات،
مڃان ڇوڪرو ها.
ته آءٌ به بنجي پکي،
ساڻ ڳڌجي ويهان ها!
۽ ساڻن ويهي ڏيهه پرڏيهه جون،
مان به ڳالهيون ڪريان ها.

سورج شاخون کیون



نالو: عباس علي شاهه
ادبي نالو: خادم عباس شاهه
جنم تاريخ: 15-10-1977
لکڻ جي شروعات: 1990/91
تعليم: بي.اي..
ڪرت: زميندار
اڻ ڇپيل ڪتاب: ڪوڙ سارو مواد
تنظيم سان وابستگي:
ڏس پتو: بنگلو سيد امجد حيدر شاهه
نزد، خوجه گارڊن نوابشاهه سنڌ.

غزل

سامهون اچين ٿو سهڻا پاڻ کي سينگاري،
ملڻ، ٽلڻ، ملڻ تنهنجو مرڪڻ ٿو ماري،

جيڪو ڏسي سو ٿو ڇڏي خُود کي وساري،
ملڻ، ٽلڻ، ملڻ تنهنجو مرڪڻ ٿو ماري،

پاسُ ڇڏين ٿو مٺا هڪ پل ۾ تون ڳاري،
ملڻ، ٽلڻ، ملڻ تنهنجو مرڪڻ ٿو ماري،

مــنــڙا عــبــاس جي وٺين دل تون ڏٺاري
ملڻ، ٽلڻ، ملڻ تنهنجو مرڪڻ ٿو ماري،

پيـــار جتي ملندو آهي پڪڙا اتي اڏيندا آهيـــون
مـــحـــبـــتي مـــاتهـــون ســـڏيندا آهيـــون.

پيار ســوا اســان جي هاٿي ڪون ســري ٿي الله جاڻي
پيـــار جتي ملندو آهي پڪڙا اتي اڏيندا آهيـــون

ڪافي

سڪ جا اسان سڪايل هون محبت جا اسان ماريل هون
پيـــار جتي ملندو آهي پڪڙا اتي اڏيندا آهيـــون.

پيار وارن تي عباس علي شاهه ڏيندا آهيون پنهنجو ساهه
پيـــار جتي ملندو آهي پڪڙا اتي اڏيندا آهيـــون.

ڪافي

تنهنجي ڪيئن ٿي يار سري
مـــون ڪـــان ڌار صنم مـــون ڪي ســـبڪار صنم

ڪيئن ٿي ڪجي پڪي دلڙي مٺا،
مون ڪي پـہ اهو تون ٿي ٻڌاءِ وسري ٿو ڪيئن پيار صنم
مون ڪي پـہ اهو سيڪار صنم
هت آ جدائي ڪي جالڻ ڏکيو، ڪيئن ٿو رهڻ تون تنهن پر سکيو
وساري سڀني اقرار صنم
مون ڪي پـہ اهو سيڪار صنم
ڏاڍو ڏکيو آ عباس مي جيئڻ سهڻي ساٿي ڪان ڌار رهڻ
ڪيئن ڪيان سولا آزار صنم
مون ڪي پـہ اهو سيڪار صنم

پٽر تہ ناميان ساجن مان ڪيئن ياد ڪي تنهنجي وساري ويهان
من جي دوري مبارڪ توڪي پرين مان سڪ ۾ تنهنجي پيو تو جيئان

ڪڏهن تہ اسان وٽ خوشيون هون ڪڏهن تہ اسان وٽ ميلا ها
ماڻي روئڻ ڪان دل ڪي پنهنجي جاني روڪي بہ تئو مان سگهان.

غزل

روئي ياد تا ڪن ٿي لڙڪ منهنجا جو ٿئا وڏن قدم تنهنجا
اڃان آس آ دل ڪي ايندين تون هر روز تو راهہ تنهنجي تي ويهان.

مان سڀ ڪي ڏسيان تو درد ماڻي پر ڪير بہ نئو عشق چاڻي،
پنهنجون آنهون دانهون عباس علي شاهہ پيو امرت سمجهي پاڻ پيئان.

تو ڏي هڪڙي آ منهنجي ميار،
ڪهڙ ملندو آن تون مون سان دلدار

جنهن دل سان ڪجهہ ڏينهن گذاريئي،
تنهن دل ڏي چو پنڌ وساريئي
ڪجهہ لهندو بہ ڪر منهنجي سار.

ڪافي

قسمت سان آ ٿيندي ياراني،
ختم تہ ڪرتون پيار ڪهاڻي
ڏينديئي ماڻهو مهڻا هزار.

"عباس علي شاهہ الغم چا حياتي،
ڪا جي گذاريون عمر هي باقي،
ناهي ساهہ تي ڪو اعتبار.

نالو: ذوالفقار علي عباسي
ادبي نالو: ذولفي
جنم تاريخ: پهرين آڪٽوبر 1962ع
لکڻ جي شروعات: 2000ع کان
تعليم: ايم اي (پوليٽيڪل سائنس)،
ايم.اي(اڪناميڪس)، ايل ايل.بي.
ڪرت: بينڪنگ (بينڪر)
اڻ ڇپيل: ڪيترو ئي مواد
تنظيم سان وابستگي:
ڏس پتو: چيف مئنيجر
بئنڪ الحبيب لميٽيڊ، صدر، حيدرآباد.
فون: 785809، 785803، 785541، (0221)

غزل

ڏکايل مان آهيان، ڏکايل مان آهيان،
ستايو نہ مونکي، ستايل مان آهيان.

ڪٺي شوخ نظرون، نهاريو نہ مون ڏي،
اصل کان انهن جو ئي، گهايل مان آهيان.

زماني وارن کي، ڪريو تاڪيد چو تا،
انهن کان اڳئي جو، ڀلايل مان آهيان.

اڃان تائين دلڙيون، ڳنڍيل پنهنجون آهن،
تڏهن هر ذڪر ۾، سمايل مان آهيان.

منهنجي درد جو تي، نہ ڪاٿو ڪو سگهندو،
زماني جو "زلفي"، ڏکايل مان آهيان.

غزل

نهاريو نہ مون ڏي، نهاري ڪين سگهندس،
واجهايو نہ مون ڏي واجهائي ڪين سگهندس.

سڄڻ ڪو مونکان، واعدو نہ وٺجو،
انهن واعدن سان، نڀائي ڪين سگهندس.

وڃڻ وقت مون کي، خدا حافظ نہ چئجو،
سڄڻ اوهان کان،موڪلائي ڪين سگهندس.

ڏٺي ديد ديدن ۾، ڪيوَ قرب ڪيترا،
اوهان جي اکين کي، ڀلائي ڪين سگهندس.

اوهان جي اچڻ جا، ڪيم انتظار ڪيترا،
انهن انتظارن کان منهن مٽائي ڪين سگهندس.

وڃڻ وقت هر هر، پوئتي نہ ڏسجو،
اکين کي روئڻ کان بيهاري ڪين سگهندس.

خدا جو قسم تو ذلفي کي پيهر نہ ڏسجو،
ورنہ عباسي اوهان کي ڀلائي ڪين سگهندو.

غزل

اسانجي تون خيالن جو مٿي محور رهين جو ٿي،
ڪري تعريف تون منهنجي گهڻي شهرت ڪرين جو ٿي.

اسانجي روز عيبن ڏي اجايو ڇو نهارين ٿي
چڱا آهيون برا آهيون تنهنجا آهيون ڇڏين ڇوٿي.

اوهانجي امتحانن جو اڃان آ سلسلو جاري،
حياتي امتحانن ۾ منڌل منهنجي رکين جو ٿي.

نہ پهريون پيار مون کان آ اڃان وسري سگهيو جيڪو،
اهو ئي پيار پنهنجو ڏس وسارڻ تون گهرين جو ٿي

ستائين ٿي چلايان تو جلائين ٿي تہ تڙپان ٿو،
جدائيءَ جا ڏئي ڏکڙا ختم مون کي ڪرين ڇوٿي.

صبح کان ٿي منجهند تائين ۽ ويندين رات پر زلعي،
مثل سائي رهون تا گل عباسيءَ کي ڇڏين ڇو ٿي

Soorih Mirani

بنهه خوبصورت اکيون يار تنهنجون.
جيئڻ لاءِ حسرت اکيون يار تنهنجون.

سدائين محبت سان سرشار آهن،
نہ ڄاڻن تيون نفرت اکيون يار تنهنجون.

جڏهن پنهنجون نظرون اسان ڏي کڻو ٿا،
وڌائن ٿيون چاهت اکيون يار تنهنجون.

دنيا. مال، ملکيت ڪريان ڇاماں زلفي،
مون لئہ ڏن دولت اکيون يار تنهنجون.

جڏهن ڪنهن کان منهنجو تون مُرکي پڇين ٿو،
تہ پڇن ٿيون قربت اکيون يار تنهنجون.

غزل

ڏيئو ٻاري وينو هان.
توکي ساري وينو هان.

توکي سازيندي او سائين،
پاڻ وساري وينو هان.

تو ڏي مولا خير ڪري،
رب کي سنياري وينو هان.

اکيون اچان پي آليون آهن،
هنجون هاري وينو هان.

تنهنجي آدابن لئي پيارا،
سونهن سنواري وينو هان.

وس جو پنهنجي ناهيان جاني،
ٿالو ٺاري وينو هان.

توکي وسريل واعدا زلفي،
ياد ڏياري وينو هان.

نالو: عبدالغفار ميراڻي
ادبي نالو: "امر" ميراڻي
جنم تاريخ: 18 نومبر 1969ع
لکڻ جي شروعات: 1991ع کان
تعليم: ايم. ڪام،
ڪرت: ذاتي ڪاروبار
ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڪوڙ ساري شاعري
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت شاخ نواب شاهه.
ڏس پتو: ١. ڳوٺ پيرو لکمير نزد ايئرپورٽ ڪالوني نواب شاهه.
٢. شهباز اسٽيٽ ايجنسي ڪورٽ روڊ نواب شاهه سنڌ

غزل

ڪجي زندگيءَ سان ڪهڙو پيار،
وڏو زندگي يار آهي آزار !

جا ٻه گهڙي ملي آ درد ڏنا اٿس،
لکيل آ مقدر ۾ جو ان کان ڪهڙو انڪار !

ڪنهن سان ويهي تنهنجا سور سليان،
هت سڀ ڪوءَ آ جڻ اَجڙيل سنسار !

هڪوار ڪٿي زندگي سان پيار ٻه ڪيون،
ڇڏي سات وڃي، ان تي ڪهڙو اعتبار !

زندگي هڪ عارضي سپنو "امر"
اَن لئه ڪيون ڪهڙا هار سينگار!

بيت

سوين أيرندا سج، سوين ٽيِنديون شامون،
منهنجي تون سامهون، هجين حياتي سجي!

هن عشق جي هٿان، ڪيڏا آهيون مجبور!
سچڻ صدما ۾ سور، مليا تنهنجي محبت ۾!

نيٺ ويندا گــذري، وڇوڙي جا ڏينهن،
ڪــٽي ايندو نينهن، سنديســو سڪ جو!

توکي ٽــو چوان سچ، برو ٽــو يــانئين،
شـايدتون ناهين، مـاڻهو ڪو محـبتي!

ڪاهل چڱ ڪاهلي، اٿ تون ســوير،
متـان ٿئي دير، روئندو رهين عمـر ڀر!

وائي

خوشبو ڦهلي هوائن ۾،
تنهنجي اچڻ سان !

ڪيـڏو ٿي پيــو آ،
إعـتـبـار وفـائن ۾،
تنهنجي اچڻ سان !

چڙي پيــو بحث اڄ،
دل جي ايــوانــن ۾،
تنهنجي اچڻ سان !

أمــيـدن جا لٽل سج،
أيـريا آهن نگاهن ۾،
تنهنجي اچڻ سان !

هائيڪا

ڀٽائي جي وائي
سمجهيو تنهن سچ ڪي
جنهن آ ڳائي.

مارو منهنجا مِٺ
سچي آهي جيئڻ
ڀٽائي جي سِٽ

خالي کُنو
ڏسي ابهر ٻار
وري رُنو.

چوري ڇني
اڪيلي کُنڊ ۾
پئي رُني.

مارئي جوٽر
ٻڌجي ويو سارو
ڏڪر جو گهر.

نثري نظم

"هڪ نه وسرندڙ ڇوڪري"
او جانان !
مان
اڄ به توکي وساري نه سگهيو آهيان
شايد
ڪڏهن به توکي
وساري نه سگهندس
ڇاڪاڻ ته
تنهنجون يادون
ڪنهن ناچڻي جي پيرن ۾
ٻڌل ڇير وانگر
من جي پڙر تي
ڇمڪنديون رهن ٿيون
۽
تنهنجا خواب
منهنجي اکڙين جي آڪاش تي
ڪنهن رولاڪ ڪبوتر وانگر
چاهت جا چڪر
ڪٽيندا رهن ٿا
پر جانان
تنهنجا پوپٽ
اکڙين جي گلابن مان
اڏامي هليا ويا آهن
يادن جي ڪنهن پٿر شهر
تنهائي
درد جي هن سفر ۾
واسينگ ناڳ وانگر
ڏنگڻ لڳي آ
۽
پڇڻ لڳي آ انيڪ سوال
تنهنجي باري ۾ جانان
تنهن پل
منهنجو پيار پاڳل ٿئي ٿو
توکي پڪاري ٿو
پاڻ کي جياري ٿو
ڪنهن اڻپوري آس تي
پر
تون مونکان دور
پيار منهنجو مجبور
پيار منهنجو مجبور.....!



نالو: ظهير حسين زرداري
ولد منا خان زرداري
ادبي نالو: ظهير زرداري
جنم تاريخ: 1 آڪٽوبر 1962ع
لکڻ جي شروعات: 1979ع
تعليم: ايم. اي. (اسلامڪ ڪلچر
ڪرت: درس ۽ تدريس
اڻ ڇپيل: ڪوڙ ساري شاعري
تنظيم سان وابستگي:
ڏس پتو: سنڌ ميڊيڪل اسٽور عظيم
ڪالوني نواب شاهه سنڌ.

غزل

اسان سان اچي يار مل تون،
وري ڪا ڪري سار مل تون.

نه منهنجي سوا تو سري ٿي،
دکي دل سان دلدار مل تون.

نه نفرت چڱي ٿيندي آ،
محبت ڀر منٺار مل تون.

اڪيلائي مون کي ٿي ماري
نه ڪر ايتري خار مل تون.

تو راهون نهاري "ظهير"
مڃي هاڻ ڪا هار مل تون.

غزل

مان توکي ڪجھہ چوڻ ٿو چاهيان،
توسان ڀيهر ملڻ ٿو چاهيان.

پيار جو تو پاپ آ سمجهيو،
ڳالهہ اهائي پڇڻ ٿو چاهيان.

معافي خطا جي تو کان وٺندي،
پيرين تنهنجي پوڻ ٿو چاهيان.

چا بہ سمجھہ "ظهير" آ تنهنجو،
اهڙي پڪ ڏيڻ ٿو چاهيان.

غزل

عشق تنهنجي لاچار ڪيو آ،
هر هر وينو يار رڙان مان.

پيار تنهنجي ۾ چريو چوايان،
تو نہ ڪڏهين اعتبار ڪيو آ

عشق تنهنجي ۾ روز رڙان ٿو،
تو نہ ڪڏهين ويچار ڪيو آ.

"ظهير" چوي مون کي ير ۾ ويهاري،
تو نہ ڪڏهين مونسان پيار ڪيو آ.

غزل

منهنجيون ڳالهيون ٻڌندو هوندين،
سوچ ۾ ٻڏجي ويندو هوندين.

گيت غزل ۽ شعر بہ منهنجا،
بعضي بعضي پڙهندو هوندين.

هڏکي ويل پيارا واقعي،
نالومنهنجو وٺندو هوندين.

ڳالهيون منهنجون ياد ڪري تون،
تهڪن کان پوءِ رئندو هوندين.

"ظهير" چوي ميندي رتڙا،
منهنجا هتڙا ڏسندو هوندين.

وائي

مونکي آ منتار وو الا،
اکڙيون تنهنجون واٽون ڏسن ٿيون.

تنهنجي ڪري سهڻل سائين،
سارو ڇڏير سنسار وو الا.
اکڙيون تنهنجون واٽون ڏسن ٿيون.

هيڪر هلي آ يار پيارا،
منهنجي اڱڻ هڪوار وو الا.
اکڙيون تنهنجون واٽون ڏسن ٿيون.

"ظهير" چوي هن ساري جڳ ۾،
ناهي ٻيو ڪو يار وو الا.
اکڙيون تنهنجون واٽون ڏسن ٿيون.

نالو: سليم جان آريجو
ادبي نالو: سليم جان آريجو
جنم تاريخ: 14-08-1974
لکڻ جي شروعات: 1994
تعليم: مئٽرڪ.
ڪرت: دُڪاندار
ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڪوڙ سارو مواد
تنظيم سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه
ڏس پتو: نصرالله ملاح دولت ڪالوني نواب شاهه
فون: 62540

گيت

قسم اچي ٿيا،
منڙا قسم اچي ٿيا،

اڄ تون ڪاش پرين وري وطن ڏي،
پوري ٿي آس پوءِ پلي تون ڪفن ڏي،
ايڏو نہ ستاءِ، منڙا قسم اچي ٿيا،

ڏکن سندو ڏينهن سوزن سندي رات،
وهن اکيون مينهن توکي ڪري ياد
مونکي اچي بچاءِ منڙا قسم اچي ٿيا،

هڪڙي ڳالهہ مڃ سهڻا هڪڙو ٻيرو ٻڇ،
سليم کي گهراءِ يا پاڻ ٿي وڃ
فيصلو ڪري ڇڏ، منڙا قسم اچي ٿيا،

غزل

جفائن تنهنجي آ ماري وڌو،
سزائن تنهنجي، آ ماري وڌو.

منا دل تنهنجي تہ آ ديواني،
ادائن تنهنجي، آ ماري وڌو.

خطا هڪڙيءَ جي آ معافي ملندي،
خطائن تنهنجي، آ ماري وڌو.

منا جي وِجان بہ ڇڏين تون نہ تو،
صدائن تنهنجي، آ ماري وڌو.

نہ تا چئي سليم اسان ڪجهہ سگهئون،
وفائن تنهنجي، آ ماري وڌو.

وائي

مونکي موت اچي تنهنجي ٻانهن ۾
اها دل جي آس آ منهنجي صنم.

منهنجا نيڻ هجن تنهنجا پير هجن،
منهنجي قبر هجي تنهنجي راهن ۾
اها دل جي آس آ منهنجي صنم.

گهر تون ڪا دعا مٺي مري مان وِجان،
رهيو ناهي اثر منهنجي آهن ۾،
اها دل جي آس آ منهنجي صنم.

تنهنجو آريجو هي سليم سڪي
بس رهڻ ٿو چاهي تنهنجي پناهن ۾
اها دل جي آس آ منهنجي صنم.
اها دل جي آس آ منهنجي صنم.

اسان پاڻ پنهنجو نياڻي ويندا سين،
پرين دل هي اجڙيل وسائي ويندا سين.

آ تيندو منا ڏک پر تي ڏينهن ڏاڍو،
کلي پر محفل سجائي ويندا سين.

نه تا جي مچن هو اسان جي ڪا آزي،
اسان ٿي ڪٿي ڪنڌ جهڪائي ويندا سين.

أسان روئي روئي ڪيا حال هيٺا،
مگر توکي جاني کِلائي ويندا سين.

سليم کي تو جي ڏنا ڏک اي پيارا،
دفن سي ڪري سڀ ڀلائي ويندا سين.

غزل

ڪڏهن ته ٻانهن جا هار ڏنائين،
ڪڏهن گل بدلي خار ڏنائين.

دل ڀي نه سمجهي سگهي آهي،
مخفي سدا جنهن کي مار ڏنائين.

هر هر ته جُهڪيو مان هيس ني،
تڏهن ته لڳو هي آزار ڏنائين.

ٻاراڻو کيل مَن سمجهي پيار کي،
سورن ۾ سترجا انبار ڏنائين.

مرهم ته ڪاڻ هنيائين زخمن کي،
ويتر ڦٽ مونکي هزار ڏنائين.

"سليم" نه ساقي سچو آ توسان،
ڪڏهن نه پيگ تب تار ڏنائين.

غزل

نالو: احسان علي جمالي
ادبي نالو: احسان حيدري
جنم تاريخ: 1-2-1966
لکڻ جي شروعات: 1978ع
تعليم: انٽر پاس،
ڪرت: سرڪاري ملازم
اڻ ڇپيل ڪتاب: نيٺ ته پرندي لاٽ
تنظيم سان وابستگي: پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن نواب شاهه (ٽائون)
ڏس پتو: ڳوٺ سيد خير شاهه ديهه 42 داد تعلقه/ضلع نواب شاهه.

غزل

لکي خط اچڻ جو وچن تو نہ پاريو،
ڇيڳي پر ملڻ جو وچن تونہ پاريو.

پلي سر وجي تان اهو هاڻ گهوريو،
صفا گهر چڙڻ جو وچن تونہ پاريو.

لکي سچ هلڻ ۽ نکي پوءِ موٽڻ
رفاقت ڪرڻ جو وچن تونہ پاريو.

صداقت سچن ۾ رهي يار ناهي،
بيان حق ڏيڻ جو وچن تونہ پاريو.

هلي وڃ اسان سان سکيو شالَ هوندين،
وڃي ٻڪ ڳهڻ جو وچن تونہ پاريو.

ڪٺي آهي احسان جاني اياٺو،
صفا جهٽ پڇڻ جو وچن تونہ پاريو.

ڪانگل ٻڌاءِ مــون کي اڄ يار ڇو نہ آيو.
جنهن لاءِ ٿو سڪان مان منٺار ڇو نہ آيو.

ان جي تہ ياد مـون کي وسـري نٿي سگهي،
رب خيــر شل ڪري اڄ دلدار ڇو نہ آيو.

ديدون ڏسڻ لاءِ دلبر آتيون آهن اصل کان،
کهــڙي سـبب الئي سـرڪار ڇو نہ آيو.

ٿڪجي گهري گهري مان آهيان پيو دعائون،
ڪنهن کان پلا پڇان مان مهندار ڇو نہ آيو.

احسان علي سان ايڏي ڪاوڙ نٿي لهي پو،
ڪـولي ٻڌاءِ ڪانگا غـمـخوار ڇو نہ آيو.

غزل

مــاهر و مــرڪي ملي چين ٿي چوري ڪري
ناز مان نظرون ڪٽي ڪوس هي ڪوري ڪري

ڇوهہ مــانَ ڇلڪي ڇري وار ٿي ڪـولي ٻڌهن،
واسـجي وينل وڃن مـشق جي ٿـوري ڪري.

راهہ ويندن تي رحم ڪونہ ٿـو ان کي اچي،
خوبرو آخويتــر فــڪــرنا فـوري ڪري.

جو ملڻ هن جي وٺان خوب ٿي ڪيچل ڪري،
ٿي ڇمي ڇيپڙا ڇري، جان ٿي گهوري ڪري.

ٿي ڏسي لوڪان لڪي اوٽ مان احسان اڄ،
ڪانہ پو اڪ ڪيي پيهـــ ڇوري ڪري.

غزل

ڪافي

تنهنجا نين، عجب اسراري وو.
تنهنجا ڪاڪل ڏاڍا ڪهاري وو.

تنهنجي ڪارن ڪارن وارن ۾،
آهي ڏاڍو مزو رخسارن ۾.
ڪر هاڻي اڄڻ جي تياري وو.
تنهنجا نين، عجب اسراري وو.

آهي راز لڪل وڏو وارن ۾،
آهين چنڊ مثل تون تارن ۾.
آهي باھ برھ تنهنجي ٻاري وو.
تنهنجا نين، عجب اسراري وو.

آهين نج نسل جي ناري تون
ليليٰ وانگر رنگ جي ڪاري تون،
ڪا دوست ڏيو دلداري وو.
تنهنجا نين، عجب اسراري وو.

احسان مثان ڪر قياس ڪيو،
منهنجون غلطيون ڪئي هڙ معاف ڪيو.
آهي توکي صبر منهنجي ساري وو.
تنهنجا نين، عجب اسراري وو.

گيت

رمجهر رمجهر مينهن وسي شل،
واھ جو بادل پرجي آيا.
ڪوڪ ڪري اهو چيو ڪوئل
واھ جو بادل پرجي آيا
ساوڻ سبز نہ کھڙا لايا.
واھ جو مولا مينهن وسايا
جاڳو سيڻي ننڊ مان ستل
واھ جو بادل پرجي آيا
رنگ نسل جي ڳالھ نا ڪائي
منڊ ملڻ جي واھ جو آئي،
ويٺي وڻن تي ڳائي بلبل
واھ جو بادل پرجي آيا.

واھ جو مولا ولهرايون وسايون،
اڄو گيت خوشي جا گڏجي ڳايون،
ڏوهي ويڙا برٿر ۽ جبل،
واھ جوبادل پرجي آيا.

نالو: رشيد احمد زرداري
ادبي نالو: رشيد "راز"
جنم تاريخ: 23-03-1966
لکڻ جي شروعات: 1978ع
تعليم: B.E (Civil), M.A (Pol: Sc:)

ڪرت: سرڪاري ملازمت
اڻ ڇپيل: ڪوڙ ساري شاعري
تنظيم سان وابستگي:
ڏس پتو: گهر نمبر 25 سلطان شاهه ڪالوني، ڪاري موري حيدرآباد.
مستقل پتو: ڳوٺ راڻو خان زرداري، ديهه 26 الف نصرت پوسٽ آفيس
ڄام صاحب تعلقه و نواب شاهه

غزل

ڪي نه ڪجهه ٻيو اسانکي فقط اقرارِ يار کپي،
نه زر کپي نه دولت کپي دلبر سندو ديدار کپي.

حياتي گهٽڻو ٿي آ صدمن ۾ گذري،
سڪون کپي ۽ چند گهڙين جو قرار کپي.

ٻڌايون حالِ دل جنهن کي ٿا، ٿئي ٿو سوئي دشمن،
اسان کي پندرهين صدي ۾ اعتبار کپي.

رکڻ اميد ڪنهن ۾ ته واقعي بيوقوفي آ،
انهيءَ ڳالهه جو دلِ نادان کي اپتار کپي.

چئن گهڙين جي چاهت لاءِ رلياسون عمر سڄي،
هاڻي ته ڏکجي پياسين ڪو وصل سندو وهنوار کپي.

اجڙيل ڏسي چمن کي اڄ بلبل به روئي ڏنو،
خزان وڃي چمن مان هلي اسانکي بس بهار کپي.

سدائين تنهنجي لبن تي ته انڪار آهي پيارا،
ٿئون ڪو تنهنجي واتان ڇيل اقرار کپي.

"راز" رکي جو دل ۾ ڳالهين به ٿي ڪجهه جون،
اهڙو اسانکي ساٿي ڪو رازدار کپي.

ياد آهين يار تون، اڄ بہ گـــذريل ڪالهہ وانگر
تولئہ ڪيا پار مـون. اڄ بہ گـذريل ڪالهہ وانگر.

درد ڏڪـائي دل ۾ دلبـر پوءِ نہ پڇين ٿـو حـال تون،
گوندر غم چوڌار مـون. اڄ بہ گـذريل ڪالهہ وانگر.

غزل

هاڻي هلي آ هيڪـر سـهڻا، لائين ڇو ٿـو سـال تون،
هي حـيـاتي بار مـون. اڄ بہ گـذريل ڪالهہ وانگر.

در تان ڏيئي دڙڪا دلبـــر، ڇڳي هلئين چال تون،
"راز" سٺا سور سئو وار مـون. اڄ بہ گـذريل ڪالهہ

غزل

نيڻ پون ٿـا منهنجا ڇلڪي، ڳوڙها ڳل تان ڳاڙيان ٿـو.
آءَ سکهـو تہ هي هانو ٺـري، سـاجن توکي سـاريان ٿـو.

آس اندر ۾ توکي ڏسڻ جي، مرکي توسان محب ملڻ جي،
تنهنجي اچڻ جي اوسـيـئـڙي ۾ اندر پنهنجو اجاريان ٿـو.

جيءَ جڏهن ڪي جهرندي پانيا، يار تنهنجي ۾ وقت وهايان،
ڏيئي دم دلاسـا دل کي، ڳڻتين منجهہ مـان ڳاريان ٿـو.

ڏينهن گذري ڏاڍو ڏکيو، ڪوند سمهان مان سانجهي سکيو،
تارا تکـيندي تولئہ دلبـر، روئي رات گـذاريان ٿـو.

هلي اڄ تون هيـڪـر جاني، ڪر ملڻ سندي مـهـرباني،
ويهي روز مـــان واٽن تي، راهون "راز" نهـاريان ٿـو.

چنوسٽا

سڪندي نہ ائين سلا ٿئي ها،
نہ ٿي هيٺو منهنجو حال ٿئي ها،
جي سار لهين ها سهڻا تون،
بيشڪ ڀلو منهنجو ڀال ٿئي ها.

ناراض نہ ٿي تہ هڪ ڳالهہ چوان،
پيارا لڳين ٿو ڏاڍو پيارو،
تنهنجي هڪ ديدار لاءِ ايندس،
ڇڏي جهان مي ساٿي سارو.

ڇو ٿو چورين راز ڪي، هيءَ راز وڏو هڪ راز آ،
ڳالهہ انهيءَ ٻر رکيل، مان سمجهان ٿو ڪو راز آ،
سُرڪي ڏئي سڪ جي، روليو ڇو تو راز ڪي،
فرق ڪوئي ڪو نہ پيو هي راز اهو ئي راز آ.

تقاضا آهي وقت جي، ٿي جدا ٿئي وڃون،
پرين پنهنجي پيار تان، ٿي فدا ٿئي وڃون،
چون ٿا ڇگو نامي گهڻو گڏ رهڻ اي "راز"
هاڻي رسي ڪنهن ڳالهہ تان ٿي خفا ٿئي وڃون.

نالو: غلام أصغر مغل

ادبي نالو: غلام اصغر

جنم تاريخ: 01-8-1976

لکڻ جي شروعات: 1991ع

تعليم. بي. ڪام (گريجوئيٽ)،

ڪرت: شاگرد ۽ استاد

اڻ ڇپيل ڪتاب: پارس (ناول)

تنظيم سان وابستگي: صدر اسپيشل پرسنز ويلفيئر ايسوسيئيشن.

ڏس پتو: گهر نمبر 1065 مريم روڊ نزد مڊل ماڊل اسڪول نواب شاهه سنڌ.

٢. صدر نواب شاهه بلڊ ڊونرس ايسوسيئيشن نواب شاهه.

غزل

ماضيءَ ڪي مان جيئڻ ڏسان ٿو
پيار جا ڏينهڙا ياد ڪريان ٿو.

تنهنجا مونسان حسين واعدا،
ياد ڪريان ٿو، دل ۾ جلان ٿو.

تنهنجو تصور، راتيون جاڳي،
ڳوڙهن سان مان وهنجان ٿو.

توسان ملڻ لئہ دل گهري ٿي،
تنهنجي مان تصوير ڏسان ٿو.

توکي ڪهڙي ڄاڻ تہ تو بن،
پنهنجي دل ڪيئن بهلايان ٿو.

تون جي سامهون ناهين أصغر
ڏيئي وانگر آءٌ ٻران ٿو.

غزل

لوڪ چوي ٿو پيار نہ ڪرتون،
چاهت جو اظهار نہ ڪر تون.

ڪاٿہ وفا هت ڪانہ رهي آ،
غيرن تي اعتبار نہ ڪر تون.

شايد هُن کي اچڻو ناهي،
هاڻ گهڻو اِنتظار نہ ڪر تون.

محبت جي تاريخ ڏکي آ،
اهڙو ڪو ويچار نہ ڪر تون.

محبت جي راهن ۾ اصغر،
موت ملي انڪار نہ ڪر تون.

نالو: يار محمد چانڊيو.
ادبي نالو: وفا
جنم تاريخ: 1975
لکڻ جي شروعات: 1994
تعليم: مئٽرڪ
ڪرت: ٽيلر ماسٽر
ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڪوڙ سارو مواد
تنظيم سان وابستگي:
ڏس پتو: پيرا ڊائير ٽيلرز سوسائٽي نواب شاهه سنڌ.

غزل

ڏاڍو مونکي سارﻳﻮ هوندئي،
ڪچ هانوَ جو ڪاريو هوندئي.

آئي ياد جڏهن منهنجي هوندئي،
تنها تنها گهاريو هوندئي.

روئندي مون لاءِ رات سڄي،
پنهنجو پاند، پُسايو هوندئي.

دل وندرائڻ خاطر منهنجو،
ڪو گيت نئون ڳايو هوندئي.

روز صبح جو در تون کولي،
ليئو مون لاءِ پايو هوندئي.

ڪئي تو بن هوندي عيد وفا،
ءِ ويس نه ڪو مَتايو هوندئي.

غزل

اڻپورا ارمان اسان جا،
ڪيڏا ٿيا نقصان اسان جا.

ڪيڏيون نہ پڄجي ويون بندشون،
ٿي نہ سگهيا مهمان اسان جا.

راهہ ويندڙ ويندا رهيا،
وستا ٿيا ويران اسان جا.

ڪنهن نہ پڇيو پڪ لازم هوندئي،
هوندا ڪي مهربان اسان جا.

هوءَ وساري ويٺي رهي آ،
آخر سڀ احسان اسان جا.

ڪيئن نہ هوندا ياد وفا ڪي،
ميترو ۽ ڪجهہ پان اسان جا.

ڪافي

گهٽا ڏينهن ٿي ويا ڏسڻ ڪو نہ آئين،
مون سان منهنجا منڙا ملڻ ڪونہ آئين.

سوا تنهنجي منهنجي سري ڪيئن پيارا،
ڪريان پيو غمن ۾ مڙو ٿي گذارا،
پورا پنهنجا واعدا ڪرڻ ڪونہ آئين.

طبيب بہ دارون ڪيو ڪونہ منهنجو،
منا مان وڃان ٿو ڇڏيو ديس تنهنجو،
وڃڻ جي گهڙيءَ ۾ سڄڻ ڪونہ آئين.

ڇڏيو تو "وفا" ڪي پلا چو وساري،
جيئي هاڻي چالديو چئہ ڪنهن جي سهاري،
پرين حال جنهن جا پڇڻ ڪونہ آئين.

غزل

تون جي ويندين روئي پوندس،
ڏار جي رهندين روئي پوندس.

تو بن منهنجو ڪير آ سائين،
تون بہ نہ ٿيندين روئي پوندس.

ايڏو چو ٿو يار ستائين،
ڏک جي ڏيندين روئي پوندس.

دل جو ڏاڍو نازڪ آهيان،
ڪلندين ڪلندين روئي پوندس.

وطني

رهڻ ڪيئن توکان ڌار
لڳل آهي تنهنجي لار
او سلتوري.

تنهنجون پيارون وانگر تنهنجا،
انگل وٽون تنها آر
او سلتوري.

ڪيئن جلين سان توکي ويندس،
پيار پرين هن پيار
او سلتوري.

ڪونه ڪسان توکي جيڪر،
تنهنجي وهن تنها ٿار
او سلتوري.

ڪير وفا جي توبن سيرين،
لهندو سارا ستيار
او سلتوري.

تالو: عباس علي پتي
ادبي تالو: علي عباس
جنم تاريخ: 15-08-1963
لکڻ جي شروعات: 1988ع
تعليم: بي. اي. گريڊ: بيسٽڪ ٽيچر
ڇپيل ڪتاب: حياتيءَ جو حال
تنظيم سان وابستگي: ويلفيئر
ڏس پتو: گهر نمبر 1174 غريب آباد
نواب شاهه
فون: 64153

ڪافي

اڄ پيرين اڳرا اوهين ڇا لاءِ پريشان آهيو،
اکين ۾ پلڪن پيهاري تيل، برسات وسو.
الوداع سلامين سلام آخر ڪري آيا آهيون،
ها سڱ پيار جو هي پيس ورو پورڻ آيا آهيون.
ڪجهه ڪجهه پلاد پيو ويساري تيل، برسات وسو
اڄ ته مهمان آهيون، اڄ تي ويندا سين هلي،
ها ڪنهن خيال اوهان جي ۾ اينداسين هلي،
پڇي خدا حافظ مهيون هاري تيل، برسات وسو
جو هي سنگتا پيرن تنيڪ ته ڦالي ٻه ٿيو.
"علي عباس" ڪنهن خلڪ جو ٿلهي ٻه ٿيو،
هتي سان سيج سينگاري تيل، برسات وسو.

دونهين وانگر دکي دکي اسين پاهه ۾ ٿيا بيزار آهيون،
اسين اگرن وانگر اڄهي ٻري هاڻ چٽڪون ۾ ئي چار آهيون.
هوش وڃائي پيالا پي اسين يار ڳوليو،
مست موالي ملنگ ٿي ٻڄي پنهنجو پاڻ کي روليو،
اهڙي قسمت يار بنا آ پاڳل ۽ بيڪار آهيون
اسين اگرن وانگر......

ڪافي

يارن جي اها ٻاراڻي سڪرات ٿي وئي،
ڏينهن سڄو ۽ صبح اسان لاءِ ڪاري رات ٿي وئي،
ڪو نه اڪيون اڄ ڏسن ٿيون دلبر بيوس ۽ لاچار آهيون.
اسين اگرن وانگر......
ڪونه ايندا سڀ درد اسان جا دفن ٿي ويندا،
"علي عباس" سارا عضوا سنيري ڪفن ٿي ويندا،
جهاتي پائي ڏسن پلي، اسين ڪلهن تي ٿيا ته سوار آهيون.
اسين اگرن وانگر......

اوهين هوش ۾ هيڪلا، ڪريو ناز نويڪلا،
رهون اسين راهن ۾، رهو پاڻ ٿا پردن ۾.
ليڙون لتڙا وار وڏا هي ماڻهون چون ٿا مست آهي،
چپ ۾ چڱا آهيون ڪجهه نه ڪيون پر واڳ وڃهن ٿا مست آهي،
اسين ٿڪي ٿڙون ٿا ٿابن ۾، رهو پاڻ ٿا پردن ۾،

ڪافي

ڪوڙ ڪلن ٿا ڪي ته قداور گهوري ڏسن گهر بي در ۾،
چريو ڪونين پاڳل پي ٿا بيهوش جي بازار ۾،
اسين چوڙا ۽ چڻ چڻ پانهن ۾، رهو پاڻ ٿا پردن ۾،
"علي عباس" بحر ۾ ٻڄي آب ڪٺو تين لال متان،
تهه ۾ ٽڪي پڳو تارون ناهين چولين ۾ ڏين چال متان،
اسين وات رهون ٿا واڳن ۾، رهو پاڻ ٿا پردن ۾.

حسن جي عدالت ۾ عاشق اچن ٿا،
ڪٿي قرب وارا ويچارا ڪُسن ٿا.
ڪي جن جو پيار سي پريشان آهن، هزارين حسين به حيران آهن،
سوين سور سختيون، بي سهارا سهن ٿا.
عجيب هي آهي عشق جو عالم، ڪنهن گهر خوشي ۽ ڪٿي آهي ماتم،
سمهن سمنڊ ۾ ته به اجارا اٿن ٿا.
فقير ته فاقو فند نه ڄاڻي، حڪيم ته حالِ مريض سڃاڻي
بيماري جي باهه ۾ پلارا پچن ٿا.
هيڪاندي "عباس" حياتي گذاريم، جواني جدا ٿي پيري پرايم،
اونهارا جي اچن ته سيارا وڃن ٿا.

ڪافي

ٻاري دونهان دکون پيا، سهڻا اسين تو لاءِ سڪون پيا
ڏنا دنيا ڏنيءِ ڏکون پيا، پيارا پتنگ ٿي پچون پيا.
وس فقيري تنهنجا گدا، در در تو لاءِ پچون پيا.
پيارا پتنگ ....

ساهه وڃڻ جي سنبت ڪري، باقي ڏينهن چار ڪٽون پيا.
پيارا پتنگ ....

ڪافي

شمس جسم کي ساڙي ڇڏيو، ٿيو ماس ميڻ ڳرون پيا.
پيارا پتنگ ....

"علي عباس" ڇا هي ٿيو، آهي ڇا عشق سڪون پيا.
پيارا پتنگ ....

نالو: سيد طارق حسين شاهه لکياري

ادبي نالو: سيد طارق نقاش لکياري

جنم تاريخ: 1-4-1974

لکڻ جي شروعات: 1992

تعليم: بي. ڪام،

ڪرت: دُڪاندار

ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڪوڙ ساريون شاعري

تنظيمن سان وابستگي: سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه:

هاڻوڪو پتو: مڪان نمبر 39،

پينگوار ڪالوني نواب شاهه.

فون: 62125

وائي

وساري ڇڏ او بيوفا
مونکي صفا وساري ڇڏ

وساري ڇڏ غم ٿي سارا
تنهن عشق مان آب هاري ڇڏ.
وساري ڇڏ او بيوفا.

هن وطن تنهنجي چمن ۾،
جيون پنهنجا گهاري ڇڏ.
وساري ڇڏ او بيوفا.

سپنا اندر يادن اندر،
محلن ۾ پاڻ ماري ڇڏ.
وساري ڇڏ او بيوفا.

راهن ۾ تنهنجي رنگيل رهيو تنهنجو سيد طارق نقاش
اکين رنگيل زندگيءَ پيالو پنهنجين هٿن سان پياري ڇڏ.
وساري ڇڏ او بيوفا.

غزل

سچي سونهن سارو موهن جو ڏڙو
اٿر جو پيارو موهن جو ڏڙو.

سچي تاريخ ۾ سمايل ٿي آهي،
پڙهي هي وچارو موهن جو ڏڙو.

هرڊ جو احساس پيار هرڊ ٿي ته جاڳي
جهري پيو آ سارو موهن جو ڏڙو

لکي سچ لکيو آ هن ٿي ٿي هر هڪ،
سکن پيا محالورو موهن جو ڏڙو.

غزل

آڳين ڪو شيخ اياز ته ڳالهيان،
پوءِ ڇا اٿي پڙهيو پيارن پڙهايان.

سرمد سنڌي زاهد ڳالهيان،
گيت خوشيءَ جا ڪيئن سان ڳايان.

پير ولي پيغمبر ڳالهيان،
مِٺا ڪنهن جي ڪيئن ٻڌايان.

آئيان صرف ڳالهين "نقاش"
باقي ڪهڙا حال ٻڌايان

غزل

گهايل گهايل جذبا منهنجا،
رهن ڪومايل جذبا منهنجا.

قرب ڪنڌڙي ڪشتيءَ ويچهو،
راهون تهاڙيل جذبا منهنجا.

هر وقت ٿي چپ چپ رهن ٿا،
هيسر هراسيل جذبا منهنجا.

روح پيٽ ۾ سارا روولاڪ آهن،
روشن رهايل جذبا منهنجا.

سچ ته آهي ڪيترا آهن وچين ٻيا،
واٽيون وساريل جذبا منهنجا.

غزل

سچائي ته پيارو منهنجو ٿمر آهي،
غريبن جي دل ۾ سڪندي گهر آهي.

سچائي ته ڪالهه لکي ڪين سگهندي،
لڳيل هتي ته نظارو پيو ته امر آهي

ڪامورن ڪي ڪارڙ سچائيءَ تان لڳندي،
ظالمي پيالهءِ ۾ ٿي وهندو رهي آهي

سچائي جي سونهن آهي اڄ سچندي،
جيئن سنڌ ۾ اڀندي لهر آهي.

نقاش پيو سچ لکيو آهي تنهن،
سچ لاءِ پيار ظالم ڪهر آهي.

نالو: عبدالغفور تنيو
ادبي نالو: غفور گل تنيو
جنم تاريخ: 1-5-1980
لکڻ جي شروعات: 1998
تعليم. ايف.اي.
ڪرت: شاگرد.
ڇپيل/اڻ ڇپيل: ڪجهه شاعري
تنظيم سان وابستگي:
ڏس پتو: تنيه جنرل اسٽور هائوسنگ
سوسائٽي نواب شاهه سنڌ.

غزل

مي درد رسايو تو، آچا جي ڪاڻ پرين!
ٻين جي چوڻ تي يا، ڪي پنهنجو پاڻ پرين!

ڪڏهن تون پائي ڏس، هِن جيءَ اندر جهاتي،
هن دل جي اندر آ، دردن جي ڪاڻ پرين.

هوندي آ خوشي ڪِل ٻي، ڪڏهين ڪڏهين ساجن،
پر رهندي آ اڪثر، اڪين ۾ آلاڻ پرين.

اڇي هڪڙو تورو ڪر، هن "تنيي" تي پيارا،
تون منهنجو ٻچاءُ جيون، اڄ منهنجا هاڻ پرين.

غزل

دلبر ڪان ته درد سَنا هِن،
رهندا، ڏک، سک ۾ به ڪَنا هِن.

دلبر ويندو آهه رُسي پر،
آهي نه ڪڏهين رَنا هِن.

هڪ هڪ کي مان سانديان پيو،
ڇو جو سڀ ڪان منا هِن.

خدا تو جاڻي منهنجو غفور،
دل ۾ درد، سنا هِن.

واڻي

مون کي وٺي وئي،
رستي ويندڙ ڇوڪري !

ڪري وار اکين سان،
دلڙي ڪٺي وئي،
رستي ويندڙ ڇوڪري !

نظرن، سندا تير هڻي،
دل ۾ هٽي وئي،
رستي ويندڙ ڇوڪري !

منهنجي هن دل جو غفور
گيت بڻي وئي،
رستي ويندڙ ڇوڪري !

غزل

اڪيلي دل رهي ٿي،
ٻين سان پر نه ٿي،

مون ڪان رُنو آ ڇو پرين !
خبر اِها پوي ٿي،

سڄو ٿو ڏينهن مان رڳان،
اکين، ندي ڳٽي ٿي،

غفور ڪي ملي ٿو ڏک،
اهو ٻه ڏک سهي ٿي،

Soorih Mirani

نالو: غلام حسين اُنڙ
اصلي نالو: فقير غلام حُسين اُنڙ
جنم تاريخ: 6 اپريل 1963ع
لکڻ جي شروعات: 1990ع
تعليم: مئٽرڪ
ڪرت: سرڪاري ملازم
ائڊريس: ڳوٺ سالارو مراد
تنظيم سان وابستگي: نيوٽل
ڏس پتو: معرفت محمد علي اُنڙ حسيني
روڊ نواب شاهه سنڌ.

گيت

(سرائڪي)

آيا ساري جڳ دا. سردار بڻڪي
اِنسان تي انسون دا. مختيار بڻڪي.

لولي بشر دي، آيا بلندان.
تالڪوجهي ڪنيان دي پيار ڪرين دا.
آيا اِتائين احمد اعتبار بڻڪي.

اي راز عشق دا سارا هي ڦس ڳيا.
سارِيان دي دل وچ دلبر هي وس ڳيا.
آيا عجب اتاهين. اسرار بڻڪي.

غلام حسين جنهن دل سَهڻا تهين وس دا.
او زندهه هي پر جيئرا هي مَردا.
شافي محشر آيا اقرار بڻڪي.

ڪافي

موت منهنجي جو ٻڌندي تون،
هنڙا ڳوڙها پيو روئيندين تون
اڄ ڪري ويو مونکي اڪيلو
دنيا وارن کي چوندين تون.

جيڪري جاني ڪونه پڇيو تئي
ڪيڏو تئي تڙپايو
روح منهنجي کي منڙا جاني
ڪيڏو تو آ رنجايو
چرين وانگر رڙنديـن تون

تنهائيءَ ۾ يادون منهنجون
توکي ڇڏينديون ڏيجاري
سوچيندين پيو هر، هر تون
ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو ويچاري
پار ڪڏي پو پڇينديـن تون

غلام حسين جان ڇٽي پئي
لڪائيندي حياتي ڪٽي پئي
موڪلائي ملڪ پنهنجي مان
آخر دلڙي ٽٽي پئي
لوڙهه تن سان لتاڙيندين تون.

غزل

سهڻو سين ۾ آهين يار
دل جو ٿي ويو تو سان پيار.

ملڪ ساري ۾ تو جهڙو ناهي،
چنڊ جي آ تو ۾ چمڪار.

ڪير دلڙي تنهنجي حوالي،
مرضيءَ جو تون آهين مختيار.

جان جسم قربان ڪيان،
غلام حسين آ تنهنجي آڌار.

گيت

سچو پڪو پيار ڏنو يار مون کي دلي دلدار،
آهي گل منٺار، مون کي وٽي ناهي وار.

اسين آهيون ٻئي هڪ، جيئن منڊيءَ تي آ ٽِڪ،
ناهيون هڪ ٻئي کان ڌار، اٿم اهڙو اعتبار.

سهڻو دل ۾ تو وسي، ڪيان يار اٿي رسي،
لهي پل پل سار، اٿس پڪو اقرار.

آهي غلام حسين، ڏلي ٻنا بي چين،
آهي هيڻن جو هار، آهي سهڻن جو سردار.

Soorih Mirani

آخري لفظ

• وسيم سومرو جو اڄ جي نمائنده شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. هيءُ پنهنجي ٽهيءَ جو منفرد شاعر آهي ۽ مختصر وقت ۾ پنهنجو پاڻ مڃائي چڪو آهي. سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا: 'ياد جي نيري ندي'، 'سچ جي چانڊوڻي' ۽ 'دل جون لهرون' ڇپجي مڃتا ماڻي چڪا آهن. وسيم، نئين ٽهيءَ جو اُهو پختو شاعر آهي، جنهن وٽ نه رڳو پنهنجو ڊڪشن آهي، پر هن پنهنجن همعصرن تي به پنهنجا اثر ڇڏيا آهن، ۽ ڪيترا نوجوان، ڪيس شاعريءَ ۾ سونهون مڃين ٿا. اها مشاقي وسيع مطالعي، مشاهدي ۽ شعر و ادب سان لاڳيتي وابستگيءَ ئي حاصل ٿي سگهي ٿي.

وسيم، پنهنجي دوست بخشل باغيءَ سان گڏجي "سپ پبليڪيشن" نوابشاهه جو قيام عمل ۾ آندو آهي، جنهن پاران پهريون ڪتاب "رسول بخش رضا" ڏاهريءَ جي شاعريءَ جو مجموعو "ستارن جا رستا" ۽ ٻيو ڪتاب بخشل باغيءَ جي قومي شاعريءَ جو ڳٽڪو "سپنو سنڌو ديس جو" ڇپجي چڪا آهن، ۽ هي ٽيون ڪتاب، نوابشاهه شهر جي 76 شاعرن جي تعارف ۽ شاعريءَ جي مختصر انتخاب تي مشتمل "سپنا ساڳيءَ منڊ جا" آهي. هيءُ جاکوڙ ۽ تحقيق هنن ٻنهي همعصر دوستن جي سوچ ۽ سپني جي تعبير آهي، هن تحقيق وسيلي، هنن دوستن اهڙن وساريل، ماڻائتن شاعرن کي به ادبي افق تي ظاهر ڪيو آهي، جن کان نئين ٽهي واقف نه آهي. ساڳئي وقت اهڙن نون شاعرن کي به منظر عام تي آندو ويو آهي، جن مان مستقبل ۾ وڏيون اميدون رکي سگهجن ٿيون.

وسيم وانگر بخشل باغي به نوجوان ٽهيءَ ۾ خاص ڪري غزل ۽ بيت جي شاعريءَ ۾ نه رڳو پنهنجو نالو ڪڍي چڪو آهي، پر پنهنجو ڊڪشن،ڏانءُ ۽ رنگ سان سجاتو وڃي ٿو. هن خوش قسمت شاعر جا به شعري مجموعا "سمنڊ جي هن پار" ساڳي وقت "سپنو سنڌو ديس جو" منظر عام تي اچي چڪا آهن، ۽ ٽيون شعري مجموعو "مٽيءَ جي خوشبو" جلد ڇپجي پڌرو ٿيڻ وارو آهي. بخشل باغيءَ، شاعريءَ سان گڏ تحقيق جي رستي تي وک وجهي ثابت ڪيو آهي ته اسان جي نئين ٽهي رڳو ساراهه ۽ واهه واهه جي بُکي نه آهي، پر اُها پڻ جي قدرداني ۽ مڃتا به ڪري ڄاڻي ٿي، ۽ پنهنجي ادبي ورثي کي سنڀالڻ ۽ منظر عام تي آڻڻ ۾ بخل کان ڪم نه ٿي وٺي. هي 288 صفحن تي مشتمل ڪتاب، هنن ٻنهي دوستن کي ادبي دنيا ۾ هميشه زنده جاويد رکندو.

تاج جويو

Soorih Mirani

• نوجوان شاعر بخشل باغي 88ع کان شاعري ڪري پيو ۽ انهن 14 سالن جي دوران هو جنهن شاعريءَ جي آسمان تي وهائو تاري جيان چمڪي رهيو آهي، انهيءَ تاري مان چنڊ ۽ چنڊ مان سج بنجڻ ۾ مان پانيان ٿو ته هن کي ڪا گهڻي دير نه لڳندي. ڇاڪاڻ ته هن جي شاعري جو مناج، ان جي رواني، ان جي سونهن هن وقت ٻه نکري نروار ٿي چڪي آهي ۽ سنڌي ادب جي خوبصورت کيتر ۾ پنهنجو پاڻ ميڃائي چڪي آهي. جڏهن ٻه ڪو قومي سماج جديد شهري تهذيب ڏانهن وک وڌائيندو آهي ته ان سماج جي جديد شعور جون روشنيون ان جي قومي لکڻ تي ڏيئن جيان ٻرڻ لڳنديون آهن ۽ انهن ڏيئن ۾ ڪيتريون ئي ادب، فن ۽ شاعريءَ جون لاٽون پنهنجي سماج، قوم ۽ ثقافت جي سونهن ۽ سوڀيا ڪي جرڪائڻ لڳنديون آهن جنهن ۾ اهي اديب ۽ شاعر جڳ مڳائيندا آهن. بخشل باغي سنڌ جي قومي ادب ۽ فن جو هڪ اهڙو ئي خوبصورت ۽ من موهيندڙ ستارو آهي، جيڪو اسان جي پنهنجي قومي ادب ۽ فن کي روشني ڏئي ۽ بخشي رهيو آهي. مون کي اميد آهي ته هنجي شاعري اڃان وڌيڪ جدت ٻنجي جرڪندي ۽ مهڪندي رهندي.

خاڪي جويو

سپ پبلشرز نواب شاهه

جا ڇپايل ڪتاب

ستارن جا رستا (شاعري) رسول بخش رضا ڏاهري

سپنو سنڌو ديس جو (قومي شاعري) بخشل باغي

سپنا ساڳيءَ مَند جا (شاعري) سهيڙيندڙ: وسيم سومرو، بخشل باغي

ڇپائي هيٺ

بادل برسي ٿو (شاعري) بادل لرا

خيال خوشبو ستارا (ڪهاڻيون) منظور جوکيو

مٽيءَ جي خوشبو (شاعري) بخشل باغي

رنگ پنهنجي پيار جا (شاعري) ستار سُندر

سنڌوءَ جو پاڻي (طويل نظم) وسيم سومرو

ياد جي نيري ندي (شاعري) ڇاپو پيو- وسيم سومرو

سمنڊ جي هُن پار (شاعري) ڇاپو پيو- بخشل باغي

خط و ڪتاب لاءِ:

سپ پبلشرز پنگوار ڪالوني نواب شاهه، سنڌ

- وسيم سومرو جو اڄ جي ڄاڻنده شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. هو ، پنهنجي نهج، جو منفرد شاعر آهي ۽ مختصر وقت ۾ پنهنجو پاڻ مڃائي چڪو آهي. سندس شاعري، جا ٽي مجموعا: 'ياد جي ميرو ندي '، 'سڄ جي چانڊوڪي ' ۽ 'دل جون لهرون ' ڇپجي منظر عام تي اچي چڪا آهن. وسيم، نئين نهج، جو اهو پختو شاعر آهي، جنهن وٽ نه رڳو پنهنجو ڏکشن آهي، پر هن پنهنجي همعصرن تي به پنهنجا اثر ڇڏيا آهن. ۽ ڪيترا نوجوان، ڪيس شاعري، ۾ سونهون سمجهن ٿا. اها مشاقي وسيع مطالعي، مشاهدي ۽ شعر و ادب سان اڪيڊمي وابستگي، تي حاصل ٿي سگهي ٿي. وسيم، پنهنجي دوست بخشل باغي، سان گڏجي "سپ پبليڪيشن" نوابشاه جو قيام عمل ۾ آندو آهي. هي، جاڪوڙ ۽ تخليق هن پنهنجي همعصر دوستن جي سوچ ۽ سپني جي تعمير آهي. هن تخليق وسيلي، هن دوستن اهڙن وساريل، ماٺائين شاعرن کي به ادبي افق تي ظاهر ڪيو آهي، جن کان نئين نهج واقف نه آهي. ساڳئي وقت اهڙن نون شاعرن کي به منظر عام تي آندو ويو آهي، جن مان مستقبل ۾ وڏيون اميدون رکي سگهجن ٿيون.

تاج جويو

سهيڙيندڙ

وسيم سومرو
بخشل باغي

- نوجوان شاعر بخشل باغي اڄ کان شاعري ڪري پيو ۽ انهن 14 سالن جي دوران هو جنهن شاعري، جي آسمان تي وهائو تارو ٿي چمڪي رهيو آهي. انهي، تاري مان چنڊ ۽ چنڊ مان سج سنجڻ ۾ مان يقين رکان ٿو ته هن کي ڪا گهڻي دير نه لڳندي. جاڪاڻ ته هن جي شاعري جو معيار، ان جي رواني، ان جي سونهن هن وقت به نکري نروار ٿي چڪي آهي ۽ سنڌي ادب جي خوبصورت ڪيتر ۾ پنهنجو پاڻ مڃائي چڪي آهي. بخشل باغي سنڌ جي قومي ادب ۽ فن جو هڪ اهڙو ئي خوبصورت ۽ من موهيندڙ ستارو آهي، جيڪو اسان جي پنهنجي قومي ادب ۽ فن کي روشني ڏئي ۽ بخشي رهيو آهي. مون کي اميد آهي ته هن جي شاعري اڃان وڌيڪ ڇنڊ ڇاڻ ڪندي ۽ مهڪندي رهندي.

خاڪي جويو

Cover Design: rawal

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي , تون لوچو وهه لوپار

صاحب خان ٫سورهه٫ ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488